
رُتي آهي کَھوٽ سان
الطاف شيخ

# رُني آهي گهوٽ سان

# رُڃي آهي ڳهوٽ سان

(ڀاڪُر ۽ چوٽيون)

## الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
2001ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺانوي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزرس | عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ<br>سسٽم، لجپت روڊ حيدرآباد سنڌ. |
| ڪمپيوٽر آپريٽر | بشير جمالي، حبيب قادر قريشي |
| پهريون ايڊيشن | فيبروري 1996ع |
| ٻيو ايڊيشن | اپريل 2001ع |
| قيمت | 90/- رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

RUTHI AAHE GHOT SAAN (Proverbs) by ALTAF SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition February 1996.

Second Edition April 2001.

Price Per Copy Rs. 90/-

Book No. 198

# فهرست

| | |
|---|---|
| پنهنجي طرفان ــــ الطاف شيخ | 11 |
| هرفن مولا ـ الطاف ــــ قمرشهباز | 14 |
| مهاڳ / پيش لفظ ــــ آفتاب ابڙو | 19 |
| مهاڳ ــــ قاسم ٻگهيو | 27 |
| سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون | 40 |
| ملئي پهاڪا ۽ چوڻيون | 123 |
| چيني پهاڪا ۽ چوڻيون | 147 |
| جپاني پهاڪا ۽ چوڻيون | 173 |

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- انامیڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي پيڙيون رکيل پاڄهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جن ساٿيهه
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جن سيوين
10- سي ئي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون ڪيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇاڇو ديس، ڇاڇو وديس
15- جاني تہ جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهن جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمنڊ جو
21- موج نہ سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- پارن جون آڪاڻيون
26- مس سدا بهار چنبيلي
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ
30- ماستر هريام جو بٽنڪاڪ وڃڻ
31- ڊنگيءَ منجهہ درياهہ
32- ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آڪاڻيون
33- جت جَرَ وهي تو جال
34- يادين جي انڊلٺ
35- ڳالهيون آهن ڳچ
36- اي جرني ٽو ٿائلينڊ
37- سوزيءَ سان پيار
38- Proverbs of Far- East
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٿي جام
43- ڪراچي کان ڪوبن هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رني آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون

# پنهنجي طرفان

هي پهاڪا ۽ چوٽيون گهٽ ۾ گهٽ 1965ع کان گڏ ڪندو اچان. ڪٿي ڪو پهاڪو پڙهيو يا ڪنهن کان ٻڌو ٿي ته نوٽ ڪيم ٿي. خاص ڪري پوڙهن هندو سنڌي دڪاندارن کان ڏاڍا ٻڌا اٿم. وچ ۾ ڪجهه عرصو ڇڏي به ڏنم، شايد هي اهو دور هو جڏهن منهنجو جهاز بندرگاهه ۾ گهٽ بيهندو هو ۽ سمنڊ تي گهڻو هلندو هو. ان بعد ڏور اوير جي ملڪن ۾ رهڻ دوران- خاص ڪري جپان، چين ۽ ملائيشيا ۾، اتي جي ڳوٺاڻن کي ڳالهه ڳالهه ۾ ڪا چوٽي استعمال ڪندو ٻڌي انهن زبانن جون چوٽيون ۽ پهاڪا پڻ گڏ ڪرڻ لڳس.

جيتوڻيڪ شروع ۾ ڇپائڻ جو خيال نه هو. ائين ئي پنهنجي لاءِ گڏ ڪندو ويس پر پوءِ ملائيشيا ۾ يڪا سارا ست اٺ سال رهڻ واري دور ۾ اتي جي ملئي ادبي دوستن صلاح ڏني ته اهي پهاڪا ڇپرايا وڃن، خاص ڪري ملئي زبان جا. ڇو جو ان وقت تائين ملائيشيا ۾ ڪوبه ملئي پهاڪن (ملئي زبان ۾ پهاڪن کي 'پِري پهاسا' Prebahasa چئجي ٿو) جو ڪتاب نه ڇپيو هو.

ملئي پهاڪن کي ڇپائڻ وقت اهو سوال پيدا ٿيو ته انهن کي ڪهڙي طرح سان ترتيب ڏنو وڃي. الفابيٽ جي حساب سان يا مختلف عنوانن هيٺ رکيو وڃي. پهاڪن جي معنيٰ ۽ اصل نسل به ڳولي ڏنو وڃي يا نه. ان بحث ۾ سال ٻه ٻيا به نڪري ويا. آخر اتي جي (ملائيشيا جي) اديبن اها صلاح ڏني ته في الحال جيئن آهن تيئن ڇپايا وڃن. ڊڪشنرين وانگر پهاڪا به ڪنهن جي ملڪيت نه آهن. دير سان يا نه ڇپائڻ کان بهتر آهي ته جيڪي آهي اهو ڇپجي وڃي ته سٺو، پوءِ بعد ۾ ٻيا اديب ان کي سڌاريندا ۽ تبديليون آڻيندا رهن. اهڙي طرح اهو ڪتاب 'Proverbs of Far East' جي نالي سان ڇپيو جنهن جا پيش لفظ ملائيشيا جي جهوني ۽ مشهور افسانه نگار ڪرس ماس ۽ 'Daughter of East' جي ليکڪا بينظير ڀٽو لکيا.

مٿيون ڪتاب نہ فقط ملائشيا ۾ پر جپان، چين ۽ ڏور اوڀر جي ٻين ملڪن ۾ ڪافي پسند ڪيو ويو. پاڪستاني انگريزي اخبار Dawn ۽ هيرالڊ ۾ ان تيReview پڻ آيا. ان ڪتاب ۾ ملئي پهاڪن سان گڏ جپاني ۽ چيني پهاڪا پڻ شامل ڪيا هئم. ان ڪتاب بعد منهنجي ڪيترن سنڌي اديب دوستن ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي صلاح ڏني. مون سوچيو تہ نہ فقط ان ڪتاب جا ملئي، چيني ۽ جپاني پهاڪا پر سنڌي پهاڪا پڻ ان ۾ شامل ڪيا وڃن. اهو سوچي هي ڪتاب"رنّي آهي گهوٽ سان...." تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو نالو "رنّي آهي گهوٽ سان ڳالهائي نٽي ڳوٺ سان"، چوٽيءَ تان کنيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌي يا ٻين زبانن جا مڙيئي پهاڪا نہ آهن. بس ائين کٽي چئجي تہ هيءَ منهنجي ذاتي Collection آهي. ان کي اڃان بہ وڌائي سگهجي ٿو. اڃان بہ بهتر ڪري سگهجي ٿو. پر اعليٰ کان اعليٰ شيءِ جي تخليق جي چڪر ۾ ائين ٿي وينو رهجي يا لاڏائو ڪري وڃجي، ان کان بهتر آهي تہ جيڪي حال حبيبان ٽي سگهي في الحال اهو پيش پريان ڪيو وڃي.

هن ڪتاب جي صورتحال ۽ گرامر جي چُڪن جي درستيءَ لاءِ هڪ دوست تاج بلوچ کي عرض ڪيم. هو مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيو تہ هن ۾ ايتريون اوٺايون پوٺايون آهن جو صحيح شڪل ۾ آڻڻ لاءِ وڏو وقت کپي. بهرحال منهنجي چوڻ تي هن ۽ آفتاب ابڙي صاحب جيڪا تورو گهڻو مٿاڇري ميڪ اپ ڪئي آهي ان لاءِ سندن ٿورائتو آهيان. باقي جيڪي غلطيون رهيل آهن انهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن جو ٿورائتو آهيان.

مٿيون ڪمزوريون منهنجن ٻين ڪتابن ۾ بہ جام آهن، جن لاءِ منهنجا اديب دوست ۽ مهربان پڙهندڙ پڌائيندا رهن ٿا، پر ان معاملي ۾ منهنجي سڌرڻ جٽي اميد گهٽ ٿي آهي. آئون سنڌي ٻوليءَ جو اهو اديب آهيان جنهن جو 1963ع کان وٺي گهڻو وقت سنڌ کان ٻاهر گذريو آهي. جتي سنڌي ڳالهائڻ يا ٻڌڻ جو ورلي ڪو موقعو ملي ٿو. ان کان علاوه آئون اهو اديب آهيان جنهن جو گهڻو وقت (جهازن توڙي بندرگاهن ۾) اديبن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن سان

ملڻ بدران پاڻ جهڙن جهازي مسترين ۽ ماڇي مهاڻن ساٿين سان گذري ٿو. سو اهڙي صورت ۾ سنڌي جي صورتخطي ۽ گرامر وغيره ڪيئن ٿي سڌري سگهي. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمنٽ ۾ چانهه پيارينڊڙ پٽيوالي جي زبان سڌرڻ جي اميد ضرور ٿي سگهي ٿي، پر جهاز جي ٻارهن هزار هارس پاور جي هلنڊڙ انجن واري ڪمري ۾ يونانين، چينين، پٺاڻن ۽ مڪرانين سان ڪم ڪندڙ مون جهڙي جي گرامر ڇا سڌري سگهي ٿي، سا به هن عمر ۾! سوچڻ جي ڳالهه آهي.

هڪ ٻي ڳالهه ته ٿاهي ٿاهي سوچي سوچي، لکڻ سان شايد (يعني پڪ نه اٿم) ڪجهه بهتر لکي وڃان. پر جنهن رفتار سان مونکي لکڻ لاءِ ڳالهيون ڏيان ۾ اچن ٿيون ان حساب سان ايترو وقت نه اٿم جو زبان جي Cosmetics کي ڏئي سگهان. بس اهوئي سوچي مطمئن ٿيندو آهيان ته هي رنڊيا روڙينڊي جيڪڏهن پڙهندڙ ٿائين منهنجو Message پهچي ٿو ۽ هو ان کي سمجهي به ٿو ته مون لک ڪٿيا. نه ته اڄ جي Electronic Media ۾ ڪنهن کي وقت آهي ڪتاب يا اخبار پڙهڻ جو.

الطاف شيخ

ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 12292
ڊفينس سوسائٽي، ڪراچي 75500

# هر فن مولا- الطاف

الطاف شيخ جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد هاڻي خيرن سان پنجاهہ جي ويجهو اچي پهتو آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ليکڪ لاءِ ان کان وڌيڪ خوشيءَ ۽ فخر جي ٻي ڪهڙي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي تہ هو ايترين سارين تصنيفن جو مالڪ هجي ۽ پڙهندڙ سندس هر نئين تصنيف کي هٿوهٿ کڻي وڃن. نہ رڳو ايترو بلڪ انهن ڪتابن جا ڇاپا مستقل طور ٻيهر مارڪيٽ ۾ ايندا رهن. منهنجي خيال ۾ ڪوبہ ناميارو ليکڪ ان کان وڌي ڪنهن بہ اعزاز جي تمنا ڪري ئي نٿو سگهي. نوجوانن کان وٺي ٻڍن تائين، شاگردن کي ويندي دڪاندارن ۽ واپارين تائين الطاف جو نالو ئي بهترين تفريح، ڄاڻ ۽ تربيت جي ضمانت آهي. هنجي سادين سودين لکڻين جو جادو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهي. سندس هر نئين تجربي جو انتظار نہ صرف پڙهندڙن کي رهي ٿو، بلڪ پبلشر بہ ڏينهن ڳڻيندي گذاريندا آهن.

ايتري ساري مقبوليت، ساراهہ ۽ عقيدت جي باوجود الطاف اڄ بہ اهوئي ساڳيو سادو، شريف، گهٽ ڳالهائو، شرميلو ۽ اٻوجهہ انسان آهي، جيڪو ڏهہ ڏهائيون اڳ هو. هن ڪڏهن بہ پنهنجي مقبوليت کي ڪاميابي جي ڏاڪڻ طور استعمال نہ ڪيو آهي. وڏي واڪ پنهنجي ادبي حيثيت جي دعويٰ نہ ڪئي آهي. انعام اڪرام توڙي اعزاز جي تمنا نہ ڪئي آهي. سيلاني آهي. پنهنجا مشاهدا ڪاغذ تي اتاريندو، ٻئي سفر تي روانو ٿيو وڃي. پنتي موٽي نهارڻ سکيو ئي ناهي. اسان جي ادب ۾، جتي پنهنجي منهن ميان منو ٿيڻ جو رواج تمام سينيئر ليکڪن وڌو آهي، اتي الطاف جي حيثيت ۽ قدوقامت هڪ راڪاس جيڏي ضرور آهي، پر سندس عجز ۽ انڪساريءَ کيس پاڻ کان ڏهين پتي گهٽ لکندڙن آڏو بہ حجاب ۽ احترام وچان ڪنڌ جهڪائي جهيڻي آواز ۾ مختصر جملا ڳالهائڻ ئي سيکاريو آهي. ادبي تڪبر، پاڻ پڌائڻ ۽ صدارتي ڪرسيون تاڙڻ هن جي فطرت ۾ شامل ناهي. تقرير

ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهہ ناهي. اڪيلو ڪنهن بہ تقريب ۾ ويندي شرمائيندو آهي. جاهل جي ٻاڪن تي دل ئي دل ۾ ڪلندو ضرور هوندو، پر ٻڌندس ايڏي غور سان جو لڳندو تہ ڪانئس بہ ڪجهہ پرائي رهيو آهي. انهن سيني خوبين جي پياري مالڪ، نهايت ئي خاموشيءَ سان سنڌي ادب کي اهو ڪجهہ ڏنو آهي، جو جيڪڏهن ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ لکيو وڃي ها تہ الطاف جيڪر ڪيترن ئي سرڪاري توڙي غيرسرڪاري اعزازن جو مالڪ هجي ها، ڪانہ ڪا يونيورسٽي سندس خدمتن جي عيوض کيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري عطا ڪري چڪي هجي ها ۽ حڪومت کيس سندس صلاحيتن، قابليت توڙي تجربي جي آڌار تي مناسب منصب تي فائز ڪري چڪي هجي ها. ڪانئس گهٽ محنتي، گهٽ قابل ۽ گهٽ لڳن وارا ليکڪ Self - Promotion ۽ پي آر جي آڌار تي يا تہ اعليٰ عهدن تي پهتل آهن، يا وري ڪنهن نہ ڪنهن بهاني پلاٽ، پرمٽ ۽ پي مينٽ وٺيو پنهنجي مالي توڙي ادبي شهنشاهيت قائم رکيو ويٺا آهن. اهڙي ماحول ۾، ايتري ناقدريءَ جي باوجود، مون الطاف کي ڪڏهن بہ شڪايت ڪندي نہ ٻڌو آهي ۽ نہ وري ڪڏهن سندس پيشانيءَ تي ڪڏهن ڪو گهنج ئي ڏٺو اٿم. هُو پنهنجي ڪم ۽ چاهيندڙن جي محبت کان ايترو تہ مطمئن آهي جو صلي جي پرواهہ ڪئي بغير ماٺ ميٺ ۾ ڪتابن مٿان ڪتاب گهڙيندو ٿو وڃي. اڃان جوان آهي؛ اها رفتار رهيس تہ ايندڙ چند سالن ۾ سَوَ کي ڌڪ هڻندو. خدا ڪري ائين ٿئي؛ جي ائين ئي ٿيو تہ پوءِ اهو ڪارنامو جديد سنڌي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت حاصل ڪري وٺندو، جنهن تائين پهچڻ لاءِ ڪنهن ٻئي الطاف جي ضرورت پوندي.

هيءُ ڪتاب سفرنامن کان ٿورو هٽي، محاورن، چوٽين ۽ ٻهاڪن تي ٻڌل ضرور آهي، پر ليکڪ پنهنجي سمونڊ، ساحل ۽ سڙهہ واري خلش کان اڃا تي نہ سگهيو آهي. پرڏيهہ جي خوشبو هر سٽ ۽ هر صفحي تي موجود آهي. سنڌي پهاڪا ۽ چوٽيون اهي گڏ ڪيون اٿس، جيڪي بيوطن سنڌين کان ڏيساور ۾ ٻڌيون اٿس. مَلئي، چيني ۽ جپاني محاورا پڻ، اهي جيڪي اسان جي قومي مزاج سان ٺهڪي ٿا اچن. ڇڏي ڪوڏي بہ نٿو. جيڪي مليس ٿو

سو ميڙي چونڊي، امانت سمجهي، نهايت ئي ايمانداريءَ سان اچي ٿو ديس واسين جي جهول ۾ وجهي. ڪهاڻيون هجن، چرچا پوڳ هجن توڙي انگ اکر هجن، جيڪي جتان مليس ٿو، وجي ٿو گڏ ڪندو. پيو ته ٺهيو، پر شاگردن جي لاءِ ولايتي ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن جي واقفيت، انهن ۾ داخلا وٺڻ جا طريقا ۽ ڪورس جا تفصيل پڻ جمع ڪري، ڪتي نه ڪتي سوڙهه سنگهوڙ ۾ جڳهه بنائي، ڇپائي ڇڏيا اٿس ته جيئن اڻ سُنهن ڪي توري گهٽي واٽ نظر اچي. ترجما ڪيا اٿس ته جيئن پنهنجي ۽ ٻاهرئين ادب جي رفتار ۽ معيار ڪي پيٽي سگهجي. انهن مڙني خوبين ڪيس نه رڳو ماڻهن ۾ محبوب بنايو آهي، پر گڏوگڏ محنت، جاکوڙ ۽ جدوجهد جي علامت پڻ بنجي پيو آهي. ڪوبه نئون ليکڪ سندس ڪوشش ۽ ڪاوشن مان سبق حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ساڳئي طرح ڪوبه جهونو اديب جڏهن قلم وهائي تڪجي پوي، ته الطاف جي پورهئي ڏانهن نهاري، منجهانئس اتساهه حاصل ڪري سگهي ٿو.

چوٽيون ۽ پهاڪا هر قوم جي تواريخ، ثقافت ۽ روايتن جو عڪس هوندا آهن. منجهانئن ماضيءَ جو اولڙو پوندو آهي ۽ مستقبل جو تصور اڀرندو آهي. هر چوٽيءَ پويان ڪانه ڪا ڪهاڻي پوشيده هوندي آهي ۽ هر محاورو تواريخ جي ڪنهن نه ڪنهن واقعي جي علامت هوندو آهي. اظهار جا اهي ذريعا عوامي سوچ، مزاج، ذهني لاڙن، نفسياتي جهڪاءَ ۽ تواريخي پس منظر جا مظهر هوندا آهن. نه راتو رات جڙيا آهن ۽ نه شاهي ايوانن ۾ نپنا آهن. عام ماڻهوءَ جي سوچ جو نچوڙ آهن، ان ڪري صدين کان زنده آهن ۽ ٻوليءَ جي زنده رهڻ تائين حياتي ماڻيندا.

تحقيقي ذهن رکندڙ عالمن کي گهرجي ته اهڙن علمي گوهرن جا پڻ بنياد ڳولڻ لاءِ ميدان ۾ اچن. ائين ڪرڻ سان وڃايل تواريخي ڪڙيون ملنديون، نفسياتي اوڻاين تان پردو کڄندو ۽ آئيندي قومي ذهني صحت سڌارڻ ۾ مدد ملندي.

اها حقيقت آهي ته هن صنف تي ڪجهه ڪتاب اڳ به ڇپيا آهن، پر

عوامي ذخيرو ايڏو تہ گهڻو ۽ وسيع آهي جو باقاعدي، منظم طريقي سان ريسرچ ڪرڻ کان سواءِ مڪمل تسلي ٿيڻ ممڪن ناهي. ان ڪم ۾ مشڪلاتون بہ گهٽيون آهن. مختلف علاقن ۾ ساڳي ئي پهاڪي کي مختلف انداز ۾ ادا ڪيو ويندو آهي. قومن، ذاتي، قبيلن ۽ ماڳن وغيره متعلق پهاڪا پڻ متضاد عصبي لاڙا رکن ٿا. ان کان سواءِ تمام وڏو ذخيرو پهاڪن ۽ چوڻين جو، ورهاڱي وقت هندستان ڏانهن لڏي ويل هندو پاڻ سان گڏ کنيو ويا. اُن جي اهميت ان ڪري پڻ محسوس ٿئي ٿي جو سماج، مذهب ۽ ثقافت جي اها ايڪائي هڪ خاص ۽ جدا ذهني لاڙي جي مالڪ هئي، جنهنجي اظهار جو ذريعو پڻ ڪجهہ قدر مختلف نوعيت جو هُئو. سندن سوچ شهري، پيشو نوڪري يا وڻج واپار، سماج گهڻي ڀاڱي آزاد، تعليم سرس ۽ سياسي سجاڳي سَجيهہ هئي؛ ان ڪري اهي سڀ شيون سندن گفتگو توڙي Expression مان مختلف انداز سان جهلڪنديون هيون. الطاف سچي دنيا گهمي آهي ۽ ڪيئي بار گهمي آهي. هن کي اڪيچار موقعا مليا آهن تہ هُو اهڙن سنڌي خاندانن سان گهلي ملي ڳالهائي، جيڪي ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ سنڌ ڇڏي وڃي، پرڏيهہ ۾ آباد ٿيا؛ کانئن ٻوليءَ جي اها چاشني چکي، جيڪا هاڻي شايد نہ سنڌ ۾ رهي آهي ۽ نہ وري هند ۾. اهو ڪم ڏکيو آهي ۽ الطاف جي مزاج مطابق پڻ ناهي؛ پر هن هڪ انوکي انداز ۾ شروعات ڪئي آهي. بنان عالمائي معتبرائيءَ جي، هن درويش جيڪي ۽ جيئن ٻڌو آهي، سو لکي وجي پار پيو آهي. باقي ڪم ان ميدان جي ڪهنہ مشق ڪيڏارين مٿان ڇڏيو اٿس تہ هُو ڪيئنءَ ٿا ويهي اڳيون پويون ٻوٽيون پٽي، لفظن ۽ جملن کي پاڻ ۾ پيئي، هڪ جامع معياري ۽ مڪمل ڪتاب عام کي آڇين. هُن عام راهہ تان هٽي، هڪ ٻي بہ نواڻ پئدا ڪئي آهي. محاورن ۽ چوڻين جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهائڻ خاطر ٽوٽڪا، ٽوڳ يا واقعا تفصيل سان ڏنا اٿس، جيڪي پنهنجي دلچسپيءَ سبب ڪتاب جي جان بنجي ويا آهن. اهڙو پيرايو صرف الطاف ئي اختيار ڪري سگهي ٿو. سنجيده محقق کي شايد اها حرڪت اگري لڳي؛ پر پوءِ الطاف ڪٿي بہ نہ سنجيده هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ نہ وري محقق هئڻ

جي. هُن تہ پنهنجي طرفان مڪمل ڪتاب ڏيڻ جي مالڪيءَ تان پڻ هٿ ڪنيو آهي. چيومانس: ”توري محنت ڪري، هن موضوع تي ٻيا ڪتاب پڙهي، ماڻهن سان ملي، ڪجهہ وڌيڪ مواد حاصل ڪري جيڪر هڪ مڪمل چاڻيتي ڏين ها تہ بهتر.“

چيائين: ”اهو ڪم منهنجو ناهي. پلي تہ ٻيا وجي ان تي وڌيڪ ڪم ڪن. مون کي جيڪو مواد سفر دوران هٿ آيو، اهو پنهنجي انداز ۾ ڪٽي چاپيو اٿم. وڌيڪ جيڪو ڪم جنهن کي سونهين، سو ڪري.“

مون کي الطاف جي خلوص تي يقين آهي. هن پنهنجي طرفان، معمولي ئي سهي، هڪ سوکڙي وڌيڪ سنڌي پڙهندڙن کي ڏني آهي. سمونڊ ۾ هڪ ڦڙي جو اضافو ڪيو آهي. سندس اهي ئي وَڏَ ڪيس وڏو انسان بنائڻ لاءِ ڪافي آهن. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي تہ جيئن هُو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ديس واسين جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهي. اسان سڀني جون دعائون هميشه سائس گڏ رهنديون.

قمر شهباز
23- اپريل، 1995
ڪراچي

ائڊريس:
قمر شهباز
60-B, 17th Street,
Khayaban - e - Badban
Phase V, Defence Society.
Karachi,
Tel: 5853632, 5876261

# مهاڳ / پيش لفظ

الطاف شيخ جي مهانتا صرف ان ڪري نہ آهي تہ هو عام زندگيءَ ۾ نهايت صاف گو ۽ کرو ماڻهو آهي، يا هن اڌ دنيا جي معلومات اسان تائين پهچائي آهي، بلڪ هو ان لحاظ کان بہ وڏو ماڻهو آهي، جو هن پنهنجي لکڻين ذريعي لکين پڙهندڙ پيدا ڪيا آهن. مون ڪيترن دوستن کي ڏٺو آهي، جن کي چڱي معلومات وارو ڪتاب هٿ ۾ ڪٺندي ئي ٻرو چڙهي ويندو آهي، پر جڏهن اُهي الطاف شيخ جو ڪو سفرنامو ڏسڻ کان وٺندا آهن تہ پڙهي پوري ڪرڻ کان اڳ، موٺائي ڏيڻ جو نالو ئي نہ وٺندا آهن. ڪتاب جتان بہ شروع ڪيائون، ان کي اڌ ۾ ڇڏي، مهڙ کان پڙهڻ لڳندا آهن. اهڙي نموني منجهن پڙهڻ جي هيرَ پئجيو وڃي.

الطاف شيخ دنيا جي جنهن بہ ڪنڊ ۾ ويو آهي، اتان ڪانہ ڪا وٿ وندي آيو آهي، هن دنيا جي هر وٿ کي "اُلٽي اک" سان ڏٺو آهي، جنهن ۾ ڪيس، سنڌ، سنڌ سان واسطو رکندڙ شيون نظر آيون آهن. ڪيس بينڪاڪ گهمندي، بوبڪ نظر آيو آهي، تہ سئزرلينڊ ۾ بہ سيوهڻ جا سير ڪندو رهيو آهي. جتي بہ ڪيس اعليٰ انساني قدر، اوچي ڳاٽ نظر آيا آهن، اُتي هن ـ سنڌ کي ياد ڪيو آهي تہ ڪاش اُهي گڻ اسان جي ماڻهن ۾ هجن تہ هوند اسان بہ اڄ انهيءَ پَدَ تي هجون ها. اُها دنيا جي ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جو هن ذڪر نہ ڪيو آهي! جديد ترين موٽر گاڏين کان وٺي، ڪاغذن جي ٽڪرن کي سليقي سان اچلائڻ تي هن لکيو آهي. ماڻهن جا اُهي ڪهڙا گڻ يا اوگڻ هن کان اوجهل رهيا آهن.

الطاف شيخ لکيو آهي، خوب لکيو آهي. اهو نہ ڏسندي تہ ان ۾ گرامر جون غلطيون آهن، يا محاوري جا مونجهارا، پر هن لکيو آهي. سچائيءَ سان ، همت سان، صرف هڪ جذبي خاطر تہ اِهي ڳالهيون، اسان وٽ هجن، اسان جا نوجوان ايتري محنت ۽ لڳاءَ سان ڪم ڪن، جو جرمني، جپان، سنگاپور

سان منهنجي پيرن تي هٿ نہ رک، مون کي ماني ڏي ۽ پلي پادر مٿي تي هڻ. ان لاءِ سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ ”پلي بک پرم جي شال نہ وجي شان.“ يا کي ايئن چون تہ ”ماني کاڻ ماڻُ نہ وڃائجي“. هر قوم جا پنهنجا سماجي رويا ٿين ٿا. انهن جي اپياس جو بهترين ذريعو ان قوم جا پهاڪا ۽ چوڻيون آهن. پهاڪا اجتماعي شعور جو نچوڙ هوندا آهن، جيکي صدين پڄاڻان ٺهندا آهن. پهاڪا ڏور بيت يا عام شاعريءَ وانگر ڪونہ ٺاهيا آهن، اُهي مختلف سُچيتن جي سوچ مان گذري پاڻ مرادو عمل ۾ ايندا آهن. ها، البت ايئن بہ ٿيو آهي تہ ڪچهريءَ ۾ ڪن گوهرن گفتا چيا، جن ۾ ايتري تہ گهرائي ۽ مشاهداتي سگهہ هئي، جو جن ٻڌا، انهن جي هِنئين ۾ هُري ويا ۽ آهستي آهستي لوڪ پَڌاريا ۽ عام ٿي ويا. اسان وٽ اهڙا مثال بہ آهن، جو ڪن شاعرن جو سٽون پهاڪن طور استعمال ٿيون آهن، جيئن شاهہ ڪريم جون هي سٽون:

”هٿ ڪار ۾ دل يار ڏي،“
”منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ پئي ڪڇي اُپ“
”سيئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لاءِ“
”پاٽي سپ ڪا پري، ڪا پورهيي لاءِ ڪا يار لاءِ“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون سٽون:

”جو وڻ جُڙي جن سين، سي ئي سو وڻ ڪن،“
”محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌي هيڪڙو“
”ڪانہ ڪا وينئي هوتُ پڇڻ هٿ تي“

شيخ اياز چوائي:

”ڊوَ بنان ڊوليا ناهي، ساڃهہ سونهن جي“

سٽون تہ سوين، پر هر سٽ پهاڪو نٿي بنجي. پهاڪي لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ ڪا حڪمت هجي، ڪو سونهون اسرار هجي، ڪو نصيحت ڀريو نڪتو هجي. انهن لفظن ۾ اهڙي گهرائي هجي، جو هڪوار دل مڃي تہ چوندڙ سچ ٿو چئي. واقعي زماني ۾ ايئن پيو ٿئي. جيئن:

"جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو متو نہ ٿئي"
"پوءِ ڍائي کان قرض نہ کڻجي، توڙي لک لُٽائي"
"جن جي گنديءَ ۾ داڻا، تن جا چريا بہ سياڻا"

سنڌي پهاڪا، پنهنجي سٽاءَ ۾ وزن رکن ٿا، ڀلي اهي هڪ سٽ تي مبني ڇو نہ هجن، پر انهن ۾ ردم هوندو، لئي هوندي، چوڻ ۾ سهنجائي هوندي. ڪي پهاڪا تہ مورڳو بيتن جيان ٿين، پر سولائي خاطر انهن جا اڳيان يا پويان بند استعمال ٿين ٿا. جيئن عام پهاڪو آهي تہ "ڀلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان" ان جي ٻي سٽ آهي، "الله ڏئي ايمان، گوڏا ڏئي گذارجي" يا جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ 'جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو متو نہ ٿئي'. اهو پهاڪو اصل ۾ هن ريت آهي:

ڪوڻ ڪي پاڻيءَ جان، پيئڙي پياريم ڪماند،
نڪو زهر زمين ۾، نڪو ڏاتوري ڏر پاند.
ڪمائي ڪم ذات سان، وڃي ٿي وڙ واند،
جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو متو نہ ٿئي.
(ڪُوڻ = آڪُ)

يا هڪ ٻيو پهاڪو ڏيندا آهن تہ:

"لاهي ويهہ لنگها، آريجن مان آسرو"

اهو سڄو پهاڪو هن ريت آهي.

"لاهي لنگها ويهہ، آريجن مان آسرو،
پني پراتو ڏيهہ، اڇي ڪاءُ آريجن ۾."

(آريجا= هڪ ذات ۽ تعلقي ڏوڪري جو مشهور شهر)

سنڌي پهاڪا، گهڻي قدر تجنيس حرفي تي ٻڌل هوندا آهن، انهن جو خيال ڪرڻ گهرجي. ڪنهن کي بہ اهو حق نٿو پهچي تہ هو پهاڪن سان هٿ چراند ڪري ۽ پنهنجي مرضي مطابق انهن ۾ ڦير گهير ڪري، مثال ڪو چوي تہ:

"سيءِ ڪو پاڻ کي سير ٿو سمجهي ۽ پاءُ ڪو ڪونہ سڏائي"

هاڻي جڏهن سير جو رواج ختم ٿي ويو آهي، ان جاءِ تي ڪلو 'Kilo' وجهون تہ ايئن هرگز روا نہ آهي.

پهاڪن کان پوءِ چوٽين جو درجو آهي، انهن ۾ به ڪانه ڪا سمجهه پري ڳالهه سمايل هوندي آهي. ڪونه ڪو نصيحت جو نُڪتو هوندو آهي. چوٽين ۾ ايتري گهرائي ڪانه هوندي آهي، جيتري پهاڪن ۾. اسان کي بهرحال چوٽين ۽ پهاڪن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ ڪلهه انهن شين جو رواج ختم ٿيندو پيو وڃي. هن ڪم دوران مون ڪافي دوستن کان پهاڪا پڇيا، هنن نهڪر ۾ جواب ڏنو. گهڻن دوستن، جيڪي وڏا اديب به ليکيا وڃن ٿا، انهن چيو ته هنن اهي پهاڪا ٻڌا به ڪين آهن. سو پاڻيان ٿو ته هن ڪتاب وسيلي هڪ نئين لهر ايندي ۽ ماڻهو پهاڪن ۽ چوٽين طرف راغب ٿيندا.

چوٽيون ڪن خِطن ۽ علائقن تائين به محدود ٿين ٿيون، ته ڪن ۾ وري مڪاني محاوري جو اثر نظر اچي ٿو. جيئن هن چوٽيءَ جو مثال آهي:

"ڪاٺيءَ جي ڪاج ۾ نيڪت به گهٽا"

سکر ۽ خيرپور واري علائقن ۾ وري چون:

"ڪاٺيءَ جي ڪاج ۾ چيڏڪ به گهٽا"

ڪاڪي ڪيول رام پنهنجي ڪتاب "گل شڪر"، جيڪو 1869ع ۾ تيار ٿيو ۽ 1905ع ۾ شايع ٿيو. ان ۾ مٿين چوٽي هن ريت لکي آهي:

"ڪاٺي جي وهانو ۾ سنگهت به گهٽا"

بهرحال جيئن ته اسان جو تحقيق طرف توجهه گهٽ آهي، ان ڪري پهاڪا ۽ چوٽيون، عام استعمال مان ختم ٿيندا پيا وڃن. اجان به ڳوٺن ۾ انهن جو وهنوار آهي، باقي شهري زندگيءَ ۾ ته ڳولي نٿا لڀن. اجان به وري اڙدو يا ٻين ٻولين جا پهاڪا استعمال هيٺ اچن ٿا، جن کي اسان جا معتبر ماڻهو "ڪهاوت" ڪري پيش ڪندا آهن، جڏهن ته ڪين خبر ئي نه آهي ته سنڌ ۾ 'پهاڪو' يا 'چوٽي' به ڪا شيءِ آهي.

اڳ، اديب ۽ ادارا، انهن ڳالهين طرفن توجهه ڏيندا هئا، ۽ سال به سال پهاڪن ۽ چوٽين تي نوان ڪتاب پيش ڪندا هئا، جيئن ڪاڪي ڀيرو مل

ڀاڪن تي بہ ڪتاب تيار ڪيا. هڪ ’گلقند‘ (1926) ۾ سنڌي ڀاڪن سان ميل ڪائيندڙ هندي ڀاڪا ۽ چوڻيون ڏنيون اٿائين تہ ٻئي ڪتاب ”ڀاڪن جي پيڙهہ“ ۾ ڀاڪن ۽ چوڻين جي اصليت آندي اٿائين. اهڙي طرح ڪاڪي ڪيولرام سلامت راءِ ”گلشڪر“ ۾ سنڌي ڀاڪن سان گڏ فارسي جا ڀاڪا ۽ ڪن هنڌن تي هنديءَ جا مثال ڏنا آهن. مرزا قليچ بيگ بہ انهيءَ صنف تي قلم ڪنيو ۽ 1926ع ۾ ”ڀاڪن جي حڪمت“ تيار ڪري ڇپايائين، جنهن ۾ سنڌي، هندي، عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جا مثال ڏنل آهن. اهڙي ڪوشش اسان جي نامور محقق، لغت ۽ لوڪ ادب جي مهاڄاڻو مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب بہ ڪئي ۽ وڏي جستجو ۽ جاکوڙ کان پوءِ ”ڀاڪن جي ڀاڙ“ ڪتاب تيار ڪيو. جيڪو هن پاڻ 1966ع ۾ شايع ڪيو. ان کي سنڌي ادبي بورڊ 1989ع ۾ ٻيهر تہ شايع ڪيو، پر سندس عالمانہ ’مهاڳ‘ ختم ڪري ڇڏيو. اهو آهي تحقيقي ڪتابن جو قدر.

1988ع ڌاري محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ خط لکي، مون کي ڪوٺ ڏني تہ سنڌي ادبي بورڊ پاران ’لوڪ ادب رٿا‘ جو 42 يا 43 ڀاڪن بابت ڪتاب، مختلف اڳين شايع شده ڪتابن کي پيٽي معياري متن تيار ڪيان، ان لاءِ پاڻ مهرباني ڪري هڪ خاڪو بہ تيار ڪيائون، جنهن تي اڪتفا بہ ڪئيسين، پر پوءِ جڏهن معاوضي وغيره جون ڳالهيون نڪتيون تہ سائين جن ماٺڙي ڪري ويا. اسان بہ خاموش تي وياسين. خبر ناهي اهو ڪم الائي ڪاٿي پهتو!

هاڻي جڏهن محترم الطاف شيخ صاحب هي ڪم ڏنو تہ مون کيس عرض ڪيو تہ ڀاڪن جي ٻولي معياري نہ آهي، ڪافي شيون اڳ پوءِ ٿي ويون آهن، ان کان علاوه انهن جي ترتيب نہ تہ موضوع وار آهي نہ وري الف–ب مطابق، جنهن ڪري ڳولهڻ ۾ ڪافي ڏکيائي ٿئي ٿي. بهتر ٿيندو تہ مختلف ڪتابن کي پيٽي ڪو موچارو ڪتاب تيار ڪجي، ٻيو تہ گهڻن ڀاڪن ۽ چوڻين ۾ مثال / وضاحتون ڏنل نہ آهن، ان لاءِ بہ سوچ ويچار ڪجي، پر پاڻ ٻڌايائين تہ کيس جلدي آهي. اهو تحقيقي ڪم 97-1996 ۾ ڪٽنداسين، وٽس ٻيا بہ

ڪجهه ٻهاڪا ۽ چوڻيون آهن، جن کي پيٽي اتارڻو آهي، بهرحال، هن ڪتاب ۾ سردست جيڪي ٻهاڪا ياد آيا، اُهي ئيڪ ڪيا اٿم. ٻوليءَ ۾ به ضروري هنڌن تي اصلاح ڪئي اٿم، جڏهن ته اڃان به ڪافي گنجائش موجود آهي.

هن ڪتاب ۾، الطاف چئن اهم قومن، جيڪي دنيا ۾ پنهنجي ثقافت سان سڃاتيون وڃن ٿيون، انهن جا ٻهاڪا ۽ چوڻيون ڏنيون آهن. انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پاڙُو سوايو آهي. شايد الطاف محسوس ڪيو هجي ته اڄ جيڪا ٻولي اخبارن توڙي ڪتابن ۾ ڪتب آندي وڃي ٿي اُها ٻهاڪن / چوڻين ۽ محاورن کان سواءِ آهي. اڄ سنڌي ٻولي جو اهو رنگ نه رهيو آهي، چسي ۽ ٻُسي پئي لڳي. ٻهاڪن/ چوڻين سان نه رڳو ٻولي رونقدار ۽ وڻندڙ ٿئي ٿي، پر ڳالهه جو مايو به وڌي وڃي ٿو. ٻڌندڙ فوري طور تي متوجهه ٿين ٿا ۽ چوڻ وارو پنهنجو مطلب مختصر لفظن ۾ اثرائتي انداز ۾ چئي وڃي ٿو.

هن ڪتاب ۾ سنڌي سان گڏ، ملئي، چيني ۽ جپاني ٻهاڪا ۽ چوڻيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي انهن قومن جي سماجي شعور جو عڪس آهن، ساڳئي وقت الطاف پنهنجي وسيع مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي ڏاڍا ٺهڪندڙ مثال به ڏيندو ويو آهي، جن ڪتاب کي دلچسپ بنايو آهي، سبق آموز ڳالهين سان گڏ، وڻندڙ ۽ کلائيندڙ ٽوٽڪا، لطيفا به شامل ڪيا اٿس، جيڪي ڳالهيون ٻين قومن جون وڻيون اٿس، انهن جي تعريف ڪئي اٿائين ۽ وس پڄندي انهن جا مثال سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳولهيا اٿائين. جيڪي ڳالهيون اڄ جي دؤر جي لحاظ کان مناسب نه آهن پر روايت پسند جپان ۾ رائج آهن، ته انهن جي نفي ڪئي اٿائين. اهڙي طرح الطاف: سماجي ريتن، روايتن ۽ مثالن جي اثرائتي نموني ۾ پيٽ ڪندو ويو آهي. اها پيٽ / مطالعو سوشالاجي جي شاگردن لاءِ ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو.

الطاف، جيئن ته دنيا ڏٺي آهي، وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ سان مليو آهي ۽ ننگر ننگر- گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿائين، ان ڪري سندس مشاهداتي پرک انتهائي معياري آهي. هن ڪتاب ۾ ٻهاڪن جي چونڊ، جيڪو سندس لاشعوري عمل آهي، پڙهندڙن جي مطالعي/ معلومات ۾ بيحد اضافو ڪري

ٿي. سوچن جا نوان گوشا ايرن ٿا ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڪنهن ڪامياب تحرير ۾ اهي گڻ ئي ڪافي آهن.

الطاف شيخ لاشڪ، اسان جو قومي سرمايو آهي، خدا ڪيس وڏي حياتي ڏي، هو جُڳ جُڳ جيئي ۽ جڳَ ڏسي، پسي ۽ سنڌ واسين کي معلومات پهچائيندو رهي. سوچيندڙن لاءِ نوان گس گهڙيندو رهي.

آفتاب ابڙو
پهرين اپريل 1995ع

قمر هائوس
117 پايونير هومز، فيز II
سپر هاءِ وي، ڪراچي
ٽيليفون نمبر 6342375

# مهاڳ

ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ/ پيش لفظ يا تعارف لکڻ جي ب هڪ عجيب روايت آهي. ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ت ڪڏهن ڪتاب پاڻ ڪجهه ن هوندو آهي، پر ان کي مهاڳ اهم بڻائيندو آهي. ڪيترن جو خيال آهي ت، مهاڳ جو مقصد پڙهندڙ کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ اتساهه ڏيارڻ هوندو آهي يا وري ليکڪ، ڪنهن وڏي عالم يا نقاد کان پنهنجي ڪم جي باري ۾ مهاڳ جي صورت ۾ سَند وٺندو آهي. سنڌيءَ ۾ مختلف ڪتابن جي لکيل مهاڳن يا تعارفن کي وڏي اهميت حاصل آهي. شيخ اياز جي ڪتابن تي ابراهيم جويي ۽ رشيد ڀٽيءَ جا مهاڳ جيڪي ن رڳو سندس ڪم ۽ ذات جو مڪمل ۽ سگهارو تعارف آهن. پر جنهن دور ۾ اها شاعري ۽ ٻيون لکڻيون سرجيون، ان جو پڻ سياسي، سماجي ۽ ادبي تحريڪن جي حوالي سان احاطو ڪيل آهي. اهڙي طرح لوڪ ادب اسڪيم جي ڇپيل مختلف ڪتابن تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا لکيل تعارف، لوڪ ادب جي مختلف صنفن بابت ڄاڻ ۽ فڪر جو اهم خزانو آهن.

پير حسام الدين راشدي، دراز ۾ سچل ڪانفرنس تي ڪيل هڪ تقرير ۾ چيو هو ت، شاهه لطيف ان ڪري وڏو شاعر ٿي، پنهنجي عوام ۾ اڀري آيو، جو کيس گربخشاڻيءَ جهڙو شارح مليو. جڏهن ت شاهه جي پيٽ ۾ سچل جي گهٽ مقبول هجڻ جو سبب کيس گربخشاڻيءَ جي معيار جو شارح ن ملڻ آهي.

علمي طرح مونکي ان راءِ سان اختلاف رهيو آهي ت، اصل ليکڪ يا شاعر جو ڪم ڪنهن ب طرح، ڪنهن نقاد، شارح، مهاڳ يا تعارف لکندڙ جو محتاج ڪون هوندو آهي. ڇاڪاڻ ت جيڪڏهن ديگريءَ ۾ ڪجهه هوندو ئي ڪون ت نقاد، شارح يا تعارف ڪرائيندڙ ڇا ڪري سگهندو. تنهن ڪري تنقيد / تشريح ۽ تعارف اصل ڪم کي پڙهندڙ تائين پهچائڻ جو صرف هڪ ذريعو آهي. باقي اصل ڪم ت ڪتاب جي اندر موجود آهي، جيڪو عوام يا ادبي تاريخ ۾ پنهنجو مقام پاڻ پيدا ڪندو.

الطاف شيخ جي هنن اهم ڪتاب، چئن ٻولين جي پهاڪن ۽ چوڻين جي ڳٽڪي، "رُني آهي گهوٽ سان..." جو مهاڳ لکڻ پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهان ٿو. هي مهاڳ جا ڪجهه صفحا لکندي، نه ته مان ليکڪ کي متعارف ڪري رهيو آهيان، نه ئي ڪتاب يا ڪتاب ۾ موجود مواد کي؛ ان يقين سان ته، ليکڪ پنهنجي پڙهندڙن ۾ ايترو ته ڄاتل سڃاتل، مقبول ۽ پيارو آهي جو ڪيترا ته منهنجو وچ ۾ اچڻ ئي برداشت نه ڪندا.

جيتريقدر ڪتاب جي مواد جو تعلق آهي، ان ۾ چئن جيئرن ڄاڳندن، ترقي پذير سماجن جي طبعي طور طريقين، فطري لاڙن، اخلاقي ۽ سماجي قدرن کان علاوه نفسياتي رجحانن ۽ روين جي ننڍڙين سٽن ۽ جملن يعني پهاڪن ۽ چوڻين ۾ عڪاسي ٿيل آهي. جن کي الطاف نه رڳو چونڊي گڏ ڪيو آهي، پر انهن ۾ موجود معنائن کي سندن سماج جي حوالي سان پڙهندڙ کي روشناس ڪرايو آهي، ته پوءِ منهنجو ڪم ڪهڙو ٿيو؟ بس، ايترو ئي ته مان هڪ پياري ماڻهوءَ ۽ ليکڪ جي اهم ڪتاب جو مهاڳ لکي رهيو آهيان. جنهن جو پهرئين ڪتاب کان ئي پڙهندڙ رهيو آهيان ۽ زندگيءَ جو پهريون غير ملڪي سفر سندس ڪتابن جي پڙهڻ جي اثر ڪري ئي ڪيو هوم، ان مقصد سان ته موٽي اچي مان به سفرنامون لکندس. اڄ جڏهن ڪيترائي ملڪ گهمي، انهن ۾ ڳچ عرصو رهي، اتان جي ماڻهن، انهن جي روين ۽ روايتن بابت گهڻو ڪجهه ڄاڻي چڪو آهيان. ڪيترائي دلچسپ، رنگين، ڏک ۽ راحت ڏيندڙ واقعا به زندگيءَ جي گذريل ڏينهن تي پنهنجا اثر ڇڏي چڪا آهن. پر اڃا تائين سفرنامي لکڻ جي همت ساري ڪونه سگهيو آهيان. اهو ته الطاف کي جس آهي جو ايڏي وڏي معلومات جو خزانو ترتيب سان سنڌي ماڻهن ڏانهن منتقل ڪري رهيو آهي:

انساني سماج ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو عظيم ٿين ٿا. پهريان اهي جيڪي پيءُ ڏاڏي جي ڪمن، اعمالن ۽ اخلاقن ڪري مشهوري ماڻين ٿا ۽ پوءِ پاڻ به وڏا ڪم ڪري وڃن ٿا. ٻيا، اهي جيڪي عظيم ڪم ڪري عظمت کي رسي وڃن ٿا. ٽيان اهي جن کي دوست ۽ خليفا يا پبلڪ رليشن عظيم بڻائي

ٿي. الطاف شيخ عظمت جي ٻئي نمبر واري قسم ۾ اچي ٿو ته، هن عظيم ڪم ڪري، ماڻهن کي، پنهنجي ويجهائي وارن ماڻهن کي، پنهنجي ٻولي ڄاڻندڙ ماڻهن کي تعليم ڏني، هن انفرميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ گهٽي ۾ گهٽي ڄاڻ منتقل ڪري رهيو آهي. ڄاڻ سان گڏ ٻوليءَ ۾ نوان اصطلاح گهڙي انهن کي واهپي ۾ آڻي، ٻوليءَ کي جديد گهرجن پوريون ڪرڻ جي اهل بڻائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. اهو ڪم بغير ساهي پٽڻ جي لڳاتار ٽيهن سالن کان ڪري رهيو آهي، ذهني ۽ فڪري سچائيءَ سان بغير ڪنهن لالچ يا لوڀ ۽ تعريف جي محتاجيءَ جي.

ٻاراڻي ڪلاس ۾ هڪ سبق پڙهيو هئوسين ته هڪ جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هو. جهاز جا مڙيئي مسافر ۽ عملي جا ماڻهو پريشانيءَ وچان هيڏي هوڏي ڊوڙي رهيا هئا. پر انهن ۾ موجود هڪ ماڻهو، پنهنجي ڪرسيءَ تي آرام سان ويٺو هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو. پريشان ماڻهن مان ڪنهن پڇيس ته، ”جهاز ٻڏي رهيو آهي ۽ تون هتي ويٺو آرام سان پڙهي رهيو آهين؟“ جنهن جي موٽ ۾ چيائنس ته، ’جهاز ٻڏي رهيو آهي ته آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان، هرو ڀرو پريشان ٿي پنهنجو وقت ڇو وڃايان. جهاز ٻڏي ويو ته آءٌ به ٻين سان گڏ ٻڏي ويندس ۽ جيڪڏهن بچي ويو ته هن ڪتاب جي مطالعي مان حاصل ڪيل علم اڳتي زندگيءَ ۾ ڪم ايندو.“ الطاف جو لاڳيتو لکڻ به جهاز جي ان مسافر وانگر آهي، جيڪو وقت وڃائڻ نٿو چاهي ۽ ملپل وقت جي هر پل کي هن جهاد، ڄاڻ ڏيڻ جي علمي جهاد لاءِ وقف ڪري چڪو آهي. جنهن کي هن نفسا نفسي واري سماج ۾ ڪابه مشڪل روڪي، نٿي سگهي ۽ ڪوبه ڪم، هن ڪم کان وڌيڪ اهم نٿو لڳي.

سنڌيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ شيخ اياز کان پوءِ الطاف شيخ ٿي آهي، جنهن نه صرف گهڻو لکيو آهي پر سندس هر ڪتاب نوان پڙهندڙ پيدا ڪيا آهن. گهڻي لکڻ جي حوالي سان ٿي سگهي ٿو ته ٻيا به ڪي ليکڪ هجن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي لکي ڪتابن جو انگ وڌائيندا هجن. باقي پڙهندڙن تائين رسائي جيڪا مٿين ليکڪن کي پنهنجي دؤر ۾ رهي آهي،

اها ٻين کي گهٽ نصيب ٿي آهي.

هي موجوده دور جو سندباد ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ابن بطوطہ ۽ مارڪو پولو آهي، جنهن ڪولمبس وانگر پل آمريڪا جهڙو ڏورانهون ملڪ ڳولهي نہ لڌو هجي. پر سنڌين جي دل جو اهڙو حصو ڳولڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيو آهي، جنهن تي سندس حڪمراني آهي. اها حڪمراني ڪنهن تخت ۽ تاج جي محتاج ڪونہ آهي. اها محبتن ۽ احساسن جي حڪومت آهي. جيڪي محبتون هن ليکڪ کي مليون آهن، ڪيترا اهڙين محبتن لاءِ تمنائون ڪندا هوندا.

الطاف مئرين انجنيئر، تعليم دان، دانشور، سفرناما لکندڙ ۽ هڪ تخليق ڪار کان علاوه فوٽو گرافر بہ آهي. فوٽو گرافيءَ جي ان شوق هن کي ٻاهرين ۽ سطحي تصوير ڏسڻ کان علاوه تصوير ۽ منظر جي اندر ليٿو پائي لڪل منظر ڏسڻ جي قوت پڻ ڏني آهي. هي پڙهندڙ جي اڳيان منظر جا مڙئي رُخ کولي رکي ٿو ۽ هن ۾ اهي منظر اندر جي اک ۽ دل جي اونهائيءَ سان ڏسڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن ڪنهن نظاري منظر ڪشي توڙي روين جي روشنيءَ ۾ ڪردار نگاري ڪري ٿو تہ ائين پاسندو آهي تہ اهو منظر پڙهندڙ جي اڳيان آهي ۽ ذڪر ڪيل ڪردار سان اسان جو پنهنجو واسطو پئجي رهيو آهي.

جهاز ۾ چڙهي، سفر دوران جهاز ۾ اندر ۽ ٻاهر گڏ ڪم ڪندڙ اسٽاف توڙي سمنڊ کان ٻاهر پهچڻ تي مقامي ماڻهن سان سنڌ جي ماڻهن کي اهڙي طرح واقف ڪرايو آهي جو سفرناما پڙهندڙ هر سنڌي انهن ڪردارن سان نہ صرف پاڻ کي واقف ۽ لاڳاپيل سمجهي ٿو پر الطاف جي دوستن کي دوست، سٺو رويو رکندڙن کي سٺو ۽ مخالفن کي پنهنجو مخالف سمجهي ٿو. الطاف جنهن سچائيءَ سان پنهنجي ڪلاس فيلوز - گڏ ڪم ڪندڙن ۽ واسطي ۾ ايندڙ ڪردارن سان پڙهندڙن کي شناسائي ڏني ٿو تہ پڙهندڙ کي انهن ڪردارن سان هڪ قسم جي اُنسيت پيدا ٿي پوندي آهي.

الطاف جي سفرنامن، سنڌي پڙهندڙن ۾ پهريون ڀيرو سفر ڪرڻ ۽ دنيا ڏسڻ جو اُتساهہ پيدا ڪيو. مان ڪيترن اهڙن سنڌي پڙهندڙن کي ذاتي

طرح سچائن جن سنگاپور، ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ جپان وغيره ڏانهن سفر الطاف جي سفرنامن پڙهڻ کان پوءِ ڪيو. انهن مان جن پنهنجي سفر دوران اهي مزا نہ ماڻيا ۽ بوريت جو شڪار ٿيا، انهن الطاف کي ڏوهي ڄاڻايو تہ وڏاءُ ڪري اُتساهہ ۽ شوق ٿو پيدا ڪري. جن الطاف جي ٻڌايل حقيقتن توڙي پيش ايندڙ واقعن کان وڌيڪ ڏٺو ۽ گهميو، تن چيو تہ گهڻو ڪجهہ الطاف کان رهجي ويو آهي يا وري ڪن اخلاقي، سياسي ۽ سماجي مجبورين ڪري لکڻ کان لنوائي ويو آهي. هن پنهنجي سفرنامن ۾، پيش ايندڙ واقعن ۽ ڄاڻ کي معصومانہ ۽ ٻاجهاري انداز سان نهايت سؤلو ۽ دلڪش ڪري پيش ڪيو آهي. سنڌس ٻولي ۽ لکڻ جو طريقو سادو، پُر لطف ۽ عام فهم آهي. جنهن مان پڙهندڙ کي تفريح سان گڏ تمام گهڻي معلومات بہ ڏئي ٿو. هر شيءِ کي ائين ئي بيان ڪري ٿو جيئن اها آهي يا وري جيئن هو ڏسي ٿو.

الطاف شيخ جي سفرنامن پڙهڻ سان سڀ کان اهم ڳالهہ اها ياسندي آهي تہ ليکڪ پنهنجي مطالعي ۽ ڄاڻ جي رعب رکڻ بدران پنهنجي پڙهندڙ کي معلومات ڏئي ايڊيوڪيٽ ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن شيءِ جي ڪيس ڄاڻ نہ آهي ان جو اظهار ڪري ٿو. ائين ڪرڻ سان هو چين جي ان چوڻيءَ کي پنهنجي لکڻين ۾ ثابت ڪري ٿو تہ، ”جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائي قبول ڪري ٿو، اهو هڪ دفعو ظاهر ٿئي ٿو، پر اهو جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اهو هر وقت ظاهر ٿيندو رهي ٿو.“ چين جي اها چوڻي اسان جي سماج ۾ اسان جي چوڌاري موجود اهڙن ڪردارن لاءِ ٻڻ هڪ آئينو آهي. جيڪي پنهنجي نااهليت ۽ بي علميءَ کي مٽڻ بدران مختلف حيلن بهانن سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا ۽ هميشہ خوار خراب ٿين ٿا.

مغرب، جا ماڻهو سفر جا ڪوڏيا ۽ موڪلون ٻين ملڪن ۾ گذارڻ کي وڏي اهميت ڏيندا آهن، ڪيترا تہ سال جا ڏهہ مهينا گڏهہ وانگر ان ڪري ڪمائيندا آهن تہ باقي ٻہ مهينا دنيا جي ڪنهن حصي جو سفر ڪرڻ لاءِ سمر ڪنو ڪري سگهن. ان ڪري ان دنيا ۾ سفرنامہ (Travelogue) ٻئي سموري ادب کان گهڻو پڙهيا ويندا آهن. اسان جا ماڻهو مغرب جي ابتڙ پرسان واري

ٻوڙ ۾ وجڻ کي پرديس پيا پاسندا آهن ۽ پرديسي سڏائيندا آهن. اهو الطاف جو ڪمال آهي تہ سفرنامن کي اهڙو تہ مقبول بنايو اٿئين جو هڪ سروي مطابق دعوائي سان چئي سگهجي ٿو تہ اڄ سنڌ ۾، ٻئي سموري ادب جي پيٽ ۾ سفرناما وڌيڪ پڙهيا وڃن ٿا، ۽ اهو سمورو ڪريڊٽ الطاف شيخ اڪيلي جي سِرَ تي آهي. الطاف اهي سفرنامہ سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌين لاءِ لکيا آهن پر سندس سفرنامن جي ڏاک ۽ مڃتا انهن ملڪن ۽ علائقن ۾ بہ اوتري آهي، جيتري سنڌ ۾ جو کيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي.

شيخ اياز جي هڪ مشاهدي تہ 'سنڌ کان ٻاهر سنڌ کي موهن جي دڙي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لوڪ ادب تي ڪيل ڪم جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو'، ۾ جيڪڏهن اهو اضافو ڪجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنڌ کي الطاف شيخ جي سفرنامن ڪري بہ سڃاتو وڃي ٿو. الطاف سنڌين لاءِ اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو يورپين، خاص ڪري انگريزن ۽ عربن ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ ۾ مختلف ملڪن جا سفر ڪري پنهنجي ماڻهن کي انهن ماڻهن ٻولين، رسمن، روايتن ۽ ادب متعلق معلومات ڏيڻ سان ڪئي. پنهنجي ٻوليءَ جي ادب کي بہ مالا مال ڪيو.

الطاف جو هيءُ ڪتاب، سنڌي، ملئي، چيني ۽ جپاني پهاڪن ۽ چوڻين جو مجموعو (Anthology) آهي. پهاڪي مان اصل مراد آهي ڏاهپ جو قول، نصيحت جو نڪتو، مقولو، سياڻپ جو سخن، ڪنهن واقعي جو تورن لفظن ۾ اشارو جيڪو ڪنهن کي مثال طور ٻڌايو وڃي. گهڻي سوچ ويچار ۽ ڳڻ ڳوت کان پوءِ ڪو پهيل مسئلو، جيڪو پوءِ ڪنهن سماجي گروهہ، فيصلي يا راءِ طور قبول ڪيو هجي. اڳئين جڳ ۾ ڪنهن ڏاهي ڪو پيچيدو مسئلو پهي، ان جو ڪو آسان حل ٻڌايو هجي ۽ اهو ساڳي ٻولي واپرائيندڙ سماج ۾ قبول ڪيو ويو هجي ۽ هر ڪنهن جي وات اچي پهاڪو بڻيو هجي. مثال طور، "صبر جنين سانُ، تير نہ ڪُسي تن جو" يا "لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي". اهڙي طرح ڪنهن ڏکئي وقت ڪنهن مشڪل مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، چئن چڱن ويهي، گڏيل راءِ سان ڪو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ساڳئي

قسر جي مامري کي حل ڪرڻ لاءِ اهو 'پهاڪو' ٿي ڪم آيو. تنهن ڪري پهاڪي جي معنيٰ آهي، ڳٽيل ڳوتيل ڳالهه، سوچيل سمجهيل نڪتو ۽ توريل تڪيل فيصلو يا مڃيل اصول. اهڙو قاعدو يا قانون جنهن ۾ جامع لفظن ۾ ڪا مصلحت، حڪمت، ڏاهپ ڪا نصيحت ۽ هدايت هجي.

(The Wisdom of many and the wit of the one).

پينگوئن ڊڪشنري آف پراوربس مطابق پهاڪي جي تشريح هيئن به ڪري سگهجي ٿي ته، ننڍو پر جامع ٻول، جيڪو ياد ڪرڻ ۾ سؤلو هجي، جنهن ۾ صلاح، خبرداري، اڳڪٿي يا تجزياتي مشاهدو بيان ڪيل هجي.

پهاڪا آڳاٽي زماني کان دنيا جي اڪثر قومن، گروهن ۽ قبيلن ۾ رائج رهيا آهن. قديم هند، چين، روم، يونان، عرب، ترڪ ۽ ايران سميت مشرق ۽ مغرب جي ترقي يافته، ترقي پذير توڙي پوئتي پيل سماجي گروهن ۾ پهاڪا ۽ چوٽيون سندن ذهني اوسر، نفسياتي رجحانن ۽ طبعي لاڙن جا ڀرپور اهڃاڻ آهن. پهاڪا انسانذات جي ڏاهپ ۽ ظرافت جا عجيب اظهار آهن. جن ذريعي هر گروهه پنهنجي ملڪ ۽ ماحول، پنهنجي سماجي ۽ فطري لاڙن ۽ ٻوليءَ جي وسعت، لفظي سٽاءَ ۽ معنوي نزاڪت مطابق صدين جا تجربا نروار ڪري ٿو. پهاڪا، ٻوليءَ ۾ انساني جيوت جي آتم ڪهاڻي آهي. هي قومن جي زباني يعني اڻ لکيل تاريخ آهن. ڪنهن به قوم جي سچي سماجي تاريخ يعني علمي، ادبي، ثقافتي، نفسياتي اوسر، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ هنر، رنج ۽ راحت، رسم ۽ رواج، مجلسي رنگ ۽ ڍنگ، انساني سڀاءَ ۽ رويا معلوم ڪرڻ لاءِ ان قوم جي لوڪ ادب جو سائنسي اڀياس وڏي مدد ڏئي ٿو. لوڪ ادب جي اهم صنف پهاڪا وري اهڙي اڀياس لاءِ جيڪو مواد مهيا ڪن ٿا، اهو معاشري جرن سچايون اهڙي ته چٽائيءَ سان پيش ڪري ٿو جو مستند تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ بنياد ملي پوي ٿو.

پهاڪا ظاهر ۾ ته هڪ ئي سماج ۽ ان ۾ رهندڙ مختلف گروهن جي سوچ ۽ فڪر جو اظهار نظر ايندا آهن. پر اصل ۾ اهي ان سماج جي اڳ جي تاريخ يعني ٻاهران آيل ماڻهن جي اچي آباد ٿيڻ، مختلف تباهين يا جنگين جي

نتيجن ۾ پيدا ٿيل حالتن ۾ اُسرندڙ فڪر ۽ مسلسل جدوجهد جو اظهار بہ هوندا آهن.

پهاڪا لوڪ ڏاهپ جا اهڃاڻ آهن. جيڪي اختلافي بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ضروري ناهي تہ اهي اهڙي سچائيءَ تي ٻڌل هجن، جيڪا هر ڪنهن لاءِ قابل قبول هجي. مثال طور: ”ڄٽ ۽ ڦٽ ٻڌل چڱو“ سان ڪيترائي سهمت نہ هوندا. هي ڏاهپ جا اهي نسخا آهن، جيڪي هڪ نسل جي فڪر ۽ ويچار کي بغير ڪاهہ ئوهہ جي ٻين تائين پهچائين ٿا.

چئن مختلف سماجن مان چونڊيل هي پهاڪا ۽ چوڻيون رڳو هڪ مرڪب مجموعو ڪونہ آهن پر چئن ملڪن جي عوام جي سماجي تاريخ انهن ۾ لڪل آهي. جنهن ذريعي عوام جي ذهني سوچ ۽ ارتقا کان علاوه سندن ثقافت ۽ نفسياتي لاڙن جي سُڌِ پڻ پڙهندڙ کي ملندي. چئني سماجن ۾ استعمال ٿيندڙ پهاڪا ۽ چوڻيون الڳ الڳ پاڱن ۾ ڏئي هر هڪ پهاڪي جي سمجهاڻي ۽ وضاحت ڏنل آهي. انهن مختلف ملڪن جا پهاڪا هڪ هنڌ ڏسي شايد ڪي پڙهندڙ ۽ عالم اها تقاضا ڪن تہ انهن جو پيٽا پيٽي اڀياس ڏنو وڃي ها. پر جدا جدا قسم جي سماجن ۽ انهن جي الڳ جوڙجڪ جي ڪري انهن پهاڪن جي ڀيٽ ڪي سٺا نتيجا ڪونہ ڪڍي ها. پر ان جي باوجود ساڳين روين جي سوچ جي اظهار لاءِ جيڪڏهن هڪجهڙا پهاڪا ميسر آهن تہ انهن جي ڀيٽ مثالن سان ڪئي وئي آهي.

هن مجموعي ۾ وڏو حصو سنڌي پهاڪن جو آهي. سنڌي زبان جي مختلف پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين کي وقت بہ وقت گڏ ڪري ڇپايو پئي ويو آهي. جنهن جي هر دؤر ۾ الڳ الڳ اهميت ۽ ڪارڻ رهيو آهي. 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري صورتخطي مقرر ٿيڻ کان پوءِ ضرورت ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽا ڪتاب شايع ٿين. سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ تي انعام بہ رکيا ويا. پهاڪن جي اهميت ۽ ننڍڙي جملي ۾ وڏي ڳالهہ سمايل واري سوچ کي نظر ۾ رکندي پهاڪا گڏ ڪيا ويا تہ وري انگريز عملدارن کي سنڌيءَ سان واهپي ۾ ۽ وديڪ ويجهو آڻڻ لاءِ سنڌي پهاڪا گڏ ڪري انهن جي انگريزيءَ ۾

معنيٰ ڏني وئي. ڪن عالمن وري اسڪولي شاگردن جي سماجي شعور ۽ ٻوليءَ جي سمجهه ۾ واڌ آڻڻ لاءِ انهن کي جوڙي سمجهائيون ڏنيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڳڌ ڪيل پهاڪن ۾ وري پهاڪن جو تاريخي پس منظر، انهن ۾ لڪل سماجي ۽ تاريخي واقعن جي سمجهاڻيءَ کان علاوه پهاڪن جي بنياد لهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سنڌ کان علاوه ڀارت ۾ به ڪيترا سنڌي اديب پهاڪا ڳڌ ڪري ڇپائي رهيا آهن. انهن تائين دسترس نه هجڻ ڪري چئي نٿو سگهجي ته انهن پهاڪن ڳڌ ڪري ڇپائڻ جو مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اها ڳالهه روشن سج وانگر چٽي ۽ سگهاري آهي ته اهو سمورو علمي ڪم ٻوليءَ ۽ ان جي لوڪ ادب جي خزاني ۾ واڌاري کان علاوه سماجي اوسر ۽ ٿيندڙ تبديلين کي سمجهڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. اڳ جا جمع ڪيل پهاڪا، هڪ خاص سماج ۾ اُسريل هئا. اڄ جڏهن ٻوليءَ کي اهو ساڳيو سماج ميسر نه آهي ته ڪيترائي اڳ جا پهاڪا، پنهنجي اصل سمجهاڻي ۽ مفهوم وڃائي ويٺا آهن. ان جي بدران نئين سماج ۾ نوان پهاڪا اُسري رهيا آهن ۽ پراڻا پهاڪا نئين تبديل ٿيندڙ سماج جي گهرجن مطابق تبديل ٿي رهيا آهن.

الطاف جي ڳڌ ڪيل پهاڪن جو هي ڳٽڪو، ٻوليءَ جي ايندڙ محقق کي پڻ اڄ جي استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ ۾ اڳ جا رائج پهاڪا، هن دور جي ٻوليءَ جي روايتن کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. الطاف ڪوشش ڪري هر پهاڪي جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ کان علاوه استعمال ڪرڻ جي مقصد جي اپٽار ڪئي آهي. جنهن سان ٻولي ۽ ان جي واهپي واري سماج سان گهٽ واسطو رکندڙ ماڻهوءَ کي پڻ پهاڪو سمجهڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ ۽ ضرورت مطابق استعمال ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

پهاڪا هڪ سيني کان ٻئي سيني تائين ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين هلندا، موجوده روپ ۾ پهتا آهن. تنهن ڪري لفظن ۾ ٿوري ڦير ڦار ضرور آئي هوندي؛ ٿي سگهي ٿو ته ڪي پڙهندڙ اهو محسوس ڪن ته اهو پهاڪو ائين نه، هيئن هجڻ گهرجي؛ مثال طور ڪتاب ۾ آيل پهريون پهاڪو:

"مٺو مري بہ نٿو، مٺي کان سواءِ سري بہ نٿي"

ڪنهن وري اهو پهاڪو هئين پڌو هجي تہ:

"مٺو نہ ٿو مري، نڪو ٿو منجو ڇڏي"

انهن ٻنهي پهاڪن ۾ نہ صرف لفظن جو فرق آهي، پر مفهوم ۽ مقصد بہ ڌار ڌار آهي. هڪ ٻيو پهاڪو آهي:

**"مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳانءِ کي چوي هل ڙي پڇ ڪاري"**

ڪو ٻيو وري هيئن چوي تہ:

**"مينهن پنهنجي ڪارنهن نہ ڏسي، ڳئونءَ کي چوي هل ڙي پڇ ڪاري"**

هن پهاڪي ۾ رڳو لفظن جي ڦيرڦار آهي. ڳانءِ لفظ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌي هندو ڳئونءَ لاءِ استعمال ڪندا هئا. هاڻي جڏهن سنڌي هندو موجوده سنڌي سماج ۾ هڪ ننڍڙي ۽ بي اثر ٽورائي آهن. تڏهن اهڙي قسم جا لفظ بہ استعمال ۾ ڪونہ رهيا آهن ۽ تمام گهٽ سنڌي ڳانءِ لفظ استعمال تا ڪن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ان جي معنيٰ بہ نہ سمجهندا هجن. اهڙي طرح ڪنهن عمل تي پڇتاءُ ڪندي ڪو چوي تہ، ادا، "مون ڳانءِ ڪاڌي" تہ شايد ئي ڪو ان ۾ لڪل مقصد سمجهي سگهي جو اهڙي قسم جا اصطلاح يعني "ڳانءِ ڪائڻ" اڄ جي سنڌي سماج ۾ گهٽ استعمال ۾ آهن.

گهڻا سنڌي پهاڪا نج سنڌيءَ ۾ هجڻ ڪري، اڄ جي سنڌيءَ جنهن جي ٻوليءَ تي ٻين ڌارين لاڳاپي ۾ اينڌڙ ٻولين جو اثر آهي لاءِ سمجهڻ شايد ڏکيا ٿين. الطاف کي ان ڳالهہ جو احساس آهي، تنهن ڪري نہ رڳو پهاڪي جي سؤلي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي ڏني اٿائين پر جتي ضرورت محسوس ڪئي اٿائين، اتي ان جو استعمال ۽ وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ساڳي معنيٰ وارو ٻيو پهاڪو بہ ڏنو اٿائين. مثال طور:

**"خالي ڇڙو، وڃي گهٽو"**

جي سمجهاڻي ڏئي ٻيو پهاڪو بہ ڏنو اٿائين تہ، "سڪٽي ڪُني گهٽو ايامي." يا وري "ڪيتي سِر سيتي" جي سمجهاڻيءَ ۾ اهو ڏيڻ تہ، "ٻنيءَ لاءِ سنو پاڻ، زميندار جي جُتيءَ جي مٽي آهي."

بهرحال جتي بہ ضرورت محسوس ڪئي اٿائين يا ڪو ٻيو اهڙي معنيٰ

۽ مفهوم وارو پهاڪو سجهي آيو اٿس تہ اهو بہ سمجهاڻيءَ خاطر ڏنو اٿائين تہ ڪٿي ڪٿي هين ٻولين ۾ سماجن ۾ استعمال ٿيندڙ ساڳي معنيٰ وارا پهاڪا ۽ چوڻيون بہ ڏنيون اٿائين.

مثال طور: ”اُماڙ ڏنل ڪتي، تارا ڏسي ڏجي“ جي سمجهاڻيءَ ۾ اردو ۽ جپاني سماج مان پهاڪا ڏنا اٿئين. اهڙي طرح هن مجموعي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڇئن ٻولين کان علاوه، انگريزي، روسي، ٿائي ۽ اردوءَ جي ڪيترن پهاڪن کان بہ روشناس ڪرايو اٿائين.

سنڌ کان علاوه ٻين ٽن ايشيائي ملڪن جي پهاڪن کان سنڌين کي روشناس ڪرائڻ وارو الطاف جو ڪم نهايت ساراهہ جوڳو آهي. الطاف، جيڪو اڳ مختلف ملڪن جا، اتان جي ترقي ۽ ماڻهن جي رسم رواج ۽ قاعدن قانونن کان سنڌي پڙهندڙن کي واقف ڪندو رهيو آهي. هاڻي انهن مان ڪجهہ سماجن مان پهاڪا ۽ چوڻيون چونڊ ڪري، سنڌيءَ ماڻهوءَ کي انهن سماجن جي نفسياتي رجحانن ۽ فطري لاڙن کان پڻ واقف ڪيو آهي. پهاڪن ۽ چوڻين ذريعي ڏنل ان معلومات مان لڳي ٿو تہ، اهي ٽئي سماج، سماجي روين ۽ عقيدن ۾ سنڌي سماج سان ڪافي مشابهت رکن ٿا. مثال طور عورت بابت پهاڪا، ويساهہ ۽ چوڻيون ظاهر ڪن ٿيون تہ انهن سماجن ۾ بہ سنڌي سماج وانگر، عورت جي حيثيت ٻئي درجي واري آهي. هن مجموعي ۾ گهٽي ۾ گهٽا پهاڪا عورت بابت ڏنل آهي، جيڪي گهڻو ڪري عورت جي خلاف آهن.

هر باشعور، انصاف پسند ۽ ترقي پسند سوچ جي ماڻهوءَ وانگر، الطاف بہ عورتن بابت تسليم ٿيل ۽ رائج پهاڪن کي ناانصافي ۽ نابرابريءَ تي ٻڌل سمجهي ٿو. ان جي ڪارڻن جو جائزو وٺندي چئي ڏئي ٿو تہ، ”جڏهن دنيا ۾ اديب، اخبار نويس، پرنٽر، پبلشر گهڻا مرد حضرات هوندا تہ پوءِ ظاهر آهي اهڙي ڳالهہ عورت لاءِ ئي چئي ويندي. مثال لاءِ ”عورت کي عقل ڏاڙهي ڪڙيءَ ۾ ٿئي ٿو“ ڏنو اٿائين. ساڳئي وقت عورت جي حمايت ۾ دنيا جي ادب مان چونڊ رايا بہ ڏنا اٿائين. پر وري ڪٿي پوڳ جي موڊ ۾ آهي تہ عورت بابت لطيفا ٻڌائيندي بہ هبڪيو ڪونہ آهي. جيئن عورت جي راز دل ۾ نہ رکڻ

واري عادت جو ذڪر ڪندي، چيني ڀاڪن واري ياڱي ۾ هڪ گفتگو جو ذڪر ڪري ٿو ته:

ڪنهن پڇيو ته، ڪميونيڪيشن يعني نياپو پهچائڻ جو سڀ کان تکو طريقو ڪهڙو آهي- ؟

ٽيليفون. ٽيليفڪيس... يلا ٽيليويزن-؟

نه، انهن مڙني کان وڌيڪ ٽيل - اي - وومن (Tell a woman) آهي.

گڏيل ۽ هڪ جهڙن موضوعن کان علاوه هر سماج جي پنهنجي الڳ سڃاڻپ پڻ ڀاڪن ذريعي ٿئي ٿي. جيئن ملئي ڀاڪن ۽ چوڻين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ملئي سماج ۾ جانور، مڇيون، جيت جڻيا، ڏيڏر، واڳون ۽ نانگ بلائون، ڏينيو ۽ ڪوريئڙو نهايت، اهم آهن. ڪيترائي ڀاڪا انهن جي ذڪر ۽ عادتن جي مشاهدي تي ٻڌل آهن. مينهن، ساوڪ ۽ چراگاهه به هن سماج ۾ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ عام جام آهن. چيني سماج ۾ وري وقت جي اهميت کان علاوه سفر ڪرڻ جي اهميت آهي، جو "هڪ هفتو ٻاهر رهڻ کي گهر ۾ هزار هفتا رهڻ تي فوقيت آهي." اهڙي طرح هي ڀاڪو ته، "سون جو انچ، وقت جو هڪ انچ به نٿو خريد ڪري سگهي." واضح ڪري ٿو ته چيني سماج ۾ وقت جي اهميت، دنيا جي ڪيترن سماجن کان وڌيڪ آهي. جيئن انگريز سماج ۾ محاورو چوڻي آهي ۽ اسان وٽ به اڄ ڪلهه مشهور ٿي رهي آهي ته:

وقت دولت آهي، ضايع نه ڪيو. 'Time is money don't waste it'

ساڳئي نموني جپان جي مشيني ۽ پيچيدي واري سماج جي هن هڪڙي مثال مان ئي ثابتي ملي ٿي، جڏهن الطاف هڪ بوڪ اسٽال تان شاعريءَ جو ڪتاب وٺندڙ ڇوڪريءَ سان گفتگو ڪئي.

'شادي شده آهيو'-؟ مون پڇيو مانس

'نه،' هن ورائيو.

"ڀڪ توهان جو آئيڊيل مڙس شاعر هوندو."

"باهه ڏيان شاعر کي، ان کان ته ڪنهن رازي، وادي، ڪنيار يا لوهار سان شادي ڪرڻ پسند ڪنديس، ها البت شاعري پسند اٿم."

ڪيترا سياح، چيني، ملئي توڙي جپاني سماجن کي هڪ ئي سماج جون شاخون چون ٿا. ان سلسلي ۾ هو ماڻهن جي طبعي بناوت، کائڻ، پيئڻ ۽ پچائڻ جي طور طريقن، توڙي هڪجهڙي موسم کي مثال بڻائين ٿا. بهرحال انهن سماجن کان علاوه سامي لوڪن جي سماج ۾ به پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين کي وڏي اهميت حاصل آهي. يهودين ۽ عربن ۾ ته اڄ سوڌو خاص احتياط ۽ اهتمام سان پهاڪا جوڙيا ويندا آهن. انهن جي استعمال ڪندڙن کي عزت، مان ۽ بزرگي واري حيثيت ڏني ويندي آهي. عرب ۽ اسرائيل جا فلالاجسٽ (Philologists) توڙي جديد مشرقي تهذيب ۽ لوڪ ادب جا ماهر (Orientalist and folklorists) پهاڪن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون سمجهاڻيون ڏيڻ ۾ مصروف رهيا آهن.

پهاڪا تاريخ جي تلهن ڪتابن مان هٿ ڪونه ايندا آهن جو انهن جو جنم ڪتابن ۾ نه، پر عوام جي دلين ۾ ٿيندو آهي. اهي دليون ڦولهي پهاڪا گڏ ڪرڻ، ڪنهن جوهري ۽ وينجهار جو ڪم آهي. الطاف بيشڪ اهو وينجهار آهي، جنهن ڪيترا اهڙا پهاڪا هن ڪتاب ۾ آندا آهن، جيڪي اڳ جي ڪتابن ۾ آيل ڪونه آهن. هي الطاف جو وڏو ۽ اهم پورهيو آهي ۽ پورهيو ڪوبه اجايو ڪونه ويندو آهي. الطاف جو هي پورهيو گهڻن کي اتساهه ڏياريندو ۽ هن کان پوءِ ان سلسلي جو وڏو ڪم ٿيندو. جنهن ۾ اڳ چيل ۽ بين نون پهاڪن کي عوام جي سينن مان ڪڍي، هڪ هنڌ گڏ ڪري علمي ۽ سماجي تشريحون ڏئي، تاريخي واقعن سان پيش ڪيو ويندو ۽ الطاف جو هي پورهيو اهڙي طرح ساب پوندو ۽ پنهنجو ملهه ماڻيندو.

هي ڪتاب پنهنجو ملهه پاڻ مقرر ڪندو، تعريف، واکاڻ يا وياکيا ڪرڻ شايد اهڙي قسم جي ڪتاب تي ڪو خاص اثر نه وجهي.

**قاسم ٻگهيو**

**سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو**

26 مارچ 1995ع

ٽيليفون نمبر گهر: 771112

آفيس: 771681-9/3088

# سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون

- مئو مري بہ نتو، مئي کانسواءِ سري بہ نٿي.
(ڪنهن ڳالهہ مان بيزار ٿجي، ڇڏي بہ نہ سگهجي)
- دائـيءَ کان ڏُن ڳُـجهـو!
(دائي جيڪا عورت جي هر اوگهڙ ڏسي ٿي، ان کان جسم جو هڪ عام حصو ڇا لڪل رهي سگهي ٿو)
- ڏکڻ مينهن نہ وسڻو، وسي تہ ٻوڙي.
- هيٺو ڏک نہ هڻڻو، هڻي تہ جهوري.
(هيٺيءَ ناتوان کي ڪمزور نہ سمجهجي)
- خالي چڙو وڃي گهڻو.
(هي مثال انهن ماڻهن لاءِ ڏني سگهجي ٿو، جن کي علم يا معلومات ٻنهہ نہ هجي رڳو ٺلهي ٻڪ ڪندا رهن)
- سُڃيا هليا آهن پينگين وٽ تہ عيد ڪڍهن ٽيندي.
(هڪ ڪُٺل ماڻهوءَ جو ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنجوس وٽ پهچڻ، جيڪو پاڻ تي بہ خرچ نہ ڪري)
- چنگهون يارن هٿ ۾، هلي آهي ڳمبٽ گهمڻ.
(هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهہ لاءِ ڪوشش ڪرڻ)
- جٽ جي چمار، بہ ڪتا ٽين مار.
(اهو پهاڪو رسول بخش پليجو کان ڪيترائي دفعا ٻڌو اٿم جيڪو، هو تقريرن ۾ استعمال ڪندو آهي. هڪ ڳوٺائي غريب ۽ اڻ پڙهيل جي ڇا هلندي چلندي ۽ حيثيت آهي. اسان جو سياستدان ان کان ووٽ تہ وٺي ٿـو پر هن سان ڪـيل وعـدن تي عـمل نٿو ڪري. هو سندس ڪمزوري ۽ هيٺائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي ٿو)

ـ ٺٺونءَ کي ٺارو، تازيءَ کي اشارو.

(عقلمند ۽ خانداني ماڻهوءَ لاءِ اشارو ڪافي آهي. "عاقلان را اشارا بس است" عقلمند ماڻهو کي اشاري ۾ ڳالهه سمجهي وڃڻ کپي. هڪ فرمانبردار مڙس زال کي چيو: "ڪجهه ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي پاڻهي سمجهڻ کپن. آخر تون سمجهين ڇو نٿي؟"

"بس بس، آءٌ سمجهي ويس"، زال وراڻيو، "اڄ توهان جو موڊ ٿانوَ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ تي ناهي.")

ـ ڪتو به پنهنجي مالڪ کي سڃاڻي ٿو.

(ڪتي جو مالڪ اهو آهي، جيڪو هن کي ٽڪر پور ڪائڻ لاءِ ڏئي ٿو. انسان کي به پنهنجي مالڪ رب پاڪ کي سڃاڻڻ کپي، جيڪو هن کي سڄي زندگي کارائي ٿو. جيڪو رازق ۽ رحيم آهي)

هڪ دفعي حضرت بايزيد بسطاميءَ نماز پڙهي بس ڪئي ته مسجد جي امام چيس ته تون نه ڪنهن کان گهرين ٿو ۽ نه ڪو ڪم ڪار ڪرين ٿو. پوءِ تنهنجو گذرسفر ڪهڙي طرح ٿئي ٿو؟

بسطاميءَ فرمايو: "ٿوري دير صبر ڪر ته آئون وري نماز پڙهي وٺان پوءِ توکي جواب ڏيان ٿو. ڇو ته اهڙي ماڻهوءَ جي پٺيان نماز پڙهڻ صحيح ناهي، جيڪو رزق ڏيڻ واري کي نه سڃاڻي")

ـ سچ ته بينو نچ. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.

پر ڪي ڪي سچ مڙسن جون وايون بتال ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ همراهه روز رات جو نه فقط زال کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ويندو هو پر هن کي اهو به ٽعنو ڏيندو هو: "خدا حافظ! ٽن ٻارن جي ماءُ."

هڪ دفعي زال تنگ ٿي مڙس کي جواب ۾ چيو:

"الله نگهبان! هڪ ٻار جا پيءُ."

ان بعد مڙس رات جو نڪرڻ ڇڏي ڏنو.

ـ حقيقت هميشه ڪڙي ٿئي ٿي.

(پر ڪڏهن ڪڙي لڳي ٿي؟ شايد اڪيون کُلڻ تي)

پولئنڊ جي هڪ ٻار ڪلاس ۾ پنهنجي استاد کي ٻڌايو:
"سائين! اسانجي ٻليءَ چار ٻچا ڄڻا آهن. هو سيئي پڪا ڪميونسٽ آهن."
استاد هن کي شاباس ڏني. هفتي کن کانپوءِ جڏهن اسڪول جو انسپيڪٽر معائني لاءِ آيو تہ استاد هن ٻار کي ٻليءَ جي ٻچن واري ڳالهہ وري ٻڌائڻ لاءِ چيو. ٻار چيو: "اسانجي ٻليءَ چار ٻچا ڄڻا آهن ۽ هو سيئي پڪا جمهوريت پسند آهن."
استاد وائڙو ٿي چيو: "پر هفتو کن اڳ تہ تو اها ڳالهہ نہ ڪئي هئي!؟"
ٻار وراڻيو: "بلڪل صحيح ٿا چئو پر هاڻ ٻليءَ جي ٻچن جون اکيون کليون آهن."

- مئا بہ ڪڏهن مساڻ مان موٽيا آهن.

(مساڻ ان جاءِ کي چئبو آهي جتي هندو مُردن کي ساڙيندا آهن. ساڳيو ڀاڪو هن ريت بہ چئي سگهجي ٿو تہ مئا بہ ڪڏهن مقام مان موٽيا آهن. مطلب اهوئي تہ هڪ دفعو مرڻ بعد ڪوبہ وري نٿو موٽي)
پر هڪ جهيڙاڪ عورت جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ هنجي جنازي کي جڏهن ڪانڌي کڻي پئي ويا تہ رستي تي بجليءَ جي هڪ ٿنڀي سان سندس ٽڪر ٿي پيو. جهٽڪي تي هوءَ اٿي ويٺي. ڪيس جيئرو ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا خاص ڪري سندس مڙس جيڪو سندس جهيڙن مان سخت بيزار هو. ڪانڌين مان ڪيترن ٻڌايو تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي. قبر ۾ لاهڻ بعد بہ ڪي لاش جيئرا ٿيا آهن. بهرحال ڪيس واپس گهر وٺي آيا. ان بعد ٻيا بہ ڪيترا سال جيئرو رهڻ بعد ٻيو دفعو مس مس سندس موت آيو. غسل، ڪفن بعد جڏهن جنازي کي قبرستان کڻي پئي ويا تہ ڪانڌين مان ڪو چوي تہ ڪلمو پڙهو ڪو چوي تہ درود پڙهو. پر هن مائيءَ جو مڙس سڀني وٽ تاڪيد ڪندو هليو: "بابا ٿنڀي کان بچائي هلجو")

- ستين لنگهڻين، ڪتو بہ حلال.

(لنگهڻ معنيٰ ويلو ڪاٽڻ، بک مرڻ. هيترن ويلن جي بک بعد انسان کي جيئڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪجهہ کائي. ان حالت ۾ اهو ڏسڻ ضروري

ناهي تہ چا صحيح آهي چا خراب! ويندي اسلام ۾ بہ ٽن ڏينهن جي فاقن بعد حرام شيءِ بہ حلال آهي)

- لَڇمي، ڪُلڇڻ ڏَڪٽي.

(لَڇمي معنيٰ دولت. ڪُلڇڻ معنيٰ خراب لڇڻ يا افعال. دولت اها شيءِ آهي، جيڪا ماڻهوءَ جا عيب ثواب لڪايو ڇڏي. ڪو غريب ڪتا پاليندو تہ چوندا خوار خراب اڇي ٿيو آهي. پر ڪو امير ساڳيو ڪم ڪندو تہ چوندا. ”رئيس شوق ڪيو آهي.“ انهيءَ ڪري تہ چوندا آهن تہ جنهن جي گنديءَ ۾ داڻا تنهنجا چريا بہ سياڻا)

- دال روٽــي ڪـڏهن نہ کوٽـي.

(سادگي ۾ رهڻ سان، انسان ڏکيا ڏينهن نٿو ڏسي)

- لِکيـون لوهـارن کي چَڏن منجهہ چِٽـگون.

(اهو ڪهڙو لوهار يا ويلڊر آهي، جيڪو چڻنگن کان بچي سگهي. لوهار جو خاص ڪم لوهہ جي ٽڪر کي باهہ ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري پوءِ ان کي مترڪن سان ڌڪ هڻي مختلف شڪل ۾ آڻڻ آهي. لـوهہ تڏهن ئي شڪل بدلائي سگهي ٿو، جڏهن ڌاندي وانگر گرم هجي. ڌڪ هڻڻ سان لوهہ جا سنها ذرڙا ۽ چِٽگون اڏامن ٿيون ۽ وينل لوهار جي ڪڇ ۾ ڪرن ٿيون)

- اٺ چڙهيءَ بہ ڪڏهن نانگ کائـي!

(اٺ تي سوار جيڪڏهن نانگن کان ڊڄي تہ اها سندس بيوقوفي آهي. نانگ زمين تي سرندڙ شيءِ آهي ۽ زمين تي هلندڙ خاص ڪري پيرين اگهاڙو نانگ جي چڪ جو شڪار ٿئي ٿو. اٺ تي ويندڙ کي ڪهڙو خوف خطرو. بهرحال اهو پهاڪو شند، سنڌ، پنجاب تائين تہ ڏٺي سگهجي ٿو پر ملائيشيا،انڊونيشيا پاسي اهڙا بہ نانگ آهن جيڪي وڻن تي تہ چڙهيو وڃن، موٽر لارين ۾ گهڙيو اچيو ڏنگين. ان کان علاوه اڏامندڙ نانگ بہ آهن، جيڪي هڪ پٽ کان ٻي پٽ تي يا ڇت تي اڏاميو وڃن. ڪيترا نانگ اهڙا آهن، جيڪي ڏنگ بدران زهر جو ڦوهارو هڻن ٿا ۽ ماڻهو انڌو ٿيو وڃي. ان

تائم رکٹو ڏکيو آهي. ظاهر آهي پري کان بيهي شينهن ڏي ڪاني يا پتر اڇلڻ سولو ڪم آهي پر ان جي ويجهو وڃي ڪٽڻ ڏکيو آهي، جو شينهن دنيا جو خطرناڪ جانور سمجهيو وڃي ٿو. پر ڪن جي نظرن ۾ شينهن کان به وڌيڪ خطرناڪ جانور آهن. سرڪس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ همراهه کي رات جو گهر موٽڻ ۾ دير ٿي وئي. زال جي دڙڪن جي ڊپ کان گهر وڃڻ بدران اها رات شينهن جي پڃري ۾ سمهي رهيو. زال جي جڏهن صبح جو اک کلي ۽ مڙس کي نه ڏٺائين ته ڪاوڙ ۾ اتي هن جي ڳولا شروع ڪيائين. ڳوليندي ڳوليندي اچي شينهن جي پڃري وٽ نڪتي ۽ شينهن جي پرسان پنهنجي مڙس کي سڪون سان ڪونگهرا هڻندو ڏسي ڪيس رڙ ڪري چيائين: " اُٺ! ڊڄڻا ڪنهن جاءِ جا.")

- ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وڃائي.

(مطلب صاف ظاهر آهي ته جنهن پنهنجي ڪافي جواني وڃائي مس مس مڙس هٿ ڪيو ان سان باقي ڏينهن ته چڱي طرح عيش سان گذاري)

- اُٺ پـوڙهو ٿيـو ته به مُتڻ نه سکيـو.

(اُٺ جي مُتڻ وقت سندس پيشاب پٺيان وڃي، سندس سڄيون ٽنگون آليون ڪري ٿو)

- نـاٿـر نَـرَ بـه چُـ ٖـو ڪري.

(دولت اها خراب شيِ آهي، جيڪا ڏسڻ وائسڻ کي ڪاريو چڏي)

- گـڏهه پـنهنجي سـانوٽي هينگن ۾ وڃائـي.

- نه ڪنهن جي ڪُتي کي هٿ لاتجي، نه پنهنجو پَٽُ پٽائجي.

(ٻئي جي چُر ڪري پاڻ کي وڏي نقصان ۾ نه وجهجي، جيئن چوندا آهن ته شيشي جي گهر ۾ رهندڙن کي واٽ ويندن کي پتر نه هڻڻ کپن)

- پـڙهي پـاڻ نـه ڄـاڻي ماري ختـابـي.

(ختابي معنيٰ شاگرد. خاص ڪري مذهبي اسڪول يا مدرسي جا. ڪيترا معلم ماستر گهٽ ڄاڻ هجڻ ڪري، ٻارن کي چڱي طرح پاڙهي يا سمجهائي نه سگهندا آهن. پوءِ زور هوندو اٽن موچڙي مار تي ۽ سڄو ڏوهه

شاگردن تي ٿاڦيندا آهن)

- ناٽو ڏجي آڪرو تہ گيهہ چو ونجي ٻاڪرو.

(ٻاڪرو گيهہ ماهئي کان گهٽ سمجهيو ويي ٿو. ۽ جڏهن ڪنهن سٺي شيءِ جي قيمت ادا ڪجي تہ پوءِ اها سادي چو ونجي)

- ويهي دريا جي پر تي، وجهجي نہ واڳن سان وير.

(هڪ طاقتور شيءِ جي هٿ وس رهي ان سان ڇا جهيڙو ڪري سگهجي ٿو. پڇي پاسو ڪجي يا ماٺ ۾ گذارو ڪجي)

- جنهن کاڻ اڳتي هلي ٻيهجي، تنهن سان گڏيو چو نہ وججي.

- واڱڻ ڪن ڪي وائي تہ ڪن ڪي بادي.

(ڪي شيون يا ڳالهيون ڪن ڪي هڪڙو ڏک پهچائين ٿيون تہ ڪن ڪي ٻيو. يا هڪڙن کي تڪليف ڏين ٿيون تہ ٻين کي فائدو. ويندي زهر بہ ڪن لاءِ نقصان ڪار آهي تہ ڪن لاءِ ترياق)

- جنهن جي واٽ نہ وججي. تنهن جو پنڌ چو پڇائجي.

(جيڪا شيءِ حاصل ڪرڻ جو ارادو نہ هجي ان لاءِ خوار خراب ڇو ٿجي)

- ڪُتو بہ ڪاڏو ڪک بہ نہ پري.

(ڪتو حرام ۽ خراب شيءِ آهي. يعني ڪو خراب ڪم بہ ڪجي ۽ فائدو بہ نہ ٿئي تہ اها ٻيڻي غلطي ٿي. لالچ ۾ اچي ڪو غلط ڪم ڪري ۽ ڪجهہ هڙ حاصل ٿيڻ بدران جهلجي پوي ۽ سزا مليس تہ ان لاءِ مٿيون مثال ٺهڪي ٿو)

- نچڻ هلي تہ گهونگهٽ ڪهڙا.

(گهونگهٽ معنيٰ پڙدو ڪرڻ. پنهنجو حياءُ- لڄ قائم رکڻ. نچڻ لاءِ بي حيا، ۽ بي شرم ٿيڻو پوي ٿو. هاڻ جيڪو نچڻ لڳو آهي ان کي پڙدي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت. جيڪڏهن ڪا اهڙي عورت پردو ڪرڻ چاهي ٿي تہ ان کي ڪوبہ حياءَ شرم نہ سمجهندو، پر سندس اجايو نخرو سمجهندو)

- اُنن تڏهن ٿي رنو، جڏهن پورا ٿي سبيا.

(جن تي بار اچڻو هو، انهن ان تڪليف لاءِ اڳهين دانهون ٿي ڪيون. ڪيترن ماڻهن کي پنهنجن يا پراون جي غلط ڪمن جا سور اڳهين سجهندا آهن)

- عاشق جهڙا عيد تي، تهڙا منجهه مقام.

(عاشق کي هر وقت محبوب جي جهوري لڳل رهي ٿي هن لاءِ عيد يا موت سڀ هڪ آهي. هو قبر ۾ به محبوب جو پڇائي ٿو). شاهه صاحب چوائي:

اچي عزرائيل ستي جاڳائي سسئي،
پڻي ڍوڙائي دليل تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

- ڏنو پُٽ چڻي جو، ذات جو آسودو.

(اسانجي ملڪ ۾ رشوت ايتري عام ٿيندي وڃي جو ماڻهو ان کي حرام يا خراب ڳالهہ سمجهڻ بدران پنهنجي اندر کي مطمئن ڪرڻ لاءِ متبون ڀاڪو ڏين ٿا تہ ڪم يا انصاف ان جو نہ ٿيندو، جيڪو حق تي اهي. پر ان جو ٿيندو، جيڪو رشوت ڏئي ٿو)

- ڪٿي چور سُجا، ڪٿي ڍور سُجا.

- گهوٽ ڪنوار راضي تہ ڪوهہ ڪندو قاضي.

(ٻہ واسطيدار ڌريون جڏهن راضي آهن تہ ٽين ڌر جو ڇا هلي سگهي ٿو. پر اڄ ڪلهہ جي عملي زندگيءَ ۾ پنهنجي مفاد لاءِ قاضي هنن جي زندگي زهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪري ٿو. جيئن ٻہ ننڍيون قومون يا ملڪ پاڻ ۾ سرچن ٿا تہ ڪا وڏي طاقت هنن ۾ ڦيٽاڙو وجهيو ڇڏي)

- اڳلو سؤدو نہ سنبري، جي اُٿل ڏي.

يا جيئن اڙدو ۾چوندا آهن:

- ڏيتا نهين، جي پورا تول.

(هو وڪڻڻ جي نہ ڪري هي چويس تہ پورو تور، يا ان جهڙو بيو ڀاڪو آهي تہ هو پنڌ بہ وٺي هلڻ لاءِ تيار نہ هي چوي آئون ڍڳي ڳاڏيءَ ۾هلندس)

- پير ڪان ويساهہ پَلو.

(پير يا ڊاڪٽر ڪٿي ڪيترو بہ ڪاني ڪرامت وارو يا وڏو هوشيار

هجي، پر ان کان وڌيڪ مريد يا مريض جي دل ۾ هن لاءِ اعتماد آهي. اها انسان جي ڪمزوري ۽ اندر جو ويساهه آهي جو هن ملڪ ۾ روز نوان نوان پير پيدا ٿي رهيا آهن. نڙڪو ڊاڪٽر سڻن ڊاڪٽرن کان وڌيڪ ڪمائي رهيا آهن)

- نون ميهارن مينهون ڌاريون، ڪتا لاهي، ڏونهيون پاريون.

(مڇرن کي ڀڄائڻ لاءِ ڇيڻن بدران ڪتيون پاريون. هي پهاڪو ان وقت ڪم آڻبو آهي، جڏهن ڪو نئون شوق ڪري ۽ هوش مان نڪري وڃي. خسيس شيءِ لاءِ قيمتي شيءِ قربان ڪري)

- پنهنجي ڪم لاءِ گڏهه کي بہ پيرين پئجي.

(ڪي تہ ايتريقدر چوندا آهن تہ ڪم جي وقت گڏهه کي بہ پيءُ ناهجي)

- گهوٽ ماءُ کان اهنترماءُ تکڙي.

- لوڀي سندي راڄ ۾ ٺوڳي مري نہ بک.

(ٺڳ ماڻهو اتي ئي خوش گذاري سگهن ٿا، جتي لالچي ماڻهو هجن)

- ڏوڙ پائجي تہ وڏي ڍيرمان پائجي.

(معمولي فائدي لاءِ ڪو غير اخلاقي ڪم ڪري پنهنجو ننگ ناموس وڃائي ان لاءِ ڪيس ٺوڪ طور جيو وڃي ٿو تہ ڪارو منهن ڪرڻو هئي تہ چڱي طرح ڪرين ها)

- ڏنيجي گڏهه کي سور ٿئي ساٿيءَ کي.

(هونءَ تہ واقعي ساٿيءَ کي تڪليف ٿيڻ کپي. جنهن غريب جو گڏهه اهي، جنهنجي مرڻ يا عيب دار ٿيڻ تي ساٿيءَ جي روزگار تي اثر پوندو، پر هي پهاڪو ان لاءِ ٺوڪ طور چيو ويندو آهي، جيڪو اجايو ٻين پاران پوي)

- هڪ تنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي تنگ ورائي ڪلهي تي رکجي.

(جيڪو جنهن ملڪ جو وهنوار هجي اهو ڪجي، جيئن انگريزيءَ ۾ آهي. (While in Rome, do as Romans do

- اهائي زبان اُس ۾ وهاري، اها ئي ڇانوَ ۾.

(هر انسان کي ساڳي زبان آهي، پوءِ جيڪو منو ۽ سنو تي ڳالهائي ٿو،

- پلي بک پرم جي شال مَ وڃي شان،
  الله ڏئي ايمان گوڏا ڏئـي گذارجي.
- ٻـ پـائـر ٽـيـون ليـکـو.

(ڏيتي ليتيءَ ۾ حساب ڪتاب ضرور رکڻ کپي پوءِ پلي اها ٻن پائرن وچ ۾ چو نہ هجي)

- پائيواريءَ جو پَت ئي گهوربو.

(پائيواريءَ جو ڪم ڏکيو رهي ٿو. سنا دوست يا پائر بہ جڏهن ڪنهن ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ پائيوار ٿي ڪم ڪن ٿا تہ ڪجهہ وقت بعد گهٽو ڪري وڙهي جدا ٿين ٿا. ڪي تمام گهٽ ماڻهو آهن، جيڪي پائيواريءَ ۾ سوچي هلن ٿا)

- ڪني رن جا ٻار بہ گهٽا تہ يار بہ گهٽا.

پر هڪ اهڙي زال پنهنجو اڪيلو يار ۽ مڙس بہ وڃائي ويٺي.
مرڻ بعد هڪ دوست هٿي ڪان مرڻ جو سبب پڇيو.
"آئون سرديءَ وگهي مئس. ۽ تون؟"

"مونکي منهنجي زال تي شڪ هو تہ هن سان ڪو ملڻ اچي ٿو." پهرئين ٻڌايو. "پوءِ هڪ ڏينهن گهر ۾ گهڙيس تہ مونکي لڳو تہ سندس يار گهر ۾ موجود آهي. مون هڪ هڪ شيءِ ۾ ڪيس ڳوليو، وهنجڻ جاءِ، اسٽور روم، رڌڻو، ڪبٽ، ڪٽن هينان پر هو ڪٿي بہ نہ هو. منهنجو اجايو وهم هو، مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ضمير ملامت ڪئي تہ مون پنهنجي نيڪ زال تي ايڏو وڏو شڪ چو ڪيو. ان غم جي صدمي ۾ منهنجي دل بيهي ويئي."

اهو احوال ٻڌڻ بعد سندس دوست ٺڏو ساهہ کڻي چيو. "ڪاش! ريفريجريٽر بہ کولي ڏسين ها تہ نہ تون صدمي کان مرين ها ۽ نہ آئون ٺڏ کان."

- جـي ويا جـاوا، سـي ول نہ آيـا.
  جـي آوا تـہ پـال پچـا ڏاوا.

(جاوا ٻيٽ انڊونيشيا جو مشهور ٻيٽ آهي. عاج، لونگن، ڦوٽن، ڪارن مرچن، دالچيني ۽ ٻين مسالن کان صدين کان مشهور آهي ۽ انهن

شين لاءِ هند سنڌ ۽ عرب جا واپاري تہ ڇا پر يورپ ۽ انگلينڊ کان بہ ماڻهو ايندا هئا. ڊچ تہ ڪيئي سال هن ٻيٽ تي قبضو ڪري رهي پيا. اڄ بہ اهي علائقا خوشحال علائقا سڏجن ٿا. سنگاپور ملائشيا جو هندو سنڌي واپاري سُکيا آهن،پر جاوا جي واپارين کي اڄان بہ وڏيڪ خوش نصيب سمجهن ٿا ۽ اڄ بہ جاوا جا مثال ڏيندي مٺيون ڀاڪو ورجائيندا آهن )

- ڀري ڀيـڙيءَ ۾ واڻـئي جو ڪولـو ڳـرو.

(سچي ماڻهوءَ جي تور جي مقابليءَ اڌ انچ چمڙيءَ جو ڇا وزن ٿي سگهي ٿو، جنهن سان ٻيڙي ٻڏي سگهي. پر ڪنهن کي هرويرو ڏوهاري ٺهرائڻ لاءِ هيٺاهين درجي جو ٻهانو ٺاهڻ )

- ڪُتـل واڻـيـو وهـيـون سـاري.

(هر انسان ڏکئي وقت تي ڪندون پاسا جانچي ٿو تہ من ڪٿي رهيل سهيل مال هٿ اچي وڃي )

- واڻئي جي ڪاهہ پٽڪي تي.

(ڪنهن کي هرويرو ڏوهاري بنائڻ جو ٻيو مثال )

- چمـڙي وڃـي پـر دمڙي نـہ وڃـي.

(دمڙي ننڍي ۾ ننڍو سڪو ڳڻي سگهجي ٿو، جيئن اڄ ڪلهہ پئسو آهي يا اڄ کان مني صدي ڪن اڳ پائي هئي. ڪنجوس ماڻهو پنهنجي جسم کي تڪليف ڏيندو، پر معمولي دولت بہ خرچ نہ ڪندو )

- ڪانوَ جي ڪاوڙ اک مڪڙ تي.

(هر هڪ ماڻهو ڏاڍي کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو نشانو ڪمزور کي بنائي ٿو.)

- لـوڪ لڏڻ ۾ چـري اڏڻ ۾.

(غلط ۽ بي وقتائتو ڪم ڪرڻ)

- جـاڏي ان تـاڏي پـڇ.

(نا اميد نہ ٿيڻ کپي، جتي وڏا ڪم ٿيو وڃن اتي ننڍا بہ ٿيو وڃن. جت اٺ ترندو، اتي پڇ بہ تري ويندو)

- رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهه ٿيا.

(رڍ هڪ موڳو جانور آهي. هونءَ ئي جانور ڪي کهڙي سڌ ساز جي، خاص ڪري رڍ جهڙي جانور کي. هڪ دفعو نه پلي سوين دفعا رباب جهڙو ساز وڄائيندا رهو، پر هن تي ڪو اثر نٿو ٿئي)

- سر منڊ جي ساز کي، سانڊو ڇا سمجهي.

(ساڳيو مٿيون مثال. ڪيترا ساز انسان ئي نٿو سمجهي سو جانور ڇا سمجهندا. ڪنهن ڳائڻي ڳائي بس ڪيو ته ٻڌندڙن مان ڪنهن شوقين ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي چيس.

"ادا سُر پيروي به ته ٻڌاءِ."

"من! اهوئي ته سُر پيروي هو." ڳائڻي ورائيس.

"سچ ٻڌاءِ؟ جي سُر پيروي هو ته پوءِ واهه واهه.")

- پئسي جا پڪا، تڪو لنڊ ڪڍائي.

(پڪا پاڄي يا ميوو آهي، جيڪو قبضي ڪري ٿو ۽ تمام سستو آهي. هي پهاڪو ڪنجوس ماڻهوءَ لاءِ ڏنو آهي، جيڪو هڪ هنڌ ڪنجوسي ڪري پئسو بچائيندو آهي ته ٻئي هنڌ ان کان وڌيڪ وڃائيندو آهي)

- وڏو جڏو ٿئي ته ننڍن تي ڪهڙي ميار.

(قوم جو ليڊر ئي صحيح نه هوندو ته قوم جو ڪهڙو ڏوهه)

- ڇڄ ۾ ڪو سڄائي ئي ڪونه ڇي گهوٽ جي آهيان پڦي.

(زوريءَ پاڻ وٺائڻ)

- مولا مينهن وساءِ تي ڪانئر ڇٽن ڪمن کان.

(سُست ماڻهوءَ کي ڪم کان پڇڻ لاءِ بس ڪو بهانو گهرجي)

- ناني رڌڻ واري ڏهٽا ڪائڻ وارا.

(پنهنجن کي ئي فائدو رسائڻ. جيئن اڙدوءَ ۾ چوندا آهن ته "اندها بانٹے ریوڑیاں اپنوں کو دیوے.")

- گونگي گاريون ڏنيون دل ۾.

(ان مان ڪهڙو فائدو. ڪنهن زال جي مجو مڙس کي چيو ويو:

”عورت تي ڪري تنهنجي زال توکي ڏڙڪا ڏيو وڃي ۽ تون ڪيس ڪجهه به نٿو چئين.“

”آئون به ڪيس گهٽو ئي چوندو آهيان. هو جڏهن پيڪي ويندي آهي، ته آئون هن جي هڪ هڪ ساڙهي، هڪ هڪ سئنڊل کي ڪڏي گاريون ڏيندو آهيان.“ مڙس وراڻيو.

”ان مان ڪهڙو فائدو،“ دوست چيس، ”جڏهن پاڻ موجود هجي پوءِ ڪيس چڱي طرح ٻڌاءِ.“

مڇو مڙس ڦڪي کِل کلندي چيو: ”بيوقوف سمجهيو اٿئي ڇا. ڪيس منهن تي گاريون ڏيئي مار کائڻي اٿم ڇا؟“)

- ❏ گنجي کي نه جونءِ جو فڪر نه ليک جو.

(جنهن وٽ ڪجهه نه هوندو. ان کي گهٽ وڌائي يا چوريءَ جو ڪهڙو فڪر)

- ❏ ڍڳو نه ڍور، آڱوٺو پٽيندو چور.

(ساڳي مٿي ڄاڻايل معنيٰ)

- ❏ اُٺ پنهنجي مُٽ ۾ ترڪي.

(قدرت اُٺ جا پير وڏا ۽ لسا واريءَ تي هلڻ لاءِ ٺاهيا آهن، هو توري پاڻيءَ تي به ترڪي سگهي ٿو)

- ❏ بار ڪٽندا ٻاري، ناهي ڪم ڪچن جو.

(همت وارا ۽ مڙس ماڻهوئي ڏکيا ڪم ڪري سگهن ٿا. باقي جهڙن تهڙن جون رڳو ڳالهيون هونديون آهن)

- ❏ جت وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو به درخت.

درخت اتاهين وڻ کي سڏجي ٿو ۽ ڪانڊيرو ٻوٽي نما ننڍو وڻ آهي، پر جتي سچ ئي سچ هجي، ڪو سنئون سبتو وڻ به نه هجي، اتي ڪانڊيرو به وڏي ڳالهه سمجهيو وڃي ٿو. جيئن چوندا آهن ته انڌن ۾ ڪاڻو راڄا.

- ❏ واڳڻ چيو ٻصر کي ادا ڪني ۾ ملندا سين.

(ٻنهي جي آخرت ائين ٿيڻي آهي)

- جتي پڄڻ ناهي جاءِ، اتي پڇڻ ڪم ورِيام جو.
- ڪنجوس مان ڪوڙي ڪڍڻ ڏاند ڏهڻ آهي.

(هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه ڪرڻ)
- جَوَ ڍاري گَڏهه رکوال.

(ڪنهن شيءِ تي اهڙي ماڻهوءَ کي چوڪيدار رکڻ جنهن مان سڀ کان وڏو خطرو هجي)

هوءَ گڏهه بدران گهوڙو يا ٻيو جانور به لکي سگهجي ٿو، پر اسان وٽ خواريءَ جي ڪمن، چرچن ٽوڙي ڀڃاڪن ۾ گڏهه ئي گهڻو ڳايو وڄايو وڃي ٿو. ”گهوٽ کي سرگس وقت گهوڙي تي گهمايو وڃي ٿو، گڏهه تي ڇو نه؟“ ڪنهن سوال ڪيو.

”ان ڪري ته جيئن خبر پئي ته ڪهڙو گهوڙو آهي ڪهڙو گڏهه. ٻي صورت ۾ ٻئي گڏهه تي پوندا.“

هڪ سونارو ڪم ۾ مشغول هو. ڪو همراهه دڪان ۾ گهڙي پڇڻ لڳس:

”توهان جي دڪان ۾ ڇا ٿو وڪامي؟“

سوناري ڪاوڙ مان وراڻيس: ”گڏهه ٿا وڪامن.“

همراهه چيس: ”توهان اڪيلائي رهجي ويا آهيو يا ٻيا به آهن.“

سو اسان جي ملڪ ۾ گڏهه (جانور ٽوڙي ماڻهو) به گهڻا ته انهن تي ٺهيل چرچا به گهڻا. هن ئي صفحي تي گڏهن جا ٻيا به مثال نظر ايندانوَ.

- واتون خرار ڪاڇن، نڪون ڪٺون به نه ڪاڇي.
- اي ڦاٽي کي به ڪا اڳڙي پوي.

(ڪو اهڙو راز جيڪو صاف ظاهر هجي، ان کي ڪيترو لڪائي ڪيترو لڪائي سگهجي ٿو)
- مُلو منو مهابو لتو.

(ان بعد ماني يا خيرات ڏيڻ جي ٻنڌڻ مان جڻ جان ڇٽي)
- لهي لوهه به نه ڇي منهنجو نالو سون ٻائي.

(ان لاءِ چيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ پاڻ

قسطن جا پئسا نہ ڏيڻ تي، هڪ نوٽس موڪليو جنهن ۾ چتاءُ طور ڪيس لکيو ويو هو تہ، ”سائين! توهان ڪڏهن ان تي غور ڪيو آهي تہ اسان فرنيچر ضبط ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن پنهنجي ٽرڪ توهان جي گهر موڪلي تہ توهان جا پاڙيسري ڇا سوچيندا؟“

ڪجهہ ڏينهن بعد ڪمپني وارن کي جواب مليو، ان ۾ لکيل هو:

”جناب! توهان گذريل خط ۾ جيڪو مسئلو کنيو آهي ان بابت مون پنهنجي پاڙيسرين سان صلاح ڪئي. هنن سڀني جو يڪراءِ اهوئي فيصلو آهي تہ توهان جيڪڏهن فرنيچر ضبط ڪرڻ لاءِ ٽرڪ منهنجي گهر موڪلي تہ اهو توهان جي ڪمپنيءَ جو بيحد ذليل ۽ ڪمينو قدم سمجهيو ويندو.“

- ٻن ٻيڙين تي جيڪو پير رکي، تنهنجون ڄنگهون ڦاٽن.

(ٻيڙي پاڻيءَ جي ڇولين تي اڳيان پويان ٿيندي رهي ٿي ان ڪري هڪ پير هڪ ٻيڙيءَ ۾ ۽ ٻيو ٻيءَ ۾ رکڻ خطرناڪ آهي)

- ناڻو جنهن تاوَ سان اچي ٿو، تنهن تاوَ سان وڃي ٿو.

(ڪو محنت ڪري چار پئسا ڪمائي ٿو تہ ان کي خرچي بہ وڏي خيال سان ٿو. پر جيڪڏهن ڪنهن وٽ سولائيءَ سان پئسو اچي ٿو تہ هن وٽ ان جو قدر نٿو ٿئي ۽ جلدي ئي خرچ ٿيو وڃيس. ان لاءِ انگريزيءَ ۾ بہ مشهو چوٽي آهي تہ:

(Easy come, Easy go)

- نڪي پاراتن ۾ نڪي منجهہ دعا.

(ڪيترا ماڻهو ايترو خاموش طبع ۽ پاسو وٺي رهن ٿا جو هو نہ ڪنهن جي ٻن ۾ آهن نہ ٽن ۾، نڪي هو ڪنهن کي ڏين ٿا، نڪي ڏڪوئين ٿا. اهڙن ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هنن مان نہ ڪو خوش آهي جو دعا ڏئين ۽ نہ وري ڪو ناراض آهي جو پٽ پاراتا ڏئين.

- ڪانگ کي لُڙ ۾ مزو.

(لڙ معنيٰ گوڙ، آواز. ڪانءَ کي سڀ کان مزو ڪان ڪان ڪرڻ ۾ اچي ٿو. هن جي ڪنهن پائيڙي جو نالو وٺي ڏسو. ڪانئن ٻي ڪا مدد نہ

پڇندي، ٺلهي ڪان ڪان لڳائي ڏيندا)

- ڪـم لٿـو ڏکڻ وسـريـو.

(ڪم پورو ٿيڻ تي ڪم واري کي وساري ڇڏڻ. جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ مانيءَ ڪانپوءِ چمچن کي وساري ڇڏڻ)

- اڌارو ڏجي ان کي جنهن کان گهرجي نہ، اڌارو وٺجي تنهن کان جو گهري نہ.

(اوڌر ڏيڻ بعد موٽائڻ ٻئي جي هٿ ۾ ٿئي ٿو. ڪيترا دفعا سٺا دوست ۽ ويجها مائٽ بہ اڌار موٽائڻ کان انڪار ڪن ٿا يا ٽال مٽول ڪن ٿا. ان ڪري چوڻي مشهور آهي تہ Lend Money, Loose friend. ساڳي وقت پوءِ ڀائي ۽ هلڪڙي قسم جي ماڻهوءَ کان بہ اڌار نہ وٺجي جو پوءِ هو جتي ڪٿي گهر گهر ڪري خوار ڪري ٿو.

هڪ دوست کي ٻئي سان گڏ دعوت ۾ وڃڻو هو پر ڪيس ٽوپي نہ هئي، جيڪا سندس دوست اڌاري ڏنس. دعوت ۾ پهچڻ تي هن پهرين همراهہ جو تعارف ڪرائيندي چيو.

"ادا هيءَ آهي منهنجو دوست فلاڻو. هن کي جيڪا ٽوپي آهي اها منهنجي آهي."

دوست دل ۾ ڪندي چيس تہ ٽوپيءَ لاءِ ائين چوڻ سٺو نہ آهي. ان بعد وري ٻيو همراهہ ملين تہ ان سان تعارف هن ريت ڪرائينس.

"ادا هي منهنجو فلاڻو دوست آهي. هن جي مٿي تي جيڪا ٽوپي آهي، اها هن مونکان اڌاري نہ ورتي آهي پر پنهنجي اٿس."

- سـتـل شـينهـن کـي آگـر نـہ ڏجـي.

(خوفائتن ڪمن ۾ اجايو هٿ نہ وجهجي)

- گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي.

- نـيـچ نـوڪري، اتـم کـيتـي، وڏنـدڙ واپـار.

نوڪريءَ ۾ ماڻهو ٻڌل ۽ ٻئي جي قبضي ۾ رهي ٿو ۽ هڪ مقرر ڪمائيءَ تي چاڪيءَ جي ڍڳي وانگر هلندو رهي ٿو. ان ڪري نوڪريءَ

کي ٽوڪري(ٺهل ٺڪور) سمجهيو وڃي ٿو. واپار ۾ ماڻهو قابليت ۽ محنت مطابق وڌي ٿو.

اسانجي ننڍي کنڊ ۾ ماڻهن کي مطيع ڪرڻ لاءِ انگريزن ڪجهه اهڙو نمونو رکيو جو هرڪو سندن (ڪمپني/ حڪومت جي) نوڪري لاءِ واجهائڻ لڳو ۽ ان کي وڏي ڳالهه سمجهڻ لڳو. انگريز سرڪار (ڪمپني) پنهنجي نوڪر پٽيوالي کي به زميندار سيٺ کان وڌيڪ مان ڏيندا هئا. نتيجي ۾ هر ڪو نوڪري جي لاءِ آتو رهڻ لڳو. هندوستان جي ڪيترين زبانن توڙي تهذيب ۽ ڪلچر تي سرڪاري نوڪريءَ جو بيحد گهڻو اثر آهي. تامل زبان ۾ چوڻي آهي: "ڪولي مي ايتا آلوم. ڪمپنيڪ ڪومي اي. "معنيٰ سرڪاري نوڪريءَ ۾ چاهي ڪکڙ پالڻ جو ڪم هجي ته به اها بهتر آهي. هڪ ٻيو پهاڪو آهي. "ارا ايڪ ڪا آچو، وي ايلا ايا انالوم، آرا چا اناڪا." يعني سرڪاري نوڪر جو پگهار، چاهي اڌ پئسو هجي، ته به اهو پلو.

چون ٿا ته واپار سڀ ۾ وڌنڌڙ آهي. پر ڪيتي وري به نوڪريءَ کان سٺي ڳالهه آهي پر ان ۾ پڪ نٿي رهي ته چا فصل لهندو ۽ چا سندس اگهه ٿيندو. ان بابت هينئون پهاڪو مشهور آهي)

- ان پوکڻي تي ناهي پر لٿئي تي آهي.

(يعني پوکڻ تي ته ماڻهو ڪٿي ڪيترو به پوکي پر ڪيترو ٿيندو ۽ وڌندو اها قدرت کي خبر آهي. تي سگهي ٿو گرمي سردي، مينهن طوفان، بوڏ بيماري ڪري هڪ ڪٽو به نه لهي. اهو جوکم نه فقط کيتي، ٻني باري/ زمينداريءَ ۾ آهي، پر واپار ۾ پڻ آهي، جنهن لاءِ پڻ هينئون مثال مشهور آهي)

- اَن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس.

(۽ اهو نه فقط ان جي واپار جو حال آهي پر هر واپار جو آهي جنهن ۾ ڪڏهن ماڻهو امير ٿيو وڃي ته ڪڏهن سندس ڏيوالو نڪريو وڃي ۽ قرضي ٿيو وڃي.)

- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، وڏا پير پئسا.

(دنيا ۾ ڪيترائي پيرآهن، پر پئسو اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي سمجهندي بہ تہ براين جي پاڙ آهي، نفرت ڪرڻ بدران ماڻهن جي گهڻائي وڏي ڳالهہ سمجهي ٿي)

- ڪٽيو ڪاني مڙس جو چي جئي ابو.

(ڪيترائي ماڻهو سخت بي قدرا ٿين ٿا. جيڪو سائن سنو هلي ٿو ان جا ٿورائتا نٿا ٿين)

- اٺ جي چوري پڪي ۾ ڇا لڪندي.
- غريب جي جوءِ سيني جي ڀاڄائي.
- نئين بہ تکي، ڳتر بہ منو.

(هڪ طرف درياهہ جو تکو وهڪرو، ٻئي پاسي ڳتر (دولت) کي حاصل ڪرڻ جو لوڀ)

- زالون زالن جو ڪاڄ آهن.

(عورت جي سوشل زندگي عورت سان آهي)

- ماءُ ڄڻي بار بار، زبان ڄڻي هڪوار.

(زبان جو هڪوار ڄڻڻ معنيٰ زبان جو وعدو هميشه هڪ ۽ پڪو هئڻ کپي)

- زور جي ميندي ڪڏهن بہ نا هي لڳندي.

(رضا منديءَ کانسواءِ ڪڏهن بہ ڪم سرانجام نہ ٿيو آهي)

- ساري رات سور ڪاني ڪوئو ڄڻڻ.

(وڏي محنت کانپوءِ تمام ٿورو فائدو ٿيڻ)

"ساري رات سورن ۾ - جبل مفت مئو،
صبح ٿي سوير جو - ڄائس هڪ ڪئو."

يا جيئن اڙدو ۾ چوندا آهن تہ"کودا پهاڙ نکلا چوها. وه بهي مره هوا"

- ساڳيا سنگَ سڄاڻ ڏاتو پنهنجي ڏاند جا.
- سانوڻيءَ جي انڌي کي رڳو ساوڪ نظر ايندي آهي.

- ست ڪٺا ڪانئي، پلي حج تي هلي آهي.
(ظلم ۽ ستم ڪرڻ ڪانپوءِ پرهيزگار ٿيڻ)
- اڻ سرندي سپ کو ٽري، ڪروڪو سرندي ٽري.
- سراءِ جو ڪتو جتي آيو اتي ڪتو.
(سراءِ جو ڪتو هئڻ معنيٰ هرڪنهن جو يار هئڻ. سڀ سان گستاخ رهڻ)
- شڪار مهل ڪتي هنگائڻ.
(شڪار جي ڳولا ۾ يا انتظار ۾ ڪا دير ترسڻو پوي تو ۽ پوءِ جڏهن مس مس شڪار نظر اچي تہ ان وقت شڪار ڪرڻ واري ڪتي مجبور تي پوي تہ ان کان وڌيڪ بي ڪهڙي بدقسمتي)
- مري ويو مردود، نہ ختمو نہ درود.
- ڪابل ۾ بہ گڏھ ٿين ٿا.
(نالائق ماڻهو جي ڪٿي آهن)
- ڪاٺ جو ٻُبُو ڏيڻ مان ڇا حاصل.
(رڳو دلاسو ڏيئي خوش ڪرڻ)
- ڊچٽي پلي ڪوئي جي جوءِ.
- ڪتو پنهنجو قابو ڪر، اسان پنڻ ڇڏيو.
- انڌو ڪُڌ تي ويهي هنگي، ڇي مونکي ڪو نتو ڏسي.
- ڏيڻ سپ چڱو ٻچڙي هڪڙي گار.
ونڻ سپ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل.
- راڻي سا، جا راءِ ڪي وڻي.
(شيءِ اها سٺي جيڪا فيصلو ڪندڙ کي وڻي)
- رات ٿوري سانٺ گهڻا.
- ڪچيءَ ڪنا نہ وريا، پڪي ڇا ورندا.
(جيڪو ننڍي هوندي نہ سڌريو اهو وڏو ٿي ڇا سڌرندو)
- گَڏي اڏجي يا لڏي ڇڏجي.

- ڳڏهه جو ڇا وس جو پيڙيءَ ۾ نه چڙهندو.
(هڪ هيٺي ۽ ڪمزور کي ڪهڙي طاقت جو ڏاڍي جو حڪم نه مڃي)
- ٽاٽاري پلي تي گذر ڪرڻ.
(بيحد ضدي ٿيڻ)
- لچمي وڃي تڏهن لڇڻ به وڃن.
(پئسي وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جون سڀايون به خراب لڳن ٿيون)
- لوڀ سڀني پاپن جي پاڙ.
(لالچ سڀني برائين کي جنم ڏئي ٿي)
- هارڻي کان پيٽو ڀلو.
(اجايو ڪنهن شيءِ کي ضايع ڪري ڇڏڻ کان بهتر آهي ته ڪنهن ضرورت مند کي ڏئي ڇڏجي)
- ڪچان ته پڇن مچان.
- ونڊ ورهاءِ، ايمان پاءِ.
- پنهنجي ۾ هٿ پرائي ۾ اکيون.
- پورهيو ته خدا چور جو به نٽو وڃائي.
- پورهيت يار خدا جو.
- ڏبري ڏاند تي مچر گهڻا.
(ڪمزور ماڻهوءَ کي ڪيترين ئي تڪليفن ٿين ٿيون)
- گهڻ پيٽاري ٻگري، ڪاٿي وڃي جهار.
(ٻگري معنا پوک. گهٽي پيٽاري معنيٰ گهڻن جي پائيواريءَ واري، جهار معنيٰ پکي پکڻ. ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي شيءِ آهي ته هو وڌيڪ خيال رکي ٿو. گهڻي پائيواريءَ ڪري جوابداري ورهاجيو وڃي.هر ڪو اهو سوچي ٿو ته ڏکيو ڪم ٻيو ڪندو)
- تڪڙو ماڻهو ٻه ڀيرا هنگي.
- ڏچ تنهين جي ڏاءُ، جنهنجي وائيءَ ۾ ور گهڻا.

- ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي.

(دولت اچڻي وڃڻي شيءِ آهي. ڪڏهن آهي ڪڏهن ناهي. نه هجڻ جي حالت ۾ ڏک نه ڪجي ۽ گهڻي اچڻ تي مغروري نه ڪجي)

- گهٽ ٿوت، آڪڙ گهڻي، مار ڪائڻ جي نشاني.

(جنهن ماڻهوءَ ۾ طاقت گهٽ آهي پر گهڻو ٿوندجي پيو هلي، معنيٰ ڪٿي نه ڪٿي موچڙا ضرور کائيندو)

- ڪاٺيءَ جي وهانوَ ۾ سنگت گهڻا.

(معنيٰ رولي ۾ رولو. هڪ ڪاٺي جنهن لاءِ مڙس مس مس مليو. مٿان وري گرهن ۽ تارن جي ڦير ڪري تاريخ نه پئي ٻڌجي. اڳئين زماني ۾، ۽ هينئر پڻ، ڪيترن هندن تي ويندي ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ شاديءَ جي تاريخ مندر جي مهاڀائي کان ورتي وڃي ٿي. ويندي سنڌ جي ڪيترن ڳوٺن ۾ مسلمان پڻ ڪنهن پير، سيد يا مجاور کان ان ڪم لاءِ نيڪ تاريخ پڇن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڳ ۾ آچر موڪل هوندو هو ته گرهن ۽ تارن جي حساب بعد ڇنڇر جي شام ۽ آچر جو ڏينهن هوندو هو ۽ هاڻ خميس ۽ جمعي جو ڏينهن)

اهو پهاڪو ڪن هندن تي هيئن به رائج آهي: "ڪاٺي جي ڪاج ۾ ڇيڏڪ گهڻا"

- ڪارو منهن ڪتي جو رب اوتري جي اوتري.

(معنيٰ بي ايمان ماڻهو نقصان پهچائڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪندو رهيو، پر پهچائي نه سگهيو)

- وسي ته به ڏٻري گسي، نه وسي ته به ڏٻري گسي.

(مينهن پوي ته به ڏٻرو ڏاند مري. نه پوي - يعني گاهه وغيره نه ٿئي ته به ڏٻرو ڏاند بک مري)

- ڪيتي سر سيتي.

(ٻني ٻاري لاءِ ضروري آهي ته مالڪ پاڻ موجود هجي. ڪيتي پنهنجي سر سان آهي. ان ڪري ته چوندا آهن ته ٻنيءَ لاءِ سٺو پاڻ زميندار جي جتيءَ جي مٽي آهي. يعني جيترو گهڻو زميندار پنهنجي زمين تي ويندو،

اوترو گهٽو ڪم هلي سگهندو ۽ ڪيس سٺي اپت ٿيندي. سنڌيءَ ۾ ڀني ٻاري تي ڪيترين ئي چوڻين ۽ پهاڪا آهن. جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

- پنهنجي ڀني پنهنجو هَرَ.
- مال پٽارو اڪين جو تارو.
- جيترو هَرَ اوترو ڦر.
- جتي هر اتي گهر.
- ان پلي ذات پلي.
- ڇدي پوک تنبا سنگ.

(جيتري ڇدي پوک اوترو سٺو فصل. پر ضروري ناهي ته هر پوک ڇدي ڪجي. چوڻي آهي ته ڪڻڪ تيلو تيلو وونئڻ ڏاگهه ڏاگهه. يعني ڪڻڪ پلي ويجهي ويجهي پوکجي پر وونئڻ پري پري ڪجي)

- ڀني اها راڻي جنهن جي مٿان پاڻي.
- جنهن ڪڙميءَ جي گهر ۾ داڻو،
  اهو سيني جو آهي راڻو.
- جيڪو هوندو ٻاڳ ۾ سو وهي پوندو پاڻ ۾.
- نورينڙي جي دعوت ڇا؟ ٻه ٻير بس.

(معنيٰ ڪي ڪي مهمان تمام گهٽ کٽراڳ وارا ٿين ٿا ۽ ٿوري ۾ ئي خوش ٿيو وڃن)

- مزي جو مزو، پٺنچن ٿي به ٿورو.
- انسان ريجهائڻ، نانگ ريجهائڻ کان ڏکيو آهي.
- ڪتو ٽڪر وٺي پڇ لٽڪائيندو آهي.
  (يعني جانور به ٿورا مڃي ٿو)
- مرون چُوڻ ڪئي پنهنجو مٿو وڃائيندو آهي.
- پٽ ڪڇي جي اڳلو ڪڇي.
- ڏي ڪٽو ته ملي گهٽو.

(ٻين سان حرص يا ساڙ نہ رکجي. جيترو دم هجي، ان مطابق هلجي، جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻي آهي تہ ڪانگ هنج وانگر هلڻ جي ڪوشش ۾ ماڳهين پنهنجي هلٽي بہ ڪاري ويٺو)

- ❑ هنر واري جو هنر ڪپي. ٻي هنر جي جُـنـد.

(هنر وارو يعني ڪم ڪار واري ماڻهوءَ جو جتي ڪٿي آدر ڀاءُ ٿئي ٿو. پنهنجي توڙي ڌارئين ملڪ ۾ هنرمند کي هرڪو مانُ ڏئي ٿو. پر اهو ماڻهو جنهن کي ڪو ڪم ڪار نٿو اچي، توڻي ڪٿي اهو پنهنجو هجي، هر ڪو ان کان ڇڇي ٿو)

- ❑ عالمن جا ابا تو جي تنگان ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا.

(جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو بہ غلط ڪم ڪن تہ جاهلن جو ڪهڙو ڏوهہ)

- ❑ ڪڏهن پيريءَ ۾ ڪڏهن پاکر ۾.

(ڪڏهن ڏک ۾ ڪڏهن سک ۾)

- ❑ هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڪهڙي.

(ظاهر ظهور ڳالهہ کي ٻڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت. جيڪا شيءِ نظر پئي اچي، ان جي واکاڻ جي ڪهڙي ضرورت. هڪ ٽيڏين اکين واري زال کي پنهنجي تعريف ٻڌڻ جي ڏاڍي عادت هئي. مڙس بہ آفيس مان اچڻ سان اهاني ٻهاني تعريف ڪندو هوس تہ تنهنجا وار ههڙا سهڻا، نڪ فلاڻي ائڪٽريس جهڙو، اکيون موتين جا داڻا وغيره.

هڪ ڏينهن پنهنجين پريشانين ۾ منجهيل مڙس گهر پهتو تہ هن کان پنهنجي ٽيڏين اکين واري زال جي تعريف وسري وئي. زال پئي اڳيان پويان ڦري ۽ نخرو ڪري.

”هونءَ تہ توهان اچڻ سان منهنجي تعريف ڪندا آهيو.“ آخر زال شڪايت واري لهجي ۾ چيو.

”اهو تہ اڄ بہ چوان ٿو تہ بابا تون تمام سهڻي آهين.“ مڙس ڪجهہ بيزاريءَ مان، ڪجهہ جان ڇڏائڻ لاءِ چيو.

- عـورتـن کي عـقل ڏائـي ڪـڙيءَ ۾ ٺـٺـي ٿـو.

(جڏهن دنيا ۾ گهڻا اديب، اخبار نويس، پرنٽر، پبلشر مرد حضرات هوندا تـہ پوءِ ظاهر آهي اهڙي ڳالهہ عورت لاءِ ٺي چئي ويندي. عقل ڏائي ڪڙيءَ ۾ هجڻ معنيٰ، گهٽ عقل هجڻ پر تنهن هوندي بہ ڪيترن گهرن تي راج عورت جو آهي. بلڪ هاڻ تہ ڪيترن ملڪن تي راج بہ عورت جو ٿيندو وڃي. عورت تي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مختلف چوٽيون پهاڪا آهن.

”عورت جو پيار ان نهر مثال آهي، جنهن جو پاڻي ڪڏهنْ بہ سڪي نٿو“ اها چوٽي اسان وٽ پاڪستان ۾ مشهور آهي. اهڙيءَ طرح عربي چوٽي آهي:

”عورت حيا جو گلدستو آهي، خدا جي نعمتن مان سڀ ۾ وڏي نعمت آهي.“

ترڪي چوٽي: ”عورت بنا گهر ۾ برڪتون نازل نٿيون ٿين.“

ڪُويتي چوٽي: ”عورت جي جڏهن زبان نٿي ڳالهائي تہ هن جون اکيون ڳالهائين ٿيون.“

بلغاري چوٽي: ”ڪنهن سهڻي عورت ڪان اندي عورت وڌيڪ ڪامياب زال ثابت ٿئي ٿي.“

اطالوي چوٽي: ”عورت جي دل جيترو نرمائيءَ سان پيار ڪري ٿي، اوترو ئي سختيءَ سان بدلو وٺي ٿي.“

هندستاني چوٽي: ”انسان جي ڪاميابي ۽ خوشين ۾ عورت جو ئي هٿ ٿئي ٿو.“

فرانسي چوٽي: ”عورت ۽ گدري جي چوند ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي.“

جپاني چوٽي: ”سهڻي عورت ۽ ڳاڙهي مرچ ٻنهي کان هوشيار رهجي.“

- مرد پڙهيو تہ فرد پڙهيو. عورت پڙهي تہ گهر پڙهيو.

جپاني، چيني ملئي زبانن ۾ تہ عورتن تي ڪيترين ئي چوٽيون ۽ پهاڪا آهن. پر گهڻو ڪري سڀ انهن جي خلاف. جن مان ڪجهہ هن ڪتاب جي آخري حصي ۾ ڏنل آهن.

آفريڪي ملڪن ۾ تہ ورلي ڪو پهاڪو عورت جي تعريف ۾ هجي.

هر خرابيءَ جي پاڙ عورت سمجهي وڃي ٿي ۽ بقول پروفيسرمنيڪي شپر جي:

"In African Proverbs women are Consistantly at the receiving end"

توهان ڏينهن ۾ آفريڪا جي شهر ۾ رهو ۽ ٿي نٿو سگهي تہ ڪو هڪ بہ پهاڪو عورتن بابت نہ ٻڌو. ڪجهہ پهاڪا جي هن وقت ياد اٿم:

- "عورت مرد ٿي نٿي سگهي" يعني هوءَ ڪمزور ئي رهندي.
- "پنهنجو پيرن ڪان وڏن پيرن واري عورت سان هرگز شادي نہ ڪجي."
- "عورت ڪي وات نٿو ٿئي" يعني سنو ڳالهائڻ نٿو اچيس.
- "ڏاڙهيءَ وارو وات ڪڏهن بہ ڪوڙ نٿو ڳالهائي."

يعني مرد هميشه گامون سچار ٿين ٿا، عورتون ڪوڙيون.

- "بنا مرد جي عورت: ٻج بنا ڌرتي آهي."

(اڪيلي سر عورت ڪجهہ بہ نہ آهي. عورت جو شان مرد سان آهي)

- "شاديءَ لاءِ جيڪا ڇوڪري انڪار ٿي ڪري، ان کان تڏهن خبر پڇجو، جڏهن عمر گذرڻ تي ڇاتيون لڙڪي پوندس."

(يعني جوانيءَ ۾ عاشقن جي لوڏ ڪي ڏسي عورت ڪي مغرور نہ ٿيڻ کپي، ڇو جو پوءِ پيريءَ ۾ هن ڪي ڪير بہ نٿو پڇي ۽ هن کي مڙس جهڙي سهاري جي سخت ضرورت محسوس ٿئي ٿي)

- "بدمزاج عورت جو علاج موچڙو ئي آهي."
- "جيڪڏهن توکي پنهنجي زال سان پيار آهي، تہ هن کي مار بہ ڏيندو ڪر."
- "ڪڪڙ (مادي) کي ڪهڙي خبر آهي تہ صبح ڪنهن وقت ٿئي ٿو. هوءَ هميشه ڪڪڙ (نر) جي وات ڏي نهاري ٿي"

(يعني ڪڪڙ وانگر عورت کي بہ ايترو چئيوان ٿيڻ کپي جو جڏهن مڙس چوي ڏينهن ٿيو آهي تہ ڏينهن سمجهي)

- "سهڻي عورت سماجي بيماريون پيدا ڪري ٿي."
- "فصل لڻڻ جي موسم ۾ سست عورتون ئي پيٽ سان ٿين ٿيون."

وغيره وغيره.

(مطلب تہ عورت ڪمزور آهي، ان ڪري هن تي هر ڳالهہ جو الزام لڳايو ويو آهي. هر ڳالهہ ۾ ڪيس نشانو بنايو ويو آهي. ڪا عورت سهڻي آهي تہ ان ڪي نيچ ڏيکارڻ لاءِ بہ پهاڪا آهن جي ڪوجهي آهي تہ بہ ڪيترائي پهاڪا آهن. پڙهيل آهي تہ بہ ان کي بدڪردار چئي سگهجي ٿو، اڻ پڙهيل آهي تہ بہ هن کي جٽ جاهل چئي ڏڪاري سگهجي ٿو. ڇو جو هن دنيا کي ڪيترا "مرد جي دنيا" سمجهن ٿا)

- جيڪي ڪني ۾ هوندو سوئي پاٽ ۾ پوندو.
- ڪتو ۽ ڪپات ٽوڙهي سان ٽپائجي، ساڏو ۽ سپات وهارجي وچ ۾.

(ڪپات معنيٰ ڪپتيو ماڻهو، نالائق، سپات معنيٰ سپتيو، سٺو ماڻهو ۽ ٽوڙهو معنيٰ رسو. لچ کي ويجهو نہ آڻجي، اشراف کي پيار ڏجي)

- مٺا پَرُ پٽجن هيل

(گذريل ڳالهيون وري نہ دهرائجن)

- جهڙا روح تهڙا ختما.

(جيڪو جهڙو ماڻهو هوندو، ان جي اهڙي ڳالهہ ٿيندي)

- ڪوڙي جي ڳالهہ ڪڌ جي ڊوڙ. (ڪوڙي جي ڊوڙ مسيت تائين)
- دولتمندن جا ڏاند وِيامن.

(پئسي وارن جا ناممڪن ڪم بہ ممڪن ٿيو وڃن)

- ڪاڏي ڪوري ڪاڏي ترار.

(ڪوريءَ جو ڪم ڪپڙو اڻڻ ۽ وڪڻڻ آهي، هو ڇا ڄاڻي جهيڙي جنگ ۽ بارود بمن مان)

- همراهہ سرڳ ۾ وڃي يا نرڳ ۾، هن جو ڪم ڪفن سان.

(قبر کوٽڻ وارو جيڪڏهن هر جنازي تي ويهي منهن مٿو پٽي ۽ روئي رڙي تہ اندو ٿي پوي. هن جو ڪم آهي پنهنجي ديوٽي ڏيڻ. يعني قبر کوٽڻ يا ڪفن غسل جو ڪم ڪرڻ. فوتي جنت ۾ وڃي يا دوزخ ۾، ان سان هن جي ڪا سروڪار ناهي)

- سوڙهي جتيءَ کان پير اگهاڙو ڀلو.
- گهر جي جهيڙي کان جهنگ منهن ڀلو.

(جهڙي طرح سوڙهي جتي عذاب آهي، توڙي ٻئي ڪنهن کي محسوس نه ٿئي تهڙي طرح گهر جو جهيڙو انسان جو ذهني سڪون چٽ ڪري ٿو. ان کان گهر کان ٻري رهڻ بهتر آهي. هڪ سب مئرين جهاز تي خلاصين جي يڪي ڇهه مهينا موڪل ٿي ٿي ته ڇهه مهينا ڊيوٽي، هڪ کان پڇيو ويو ته اها ته سخت تڪليف واري ڊيوٽي ٿي. ان تي سب مئرين واري کلي چيو: "نه، اسان ان قسم جي ڊيوٽي پسند ڪيون ٿا جو سڀ خوش گذارين ٿا."

"اهو وري ڪيئن؟" ٻئي پڇيو.

"اهو هن ريت ته جيڪي خلاصي پنهنجين زالن سان ٺهيل آهن انهن کي ڇهه مهنا خوش گذارڻ لاءِ مليو وڃن ۽ جيڪي ٺهيل نه آهن، ڪين زال ڏٺي به نٿي وٺي ته انهن جو به ڇهه مهينا گهر کان ٻري سٺو وقت گذريو وڃي.")

- ڪٿي راجا ڀوج، ڪٿي گنگو تيلي.

(ڪنهن غريب جو وڏي ماڻهوءَ سان ٻاڻ ٻيٽڻ)

- اٽڪل سان الله، ڪورين ڦاسايو ڪنڌ ۾.
- ابي جو موت ڏسي، پنهنجو مرڻ تان ارواح ڪچي ويو.
- ستو ته ڪتو، جاڳيو ته جن.

(ڏنگو ماڻهو)

- وفاداري وڙ ڪتي جو.

(ڪتو ۽ گهوڙو انسان جا وفادار دوست چيا وڃن ٿا. ڪنهن ٻار کي اسڪول ۾ وفاداريءَ تي مضمون لکڻ لاءِ چيو ويو. هن لکيو، وفاداري ڪتي جو وڙ آهي. هيءَ خاصيت ڪن ڪن انسانن ۾ به ٿئي ٿي پر تمام گهٽ...)

- ڦودني ۾ ڦيرو آهي يا وٽ ڪسا آهن.

- پٽر پرايو سور پنهنجا.

(پٽر معنيٰ ڪنهن جي قضيئي تي ان جي ماتم سان وڃي همدردي ڪرڻ. ڪٿي ڪٿي ان کي تڏو به چئجي ٿو. ظاهر آهي ته جنهن جو پٽر هجي، اخلاقي طرح ان کي ياد ڪجي. ان لاءِ دعا ڪجي. پنهنجا سور ڪٿي نه وهجن. ان جهڙي هڪ ٻي به چوڻي آهي ته: جنهنجو تڏو تنهنجي ڳالهه ڪجي)

- بيبي دُلي، ڍَڪي پلي.
- ڏوبي ڏوئي، مالڪ روئي.

(سنگاپور ۾ هڪ هندو دڪاندار اهڙ پهاڪو ڏاڍو استعمال ڪندو هو. هو پنهنجي دڪان ۾ ڪجهه اوچيون ڪجهه ٺرڪ نڱيءَ جون شيون وڪڻندو هو. اسان کي رڳو ڪي خاص خاص شيون وٺڻ لاءِ چوندو هو.

"موهن! اهو پلا چو. هي يوناني، جرمن، انگريز جهازي ته توکان هر شيءِ وٺيو وڃن. اسان چو نه؟" هڪ دفعي مون پڇيومانس.

"بابا سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو." هن راز واري نموني سان ٻڌايو. "توهان سڀ مون کي سڃاڻو ٿا ۽ جيڪا به شيءِ وٺو ٿا ته گهر لاءِ وٺو ٿا. سياڻ ڪا شيءِ خراب نڪتي ته منهنجي گلا ٿي پوندي، ان ڪري آئون توهان کي نڱيءَ واريون ۽ نقلي شيون وٺڻ لاءِ نٿو چوان. باقي هي يوناني، انگريز، آمريڪن پلي وٺن. هتان وٺندا ٻئي پورٽ ۾ ڪنهن گرل فرينڊ کي ڏيندا. نه هنن جي گرل فرينڊ کي ياد پاد نه ڪين ته ڪنهن کي ڏنائون ۽ ڪنهن کان ورتائون. ڏوبي ڏوئي مالڪ روئي وارو حساب آهي هنن سان)

- وڙهن گهوٽ ڪنوار، مار پوي وڪيلن تي.

(جيئن چوندا آهن ته وڙهن سان، لتاڙجن ٻوڙا)

- هاٿيءَ جو بار هميشه هاٿي کڻندو آهي ۽ نه گڏه يا ان جو ڪو ساٿي.
- ڪڏهن ڪڏهن سُئيءَ جي پاڪي مان اٺ لنگهيو وڃي.

(ڪڏهن ڪڏهن ته زندگيءَ ۾ ننڍا ڪم به نه ٿيندا آهن. ڪڏهن ته وڏا به ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ اها هڪ ناممڪن ڳالهه آهي ته سئيءَ جي

تنڍڙي سوراخ مان ڪو اٺ لنگهي سگهي. ان ٻهاڪي سان گڏ هڪ ٻيو به چيو ويندو آهي: ”سنڌ عورت کي ٻار ٿئي ٿو.“ اها ڳالهه اڄ جي سائنسي دور ۾ البت ممڪن ٿي رهي آهي.

- جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، ٻک مري سوئي.

(ضروري ناهي ته اهو هر وقت ٻک مري، ڪڏهن ڪڏهن ورهائڻ وارو بکيو مري ته ڪڏهن ڪڏهن ڦاٽي مري، يعني ڪيس پنهنجي لاءِ ايترو بچي جو کائي ڪائي پيٽ ڦاٽيس)

- هڪ رعايت قاضيءَ جي سؤ شهادتن برابر آهي.
- هڪ شينهن جو شڪار، سؤ لومڙيون ٿيون کائين.
- دوست اهو جو آئيءَ ويل ڪم اچي.

(انگريزيءَ ۾ به چوٽي آهي ته: (A Friend in need is a friend indeed)
هڪ شخص پنهنجي ڪنهن شاهوڪار دوست سان گڏ بازار ويو. بازار پهچي هن پنهنجي دوست کي چيو: ”سؤ رپين جو ڪجهه سامان وٺڻو هوم پر پئسون گهر وساري آيو آهيان. ڇا تون منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو...؟“

شاهوڪار دوست جواب ڏنس: ”ڇو نه. دوست اهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي. اچي هي ٻه آنا وٺ ڪنهن بس ۾ چڙهي گهران وڃي پنهنجو پئسون کڻي اچ.“)

- ڏک هڻ ڏيءَ کي ته سِکي نُنهن.

(ننهن جي فضول خرچ آهي، سست آهي، بي پرواهه آهي ته ڪيس سنئون سڌو چوڻ بدران پنهنجي ڌيءَ کي چئجي جيئن هوءَ ٿوري به عقلمند آهي ته هن لاءِ اشارو ڪافي آهي. هونءَ سس کي ڪپي ته پٽ کي پرڻائڻ کان اڳ سندس ٿيندڙ ننهن کان پٽاٽا چلرائي. جيڪڏهن هوءَ ٿلهيون کلون لاهي ته سمجهي وٺجي ته هوءَ تمام فضول خرچ آهي، جيڪڏهن هوءَ پٽاٽن جا خراب ۽ ڪارا داغ ڇڏيندي وڃي ته معنيٰ سست ۽ ڪاهل آهي. جيڪڏهن پٽاٽن کي فقط هڪ دفعو ڇلي ته معنيٰ جلد باز آهي.

جيڪڏهن رڌيندي پٺاڻا ساڙي رکي تہ معنيٰ بيحد بي پرواهہ آهي. اهڙي عورت کي ننهن ناهي، ڏيءُ کي دڙڪا نہ ڏجن تہ بهتر)

- هيريءَ سندس هير ٽنگ پڳي نہ لهي.

(شل نہ ڪا عادت پوي ۽ خاص ڪري خراب عادت نشي پتي يا چوري چڪاريءَ جهڙي تہ هڪ دفعو پوڻ بعد وري نڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي ۽ نڪرندي نڪرندي بہ ڪجهہ اثر ڇڏيو وڃي. هو ڇا چوندا آهن تہ چور چوريءَ کان وڃي تہ بہ هيرا ڦيريءَ کان نہ وڃي)

- بگهڙن جو چگهو مڙس چراخ.

(خراب ماڻهن جا اڳواڻ يا دوست ساٿي بہ اهڙا ئي ٿين ٿا. جيئن اڙدوءَ ۾ چوٽي آهي تہ چور ڪا ڀائي جيب ڪترا)

- اٽندو اها جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

(سٺي يا خراب اٽت، سولو يا ڏکيو ڇٽ، سنهي يا ٿلهي تند ڪٽڻ جو مدار ڪوريءَ تي آهي، جيڪو ڪپڙي جو خالق آهي. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ سڀ ڪم رب پاڪ جي هٿ وس آهي. اهو ئي ٿئي ٿو جيڪو لکيو آهي، جيڪي پروردگار چاهي ٿو.

وتائي فقير کي جڏهن چيو ويو تہ هر ڳالهہ الله جي اختيار ۾ آهي تہ ٿوري دير سوچي وراڻيائين:

"بلڪل صحيح ٿا چئو. پر هڪ ڳالهہ امان جي بہ اختيار ۾ آهي. وٽيس تہ ماني پچائي، وٽيس تہ چانور.")

- اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.

(ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳوات ڪجهہ ڪرڻ کپي)

- ان گهريو ماءُ بہ پٽ کي ببو نہ ٿي ڏئي.

(جيستائين ٻار روئي نٿو، ٻين لفظن ۾ گهُر نٿو ڪري يا هٿ پير نٿو هڻي، تيسين ماءُ بہ هن کي ٿڃ نٿي ڏئي)

وتائي فقير جڏهن ٻڌو تہ رب رزاق آهي، هو هر هڪ کي رزق ڏئي ٿو تہ هو ان کي ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيو ۽ هڪ وڏي وڻ

تي چڙهي ويهي رهيو. هڪ ڏينهن گذري ويو ڪجهه نه ٿيو. ٻيو ڏينهن به ائين گذري ويو. ٽئين ڏينهن هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ويندڙ جج ان وڻ هيٺان اچي آرامي ٿي. ڪاٺ لاءِ هڻ هڪ پٽ جي ديگ رڌي. وٺائي فقير جو بک ۾ برو حال ٿي چڪو هو. پوءِ جڏهن هنن ويهي ڪاڏو ته هن جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو پر هي اجان به امتحان وٺڻ جي موڊ ۾ هو. آخر جڏهن هو ڪائي ٻي ٻچيل ڳنڍ ۾ ٻڌي هلڻ وارا هئا ته وٺائي دل ۾ چيو ته هاڻ ته بک ۾ مري ويندس. گهران ڪٽي نٽو پر سندن ڏيان ته پاڻ ڏي چڪايان. سو ٿوري کنگهڪار ڪيائين.

کنگهڻ جو آواز ٻڌي جاجين مٿي نهاريو ۽ پڇڻ لڳس: "ابا فقير چا پيو ڪرين؟"

"ڪجهه به نه." وٺائي فقير ورائيو.

"پٽ کائيندين...؟" جاجين پڇيس.

"هائو."

"پوءِ اتي مٿي چا پيو ڪرين؟ لهي هيٺ آءُ نه." جاجين پٽ جو پاتوڙو اڳيان ڪندي چيس.

ڳوٺ پهچڻ تي ڳوٺ جي ماڻهن وٺائي کان پڇيو. "ابا! ڪر خبر رب هر هڪ کي ڏئي ٿو يا نه...؟"

وٺائي ورائيو: "ڏئي ٿو، پر کنگهائي ڏئي ٿو."

- اٺ جي چاڙهيءَ کي به لعنت، لاهيءَ کي به لعنت.

(اٺ تي چڙهڻ يا لهڻ ائين سولو ناهي، جيئن ڪار يا جيپ ۾ وهجي. يا گڏهه يا گهوڙي تي وهجي. جن اٺ تي سواري ڪئي هوندي، انهن کي مٿئين ڀهاڪي جو احساس هوندو ته اٺ تي چڙهڻ ۽ لهڻ خواري آهي)

- اٺائي به ويئي ٽٺائي به ويئي. وري ڪپهه جي ڪپهه.

(سڄي محنت برباد ٿي وڃڻ)

- جنهن جي ڳنديءَ ۾ داڻا، تنهن جا چريا به سياڻا.

(جنهن وٽ پئسو آهي، ان جا ڪيترائي عيب ڍڪجيو وڃن)

- گنجو کنهڻ کان نہ رهي.

(عادت کان مجبور ماڻهو پنهنجي عادت پوري ڪري ٿو. وار ۽ جؤون ختم ٿيڻ بعد بہ گنجي جو هٿ مٿي ڏي هوندو آهي)

- جيڪي لکيو آهي سو لوڙهہ.
- هو سوڙ پاند نہ ڏين، هيءَ وڇ سمهندي.

(پنهنجو پاڻکي روريءَ وٺائڻ ۽ ان سان ملندڙ هڪ ٻيو ٻهاڪو آهي تہ:

- هو ساڻ نہ نيندا، هيءَ ڏاند چڙهندي.
- عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽرٽون تہ ڪونہ ٽيلهيندو.
- وينيون نہ مگڄن، مگيون نہ پرٽجن تہ جڳ ڪيئن هلي.
- هڙ سڪٽي لوڏ گهٽي.

(هڙ ۾ ڪجهہ نہ باقي آڪڙ وڏي)

- هنگ سهانگي تہ بہ ڪا ٻاٽ ۾ گهوربي.

(هنگ هڪ اگري ڏپ واري شيءِ ٿئي ٿي. اها ٻاٽ - يعني ڏريل ان جي رب ۾ ڪيئن برڪبي. گهورڻ معنيٰ برڪڻ)

- جنهن جو تڏو تنهنجي ڳالهہ.
- ذات ڪانون کي بہ پياري هوندي آهي.

(هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو وٽي ٿو)

- پلئہ پراٺو نہ ٿيندو آهي.

(بدلو ڪڏهن بہ وٺي سگهجي ٿو. پر ڪنهن کي معاف ڪرڻ ان کان وڏو اجر جو ڪم آهي)

- ڏنو پير پني مراد.
- هنڌ ڏسي هاسي ڪجي.

(هاسي معنيٰ ڪل مسخري، هر ڳالهہ مهل ۽ مرقعي مطابق سونهي ٿي)

- هٿ سان هاجوڙ ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي.

(ٻين لفظن ۾ اندر ۾ هڪڙي، ٻاهر ٻي. منهن ۾ موسيٰ اندر ۾ ابليس وارو حساب)

- گڏهه به ڪڏهن گج پاتو.
- ڏاهو ڪانگ پيپرو ڦاسي.

(لچو ماڻهو جڏهن ڦاسندو آهي تہ پوءِ چڱيءَ طرح ڦاسندو آهي)

- پارڻ ڪان مُڙڻ ڀلو.

(بدلو پارڻ ڪان بهتر آهي تہ ٻئي کي بخش ڪري ڇڏجي يعني مڙي وڃجي)

هڪ ڀار پنهنجي ٻيءَ کان پڇيو: "بابا جڏهن توهان فيل ٿيا هئا تہ ڏاڏا توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو؟"

ٻيءَ وراڻيو: "هن مون کي تمام گهڻي مار ڏني هئي."

ڀار: "ءِ پلا جڏهن ڏاڏا فيل ٿيو هو تڏهن ...؟"

ٻيءَ: "تہ هن جي والد هن جو مٿو ڦاڙي رکيو هو."

ڀار: "آئون بہ فيل ٿي پيو آهيان. پر توهان جي تورو مون سان تعاون ڪريو ءِ ضد تان مڙي وڃو تہ هيءَ خانداني ويڙهہ ختم ٿي سگهي ٿي."

- چاٽي وچونءَ جو منڊ بہ نہ، هٿ وجهي نانگن ۾.

(چاٽي معمولي ڪم بہ نہ هٿ وجهي وڏن ۾)

- جيڪي جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.
- ڏُکو ڪٽجي ياءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.
- اسين سنڌي بہ نہ سمجهون، هو پارسيون پڇن.
- چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاٽي ڏاري.

(چاڪيءَ جو ڏاند ٻيو پلا وڃي بہ ڪيڏانهن سگهي ٿو. هن ٻيو گس ڪهڙو ڏٺو آهي، جيڏانهن وڃي. هن جي سڄي عمر گهاٽي جي چوڌاري ئي ڦرڻ ۾ گذري ٿي)

- چتي ڪتي جي دوا ٻيتر.
- مينهن ڍائي هوري هلي، ٻڪري ڍائي ٽينگ ڏئي.

(انهن ترڙن ماڻهن ڏي اشارو آهي جن وٽ تورو اچڻ تي بہ هنن جا حواس خطا ٿيو وڃن. سنگاپور ملائيشيا پاسي ڪيترا هندو واپاري پنهنجي

اولاد کي سمجهائيندا آهن، تہ بابا ڪيڏي بہ دولت اچي پر دم سان هلو، ترڙپائي نہ ڪريو. ۽ پوءِ ڪين مثال مينهن جو ڏيندا آهن تہ ڍؤ جهلي هڪ مينهن ۽ ٻيو پاڙو.

- ملن جي پريت طبق تائين، ڇوڪرن جي پريت سبق تائين.

(طبق معنيٰ ڪاڌي جو خومچو. ختمي خيرات لاءِ مجاور ملي کي گهرايو وڃي ٿو ۽ جيستائين ماني آهي هو بہ موجود آهن، جيئن شاگرد جي دوستي بہ سبق تائين رهي ٿي)

- وهندي پيرِ پوڙ بہ چڱي، بيٺل تار بہ نہ چڱي.

(ٿوري ئي ٿوري ڪمائي هلندي رهي تہ سٺي ڳالهہ آهي. ڇو جو ڪاڌي تہ کوهہ بہ کٽيو وڃن)

- هرڻي اڳي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي.

(هرڻي نينگ ٽپا ڏيندڙ جانور آهي. گهنڊڻي موڳي جانور کي بہ مستي ڏياري ٿي. سو هرڻي جهڙي جانور کي گهنڊڻي ٻڌڻ سان اهو ويتر گهٽا ٽپ ڏئي ٿو. هي پهاڪو اڪثر انهن ڇوڪرن يا ڇوڪرين لاءِ چيو ويندو آهي جيڪي اڳهين رولاڪ هوندا آهن. مائٽن جي وڌيڪ آزادي ڏيڻ تي هو هيڪاندو گهٽو ڇڙواڳ ٿي پوندا آهن)

- ياد جنين کي يار، سي ياد هميشہ يار کي.

(ٻين لفظن ۾ جيڪو رب کي ياد رکي ٿو ان کي رب بہ نٿو ڇڏي)

- جنهن جو ڏن تنهنجو من.
- نير جو ٽِڪو لهي وڃي، گلا جو ٽِڪو نہ لهي.
- موت ناهي مٺو، شادي ناهي گار.

(پهاڪي جو مطلب شايد اهو ئي تہ هڪ ڏينهن هر انسان کي مرڻو آهي. بهرحال ان تان ياد آيو. ميڊيسن جو پروفيسر يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي ليڪچر ڏيئي رهيو هو.”ان سان ڪو فرق نٿو پوي تہ علاج جو طريقو ايلوپيٿي آهي يا هوميوپيٿي، آريو ويدڪ يا طب يوناني...... هر هڪ جو رستو قبر ڏي وڃي ٿو.“

وتائي فقير جي به گڏهه چوري ٿي وئي ته هيڏانهن هوڏانهن شهر ۾ ڳولڻ بدران سڌو اچي قبرستان ۾ ويهي رهيو. ڪنهن چيس چور کي ڳولڻ بدران هتي ڇا ويٺو ڪرين؟ ورائيائين:

”چور جو اڳ وٺڻ آيو آهيان. آخر ته هڪ ڏينهن مري هيڏانهن اچڻو اٿس.“

- **جڏهن ڏند هئا ته حلوو نه هو ۽ هاڻ جڏهن حلوو آهي ته ڏند نه آهن.**

(زندگيءَ جو اهو دستور آهي. ضروري ناهي ته هر وقت سڀ خوشيون ملن. هڪ هٿ ۾ به گدرا نه اچي سگهندا آهن. ان ڪري ته چوندا آهن ته ڪڏهن ڏينهن وڏا ڪڏهن راتيون. اهو پهاڪو پڪ ملائيشيا انڊونيشيا ۽ ٻين خط استوائي ملڪن جي ماڻهن نه ٻاهيو هوندو، جتي جا ڏينهن ۽ راتيون هڪ جيڏيون ٿين ٿيون. چوندا آهن، ته انسان کي زندگي شڪر ۽ صبر ۾ گذارڻ کپي ۽ نه ان روسي عورت وانگر ڪنجهندي ته ”جڏهن ٺُنهن هيس ته سَسُ سٺي نه مليم ۽ جڏهن سَسُ ٿي آهيان ته ٺُنهن سٺي نه ملي اٿم.“ ٿي سگهي ٿو ته ان ۾ سندس ئي ڏوهه هجي. جيئن هڪ ٻيو روسي پهاڪو آهي ته ”هر ماڻهوءَ کي پنهنجي لڪڻي ۽ پرائي زال وڻندي آهي.“

هونءَ روسي پهاڪا به دلچسپ ٿين ٿا. آئون گهڻو وقت روس ۾ نه رهيو آهيان. ڪنهن زماني ۾ اوڊيسا ۾ رهي چڪو آهيان. هينئر تازو سئيڊن ۾ به سال رهڻ دوران ڪيترائي آذربائيجان، آرمينيا ۽ بيلاروس جا همراهه مونسان گڏ رهيل هئا. ڪائنڻ ٻڌل ڪجهه روسي پهاڪا هن ريت آهن:

- محنت جي ڪمائي اٺ جي پيچ جهڙي ٿئي ٿي. ڪڏهن نٿي وڃي.
- انڌن جي شهر ۾ اکيون بند رکڻ گهرجن.
- ڪجهه ماڻهو ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن ته دوزخ ۾ به رشوت هلي ويندي.
- بيضا ڏيڻ واري ڪڪڙ کي رڙيون ڪرڻ جو حق آهي.
- سمهي جيئڻ کان بيهي مرڻ بهتر آهي.
- خچرن جي ولديت فقط پوليس ئي معلوم ڪري سگهي ٿي.

- ❏ ڪنهن ٻليءَ جي دماغ ۾ اها غلط فهمي ڪٽي وڌي ته هنجو ڪاڪوس اڪسير آهي.
- ❏ خوبصورت وارن واري ڇوڪري ٻن ڇوڪرين برابر ٿئي ٿي.
- ❏ مهمان ٻئي مهمان سان ۽ ميزبان ٻنهي سان نفرت ڪري ٿو.
- ❏ ڏراڙ کي انهن رڍن جو افسوس آهي، جيڪي هليون ويون ۽ بگهڙ کي انهن رڍن جو جيڪي بچي ويون.
- ❏ بي سواد ڪيرٽي سهٽي چمچي سان کائڻ ڪپي.
- ❏ ٻليون جي هٿن ۾ جوراب پائين ته ڪوئا ڪيئن جهلين.
- ❏ ميڻ ٻتيون مهنگيون ٿيڻ جو انڌن کي ڪهڙو ملال.
- ❏ گهوڙي جي اڳيان ۽ ڪتي جي پٺيان لنگهڻ ڪپي.
- ❏ گڏهه کي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ جو دعوت نامون مليو ته هو سمجهي ويو ته هن کي چاڄين لاءِ پاڻي ڍوئڻو پوندو.
- ❏ پربل پيٽ ڪڏهن به ڪجهه نه سکندو.
- ❏ ڪجهه ماڻهو بگهڙ جي گهر ماني کائڻ بعد ٻڪرار جي گهر افسوس ڪرڻ وڃن ٿا.
- ❏ قانون اميرن جي لاءِ ٺهي ٿو ۽ سزا غريبن لاءِ.
- ❏ ڳرو پٿر کڻڻ وارو ڪنهن کي به هٽڻ نه چاهيندو. وغيره وغيره.
- ❏ وات اڌ حڪيم آهي.

(ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر جي دوا کان وڌيڪ سندس وات سان ڏنل تسليءَ مان مريض کي سڪون پهچي ٿو. ان پهاڪي جو مطلب اهو به آهي ته وات تي ضابطو رکجي يعني پرهيز ڪجي)

- ❏ انڌن وچي ملتان لڌو.

(ڪوشش سان هر شيءِ ملي سگهي ٿي. رستو پڇائيندا پڇائيندا انڌا وچي ملتان کان پهتا هوندا يا ته ڪنهن هنن کي هڪ واريءَ صحيح ترين ۾ ڇاڙهيو هوندو ته انهي ئي ڏينهن وچي ملتان کان نڪتا هوندا. بشرطيڪ اندر جا حواس سجاڳ رکيا هجن.)

هڪ شرابي نشي جي حالت ۾ ڪيترائي دفعا غلط ريل گاڏين ۾ ويٺو ۽ هر دفعي هن کي اها ٽرين مٽائڻي پئي ٿي. آخرڪار هڪ شخص هن کي ضرورت واري ٽرين ۾ چاڙهيو. پرسان ويٺل هڪ مولويءَ جڏهن شرابيءَ جي اها حالت ڏٺي ته ڪاوڙجي چيو.” ڇا توکي خبر آهي ته جنهن رستي تي تون سفر ڪري رهيو آهين اهو وڏو خطرناڪ آهي جنهن جي ڪا منزل ناهي.“

شرابي اهو ٻڌي منجهي پيو ۽ چيو:

”آئون شايد وري ڪنهن غلط ٽرين ۾ ويهي رهيو آهيان.“

- ويٺي سگهن ڪاڻ ڪن به ڪپائي آئي.
- جيترو پيءُ اوترو ڊيءُ.
- جيترو فائدو اوترو فائدو.

(هيو ڪو چوي يا نه پر سنگاپور جو لي ڪئان يو سچي زندگي پنهنجي قوم کي اهو سبق ڏيندو رهيو ته ڊسپلينڊ زندگي سٺي آهي. جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيو جا قاعدا قانون ناهي، ان تي عمل ڪرڻ سان انسان سکي زندگي گذاري ٿو. اڄ سنگاپور ۾ تمام گهڻا قاعدا قانون آهن. رستي تي ٿڪ اڇلائڻ تي به سخت ڏنڊ آهي. زور سان ريڊيو وڄائي پاڙي واري کي ڊسٽرب ڪرڻ تي به سزا آهي ۽ ٻيا ڪيترائي سخت قانون آهن. پر اڄ اهو سنگاپور سڀ ۾ سهڻو، پُرسڪون ۽ ماڊرن سمجهيو وڃي ٿو)

- دم دال جو آڪڙ پُلاءُ جي.
- سڌيءَ آڱر سان مکڻ نه نڪري.

(مقصد کي ماڻڻ لاءِ محنت ضروري آهي پوءِ ڪڏهن ڪڏهن نموني بازي ڪرڻ به ضروري ٿيو پوي. هڪ همراهه پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي گهر مان ڪڍڻ چاهيو ٿي. نوڪرياڻيءَ به ڪم نٿي ڪرڻ چاهيو پر جيئن ته هن جو پگهار اڳان رهيل هو سو هوءَ بيماريءَ جو بهانو ڪري سمهي رهي، ڇڻ دورو پيو هجيس.

مالڪ پنهنجي فئملي ڊاڪٽر کي سڏايو، جنهن جي تپاس وقت نوڪرياڻيءَ ڪن ۾ چيس: "ڊاڪٽر صاحب آئون بيمار نہ آهيان. گھر جي مالڪ مونکي ڇهن مهينن کان پگھار نہ ڏنو آهي ان ڪري مون بيماريءَ جو مکر ڪيو آهي. جيسين پگھار نہ ڏيندو تيسين هتان نہ ٽرنديس."

ڊاڪٽر اهو ٻڌي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو: "تورو سِرُ تہ آئون بہ اتي ئي سمهان."

"پر ڇو؟!" نوڪرياڻيءَ گھبرائجي پڇيس.

"ٻن سالن کان مونکي بہ فيون نہ ڏنيون اٿس." ڊاڪٽر چيو.

- رت ڪٽورو ڏجي، تڏهن پٽ ڪٽورو ملي.
- رڪ جا چٽا آنڊا چيرين.
- رت ڏسي رمي هٽجي.

(ڪجهہ هجي تہ محنت بہ ڪجي. جيئن انگريزيءَ ۾ چوٽي آهي تہ خالي کوهہ ۾ ڏول وجهڻ مان ڇا فائدو)

- جهڙيون سٺ تهڙيون ٽي ويهيون.

(سٺ ۽ ٽن ويهين ۾ ڪوبہ فرق ناهي. ڇو جو ٽي دفعا ويهہ بہ سٺ ٿيا)

- ڪتي ڏاڙهي هٿ نہ اچي.
- مٺا آهن، جيئرن جي وس.
- منهن ڪونئري ڳلا پٽائي.
- غريب گڏهہ ٽينڊو آهي.

(گڏهہ کان وڌيڪ ٻيو ڪير غريب ٿي سگهي ٿو. گڏهہ اڄ ٻڪ ۾ مالڪ جا موچڙا ڪائي بار ڍوئڻ بعد بہ صبر ۾ رهي ٿو.

هڪ ماڻهوءَ اخبار ۾ اشتهار شايع ڪرايو: " مونکي پنهنجي لاءِ هڪ اهڙي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي جنهن جو بڻ بنياد نج هجي، جيڪو وفاداري، سٺي طبيعت، شرافت ۽ خذمتگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هجي. سهڻو هجڻ ضروري ناهي، پر سخت محنت کان نہ گهبرائي. جيڪو حڪم

ڏيان ان کان انڪار نہ ڪري ۽ رُکي سکي کائي خدا جو شڪر ڪري. ذات پات، نسل، فرقي جو ڪو قيد ناهي."

ٻئي ڏينهن هن جي دروازي تي هڪ گڏهہ اڇي بيٺو. هن جي ڳچيءَ ۾ هڪ ڪاغذ لڙي رهيو هو. جنهن تي لکيل هو:"توهانجو اشتهار پڙهي توهان جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو آهيان."

- منهن ڏسي تِلڪ ڏجي.
- مئي کي مارڻ سورهيہ جي گلا.

(مري ويل کي مارڻ ڪنهن بہ پهلوان جو ڪم ناهي)

- ماريءَ جي گهر هڏن جو ڍير.

(ماري معنيٰ شڪاري جيڪو پکي يا جانور ماري، ان جي گهر هڏن جو ئي ڍير هوندو)

- اپٽي گهوٽ تو نشا هوئي.

(موالين جو قول آهي، تہ پيئڻ واري کي خود بہ ڀنگ گهوٽڻ ۾ حصو وٺڻ کپي. ان جو نشو وڌيڪ ٿئي ٿو. هونءَ بہ پنهنجي هٿ سان جيڪو ڪم ڪجي ٿو اهو بهتر ٿئي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ بهتر لڳي ٿو. پر ان جو مطلب اهو بہ نہ آهي تہ پراوا ڪم بہ ڪندا رهجن.

بہ ساهيڙيون ڪيترن سالن بعد پاڻ ۾ مليون تہ يڪدم مڙسن جون گلائون شروع ڪري ڏنائون.

هڪ چيو:" منهنجي شاديءَ کي ڏهہ سال ٿي ويا آهن پر منهنجو مڙس مانيءَ جي هر ويلي تي ڪاڏي مان اوٺايون ڪڍي ٿو."

ٻيءَ چيو:" اها تہ عجيب مصيبت ٿي ان سان تہ توکي سخت مونجهارو ٿيندو هوندو."

پهرينءَ جواب ڏنو."مونکي مونجهارو ڇو ٿيندو؟ جيڪڏهن هن کي پنهنجي هٿن جو رڌل ڪاڌو نٿو وڻي تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ.")

- هڪ ڏينهن عيد، ٻئي ڏينهن گيد، ٽئين ڏينهن ساڳي ماني ساڳ سان.

- ❑ ڪَرُ ماڻهو وڻ ٻاٻرو، ٻنهين ڏينهن ڪنڊن.

(ڪَرُ ماڻهو معنيٰ لچ ماڻهو،وڻ ٻاٻرو معنيٰ ٻير جو وڻ جنهن مان ڪنڊا لڳن. سي نه ٿي هجن ته سٺو)

- ❑ چرين ڪهڙا چت منڻ ڪهڙا معاملا.
- ❑ شل نه ڪنهن ڪميٽي ۾ ڪم پوي.

(اهڙو ماڻهو وڏي دل ڪري مدد ڪرڻ بدران رلائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي يا سڄي ڏيهه ۾ خوار ڪندو وتندو ته فلاڻي جي مون مدد ڪئي، نه ته ڪٿي جو نه رهي ها. ساڳي چوٽي گدڙ لاءِ به ڏني ويندي آهي ته گدڙ جي گونهه جي ضرورت پوندي آهي ته هو جبل جي چوٽيءَ تي وڃي هنگندو آهي)

- ❑ گهگهيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو مهل ۾ ڪم نه اچن.

(گهگهيرو گهوڙو معنيٰ جيڪو هلندي هلندي بيهي رهي، اِتون هٽي. پيٽيرو ماڻهو معنيٰ رڳو پيٽ تي ڪمائڻ وارو نوڪر)

- ❑ چريءَ ڪي چوڙو، ڪڏهن ٽنگ ۾ ڪڏهن ٻانهن ۾.
- ❑ مادي ڪڪڙ به ڪڏهن ٻانگ ڏني.
- ❑ ميهار نڪتو مينهن مان، وڃن ڪهڙي پارت.
- ❑ چڱا سي جن جا پويان چڱا.
- ❑ مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور ميان ليٽي باغ ۾.

(مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور معنيٰ ملڪيت ۾ فقط هڪ به ڪجيءَ جو وڻ، ان کي باغ سمجهي ڪٽ وڇائي سمهڻ)

- ❑ ميون ڳور لائق، بيبي سيج لائق.

(ميون ڳور لائق معنيٰ مڙس پوڙهو قبر ۾ وڃڻ جهڙو، زال جوان جاڻ)

- ❑ گڏهه ڪي به ڪڏهن گابو ڄائو آهي.

(جيڪو جنهن نسل جو هوندو انکي اولاد به ان نسل جو ئي ٿيندو)

- ❑ بي حيائي بادشاهي.

- هـجـتـي لـعـنـتـي.

(گهڻي هجت رکڻ سان ماڻهو بدتميز ٿيو وڃي ۽ تڪ ٻُجي، گار گند تي لهيو اچي. انگريزيءَ ۾ به ان قسم جي چوڻي آهي:Familiarity breeds contempt سڌريل قومن جا ماڻهو دوستيءَ ۾ پنهنجائپ کي هڪ حد کان وڌڻ ٿيڻ نه ڏيندا آهن، ڇو جو پوءِ گهڻي فري ٿيڻ سان هڪ ٻئي جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي)

- پنهنجي ڪني جو ويج نه طبيب.
- دل ڪـونـي عـذر گهـڻا.

(ڪنهن ڪم يا پورهئي لاءِ دل نه چوڻ تي بهانا ناهڻ. جيئن چوندا آهن ته نچڻ نه اچي چوي پون سوڙهي. انگريزيءَ ۾ پڻ هڪ چوڻي آهي ته: (Where there is a will there are ways.

- اوٺـيهه راتيـون چـور جـون ٽـيـهين رات سـاڌ جي.

(غلط ڪم ۾ ڪوبه نتو ڦٻجي. برائيءَ جو انجام برائي ئي آهي)

- گهر جي ڪَنڊ ڪِرڪِر ڪري، چوريءَ جو ڳڙ منو منو.
- چيـچ ڪپائـي شهيدن ۾ داخل ٿيـڻ.

(ٿوري محنت ڪري پاڻ کي وڏين ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ)

- منو منو هڙپ هڙپ، ڪَوڙو ڪَوڙو ٿـو ٿـو.

(آسان ڪم اختيار ڪرڻ، ڏکئي ڪم کان پاسو ڪرڻ)

- گهـر جي دال ئي ڀلي ٿوڙي ٻاهر ملي پلو.
- اهڙي خراب گهـتيءَ ۾ ئي ڇو وڃجي جو ڪتو ڪائـي.

(اهڙي ڪِني صحبت ئي ڇو اختيار ڪجي جو بدنامي ٿئي)

- نالي چڙهيو چور ڦاسيءَ چڙهي.

نالي چڙهيو واپاري ڪـٽيو کائي.

- ماءُ سارنگي پيءُ طنبور، ائين پيو نچي جيئن لنڪا جو لنگور.
- نانگ ويو نڪري ليڪو پيو ڪٽجي.
- جيـڏا ان، تيـڏا لـوڏا.

- لوڪ پسند پائجي، دل پسند کائجي.

(چوندا آهن تہ ڪپڙا اهي پائجن، جيڪي ماڻهن کي پسند اچن ۽ کاڌو اهو کائجي جيڪو دل کي وڻي. پر اهڙو بہ ڪو ضروري ناهي. هنئي ڳالهيون دل پسند بہ ڪري سگهجن ٿيون. هڪ ڪراڙو سِک هير جي وڻ تي فقط ڪڇو پائي، هير کائي رهيو هو. ڪنهن پڇيس سردارجي ڇا پيو ڪرين. وراڻيائين: "رٽائرڊ ٿيڻ بعد هاڻ فقط بہ شوق وجي بچيا آهن. اوڇو پهرڻ ۽ اوچو کائڻ.")

- مرد مري مانَ لاءِ. نامراد مري نان لاءِ.
- گهر واريءَ جو هڪڙو گهر، بي گهريءَ جا سَوَ گهر.
- لِڏ ۾ لعل لڪا پيا آهن.
- مڪر چڪر جي کهاٽي، اڌ کير تہ اڌ پاڻي.
- مارجن تہ مير، پيئجن تہ کير.
- مارجن تہ مير، چاڪر ڇا ڇچلائجن.
- نہ پاروتو بچي، نہ ڪتوئي در تي اچي.

(جيئن ٿائي زبان ۾ هڪ پهاڪو آهي تہ "ڪتن کي بہ خبر پوي ٿي تہ گهٽيءَ ۾ ڪهڙا گهر غريبن جا آهن.")

ٿائي زبان ۾ بہ ڪيترائي دلچسپ پهاڪا ۽ چوٽيون آهن، جيڪي بئنڪاڪ ۾ ٿورا ڏينهن رهڻ وارو بہ مختلف دڪاندارن ۽ پاون پانيڻن کان ٻڌي ٿو. ڪجهہ ڪجهہ، هن وقت مونکي بہ ياد آهن.

- وارن سان ضرور پيار ڪريو، پر نہ جُوئن سان.
- ننڍي سوراخ واري سئيءَ ۾ خيال سان ڌاڳو وجهو.
- سچ کي ڪهڙي ضرورت ڪڙڪپيتي سان ريس ڪرڻ جي.
- جيڪو وڻ ڇانوَ ڏئي، ان جي آسپاس وارو پٽ صاف رکجي.
- استادن جي منهن تي ساراهہ ڪجي، پورهيتن جي ڪم پورو ڪرڻ بعد ۽ دوستن جي پريڻ.

- پئسو آهي تہ پير آهي، جيئن انگريزيءَ ۾ آهي تہ: No money no honey
- ڇوڪريءَ کي چڱي طرح سڃاڻڻ لاءِ سندس ڏاڏيءَ جو جائزو وٺجي.
- اڏامندڙ پکين جون قطارون پنيان ڪوبہ نشان نٿيون ڇڏين.
- بئنڪاڪ ۾ توهان پٿر اڇلايو تہ اهو ڪنهن ڪتي کي وڃي لڳندو، يا بکشو ٻائي کي يا بادشاهي گهراڻي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي.
- پنهنجي دوست جي لچڻن جي تعريف ڪري سگهو ٿا، پر ڌارئين ماڻهوءَ جي فقط ڪپڙن جي واکاڻ ڪري سگهجي ٿي.
- گنجو ماڻهوئي ڦٽي ليي ٿو.
- هڪ اک بهتر آهي ڏهن زبانن کان، ۽ هڪ هٿ بهتر آهي ڏهن اکين کان.
- سُٽي جيڪو آسمان ڏي ٿڪون اڇلائي ٿو ان کي واپس منهن ۾ لڳن ٿيون.
- بيماري جبل جيان اچي ٿي، ماڪوڙيءَ جيان ڇڏي ٿي. (يعني آهستي آهستي، ٿوري ٿوري ٿي جان ڇڏي ٿي)
- ڪندي کي ڪندو ئي ڪڍي ٿو.
- نانيءَ اڳيان هميشه ناناٽا ساراهجن.
- بگهڙ ڪائي تہ بہ وات ڳاڙهو، نہ ڪائي تہ بہ وات ڳاڙهو.
- سمجهہ سمجهہ ۾ فرق ٿئي ٿو.

(چمر- روڪ ڪاتي وارن ڳوٺ ۾ بہ پوسٽر لڳايا. هڪ پوسٽر ۾ هڪ گدلو گهر ڏيکاريل هو جنهن ۾ ڏزن کن ٻار ڦاٽل پراڻن ڪپڙن ۾ پنهنجي ماءُ پيءَ اڳيان ٺينگ ٽپا ڏئي رهيا هئا. ٻئي پوسٽر ۾ هڪ صاف سٿرو گهر ڏيکاريل هو. جنهن ۾ زال مڙس پنهنجن ٻن ٻارن سان گڏ ماني کائي رهيا هئا.

پر پوءِ خبر پئي تہ ڳوٺ جون زالون جڏهن بہ هنن پوسٽرن وٽان لنگهيون ٿي تہ ٻئي نمبر پوسٽر کي ڏسي افسوس مان ٺڏو ساهہ کڻي ڇيو ٿي:

”ابوه! ويچارن کي فقط بہ ٻار آهن!“

- وار ڪترڻ سان مڙدو ڪو هلڪو نہ ٿيندو.
- چار ڏينهن چاهہ جا، پوءِ وٺ پاسا واهہ جا.
- واٽيو ڳِجُ ڪائيندو آهي تہ لڪي ڪائيندو آهي.
- ڏيهہ ڪي ٻڌائڻ ڏيرياڻيءَ ڪان لڪائڻ.
- اهڙي هجي ها تہ ڏٺي بہ نہ ڏڪينس ها.
- دوستي ڪرڻ سولي، نباهڻ ڏکي.

(پر ڪي ڪي ماڻهو تہ ڇا پر جانور بہ دوستي نباهي ڄاڻن. ڪتو ۽ گهوڙو پڻ انهن جانورن مان آهن، پر هڪ اهڙي وفادار گهوڙي جو مالڪ هن مان خوش نہ هو. ڳالهہ هيءَ ٿي تہ هو سواري دوران گهوڙي تان ڪري پيو." ڪرڻ سان منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي. هاڻ جهنگل ۾ منهنجي ڪير مدد ڪري." هن ٻڌايو.

"پوءِ ڇا ٿيو. گهوڙو اتي بيٺو رهيو يا اهو بہ توکي ڇڏي هليو ويو."
دوست پڇيو.

گهوڙي تي چڙ ڪندي چيائين:" اهو مونکي وات ۾ جهلي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو."

"تہ پوءِ تنهنجو گهوڙو بيحد وفادار ۽ عقلمند ٿيو." دوست چيس.
"ها. پر ايترو بہ نہ. هو نادان مونکي جانورن جي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو."

- گهاگهر ۾ ساگر سمائڻ.

(گهگهيءَ ۾ سمنڊ وجهڻ جيتوڻيڪ ناممڪن ڳالهہ آهي، پر ڪنهن وڏي رام ڪٿا کي مختصر ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. جيئن اڙدوءَ ۾ چوٽي آهي تہ ڪوزي مين درياهہ بند ڪرنا)

- دنيا آهي چئن ڏينهن جو چٽڪو، ۽ حياتي آهي موت جو لقمو.
- ٻہ ٺڪر جا ٺولهڙا ٽين ٽڏي.

(تمام گهٽ سامان، تمام گهٽ مونجهارو)

- ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾.

(ڪڏهن ڏک ۾ ڪڏهن سک ۾)

- جيڪو لڪيو آهي سوئي لوڙهبو.
- زور اڳيان زاري سهي.
- ڪوٽ نهيا بہ مڙسن لاءِ آهن تہ ڪيرائيندا بہ مڙس.
- ڇُري گدري تي ڪري يا گدرو ڇُريءَ تي، هر صورت ۾ نقصان گدري کي.

(گدري ۾ چري قاتل ڏسي ڇٽي نٿو سگهجي تہ ڪير ڪنهن تي ڪريو. هڪ تمام ٿلهي زال ڪٽ تي ستي پئي هئي تہ اوچتو زلزلو اچي ويو ۽ وچي پٽ تي ٺهڪو ڪيائين. مڙس بہ پرسان سٽل هو تنهنجي اک کلي پئي ۽ يڪدم پڇيائين.:

"بيگم زلزلو اچڻ تي تون ڪري آهين يا تنهنجي ڪرڻ سان زلزلو آيو آهي؟")

- شينهن مري تہ بہ ڏيڍ نہ چري.

(شينهن گوشت کائڻ وارو جانور آهي هو ڪڏهن بہ ٻڪري، رڍ، سهي وانگر گاهہ نہ کائيندو آهي. يعني هو مرندي مري ويندو آهي پر پنهنجو اعليٰ "معيار" قائم رکندو آهي. پر هو چا چوندا آهن تہ "بک بچڙو تول دانا ديوانا ڪري."يقين ڪريو ڪراچيءَ جي چڙياگهر(Zoo) ۾ بکايل شينهن ۽ لومڙن کي پاروتي ڊبل روٽيءَ جا ڪَنا کائيندي ڏٺو ويو آهي)

- جهڙي پيت تهڙو چٽ.

(سني پت تي ئي سنو چٽ ٺاهڻ تي دل وري ٿي)

- ٿـَـرَ کـان اڳ چـر نہ ڪـيجـي.
- اُن جي وات ۾ لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، کنڊ وجهہ تہ بہ رڙي.
- ٻلي کائيندي ڪانہ ساري، هنگندي ساري.
- پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽَ گهر جي سونهن.
- ڳل لڳنيءَ کان وڃجي پر منهن لڳنيءَ کان نہ وڃجي.
- ننگ جـون پـاڙون دوزخ ۾.
- ادي چاڙهي، ابي چاڙهي، مون نہ چاڙهي تہ ڪنهن بہ نہ چاڙهي.

- گهٽين زالين گهر نہ هلي، گهٽين مردين هَرُ نہ هلي.
- نخرو بہ عمر سارو نهي ٿو.

(لنڊن جي ڪنهن دڪان ۾ هڪ پوڙهي انگريزياڻي دڪاندار ڪان رڳو پڇ پڇ ڪري رهي هئي. دڪاندار منجهائس سخت بيزار ٿي رهيو هو، پر هيءَ نوان نوان نخرا ڪري رهي هئي. آخرڪار ڪيس لومڙيءَ جو ڪوٽ وٺيو ۽ دڪاندار سُکَ جو ساهہ کنيو. پئسا ڏيئي هاڻ هلڻ واري هئي تہ وري ڪا ڳالهہ ياد آيس ۽ دڪاندار کان پڇيائين.

"پلا هي ڪوٽ مينهن ۾ پُسي خراب تہ نہ ٿي ويندو؟"

دڪاندار جيڪو پهرين ئي هن مان تنگ اچي چڪو هو تنهن بيزاريءَ مان چيس.

"مئڊم توهان ڪڏهن لومڙيءَڪي برسات ۾ ڇتي ڪٽي ويندو ڏٺو آهي؟")

- ڪتا ڀؤڪندا رهندا، فقير رمندو رهندو.
- بخش بيبي ٻلي، ڪنو لُنڊو ئي ڀلو.
- هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ڏيکارڻ جا ٻيا.
- جنهن کيت ڪانياٽي ڇڏي، تنهنجو ربج پاٽيءَ سان ڇا.
- کير واري ڳئون جون هرڪو لتون بہ سهندو.

(ڪم واري ماڻهوءَ جا نخرا بہ سهڻا پون ٿا )

- ڪتو ڪتي کي نہ سهي، فقير فقير کي نہ سهي.
- جيسوءَ کي تيسو.

(ڪنهن ڏنگي ماڻهوءَ کي اهڙوئي ڏنگو ملي وڃي تہ ان لاءِ مٿيون پهاڪو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن حاضر جواب لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو. دنيا ۾ ڪيترائي حاظر جوابي مشهور آهن. خليفو هارون رشيد بہ انهن مان هڪ هو.

هڪ دفعي خليفي هارون رشيد کان ڪنهن پڇيو: توهانِ ڪڏهن ڪنهن جي ڳالهہ ۾ڏي دنگ رهجي ويا؟"

پاڻ وراڻيائون: "هائو ٽي دفعا ائين ٿيو جو آئون بہ لاجواب ٿي ويس.

هڪ دفعي هڪ عورت جو پٽ مري ويو ۽ هوءَ روئڻ لڳي. مون هن کي چيو تہ تون مونکي پنهنجو پٽ سمجهہ ۽ نہ روءِ. هن جواب ڏنو تہ آئون اُن پٽ لاءِ چو نہ روئان جنهنجي بدلي ۾ وقت جو خليفو منهنجو پٽ ٿيو آهي.

ٻي دفعي مصر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ موسيٰ ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي. مون هن کي سڏائي چيو تہ حضرت موسيٰ وٽ الله جا ڏنل ڪيترائي معجزا هئا. جيڪڏهن تون موسيٰ آهين تہ ڪو ڪرشمو ڏيکار. هن جواب ڏنو تہ موسيٰ تہ ان وقت معجزو ڏيکاريو هو جڏهن فرعون خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي هئي. تون بہ اها دعويٰ ڪر تہ آئون معجزو ڏيکاريائين.

ٽئي دفعي ماڻهو گورنر جي غفلت ۽ ڪاهليءَ جي دانهن کڻي آيا. مون چيومان تہ اهو شخص تہ تمام گهڻو شريف ۽ ايماندار آهي. هن جواب ڏنو تہ پوءِ پنهنجي جاءِ تي هن کي کڻي خليفي طور وهار تہ هن جو فائدو سڀني کي ٿئي)

- گپ جو ڪِلو هميشه ڊِروئي رهندو آهي.
- گدرو گدري کي ڏسي رنگ بدلائيندو آهي.
- ڪتو ڪڙم جي ويري.
- جتي بينو اتي چٽو.
- ڪتي کي موت ڪٽندو آهي تہ مسجد جي در ڏي ڀڄندو آهي.
- گونگي جو اشارو گونگو ئي سمجهي.
- ٿورا لاهي نہ سگهجن تہ ڳائجن ضرور.

(انسان ڪنهن جو بہ وڙ نہ وڃائي، ڪو مهرباني ڪري ٿو تہ ان جو ٿورائتو ضرور ٿجي، پوءِ چاهي ڪٽي اهو پنهنجو مائٽ مٽ هجي يا ڌاريون. پر ڪي ماڻهو چاهيندا آهن تہ سندن ٿورا لاهيان تہ چا پر ڳائيا بہ نہ وڃن.

هڪ عرب نوجوان ٽي سال لنڊن ۾ ڪنهن انگريز استاد وٽ انگريزي سکڻ بعد پنهنجي وطن موٽي رهيو هو. استاد سان موڪلائڻ وقت غلط سلط انگريزيءَ ۾ هن جو شڪريو ادا ڪندي چيو:

"استاد محترم! توهان جنهن محنت ۽ ڌيان سان مونکي انگريزي پڙهائي آهي ان جو آئون شڪر گذار آهيان. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ توهان جا ھي ٿورا آئون ڪيئن لاهيان؟"

استاد چيس: " تون ھڪ طرح سان لاهي سگهين ٿو."

"ڪيئن؟ حڪم ڪريو." فرمانبردار شاگرد ڪائنس ادب سان پڇيو.

استاد چيو: " جڏھن تون وطن پهچين تہ مهرباني ڪري ڪنهن کي بہ اهو نہ ٻڌائجانءِ تہ توکي انگريزي مون پڙهائي آهي.")

- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
- ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ هٿ بہ ڪارا تہ منهن بہ ڪارو.

(دنيا ۾ ڪي ڪي ڪم، واپار توڙي نوڪريون اهڙيون ٿين ٿيون جن کان پاسو ڪجي تہ بهتر جو انهن ۾ ماڻهو نہ دين جو رهي ٿو نہ دنيا جو)

- گهاٽي جو ڏاند ۽ ڪاسائيءَ جو ڪتو جتي ٻڌو اتي چٽو.
- ڳُـڙ هميشه مٺو ئي مٺو. ليمون هميشه کٽو ئي کٽو.
- پـرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي.
- شـادي تعـدي آهـي.

(ڇا واقعي؟ ڪيترا اهو بہ چوندا آهن تہ شاديءَ بعد انسان جي آزادي هليو وڃي. هو بند ۾ ڦاسيو ٿو وڃي. بهرحال ھڪ همراھ پنهنجي زال مان سخت بيزار ٿي هن کي خون ڪرڻ وارو هو تہ سندس دوست وڪيل سمجهايس تہ متان زال کي ماريو اٿي. ويهہ سال ٽيپ اچي ويندءِ ۽ پوءِ اها ڳالهہ سوچي ارادو لاهي ڇڏيائين.

ان ڳالهہ کي جڏھن پورا ويهہ سال گذريا تہ پراڻن ڏينهن ۽ موجوده زندگيءَ جو سوچي ٿڌو ساهہ کڻي چيائين:"ڪاش جيڪڏھن مان وڪيل جي ڳالهہ نہ مڃيان ها تہ اڄ ٻنهي قيدن مان آزاد هجان ها.")

- سڪڻيءَ کي ڄاڻو پٽ، ڇميون ڏيئي کڏيائينس ساھ.
- سخي، سرنهن چٽو ـ جيئن پيل تيئن پلو.

- متيون ڏينديي لوڪ کي چري پاڻ ٿياس.
- صبر جو ڦل منو ٿئي ٿو.

چا واقعي منو ٿئي ٿو يا بزدليءَ پنهنجي لاءِ ان قسم جا بهانا ناهيا آهن.
پر نہ ڪجھ تہ آهي، تڏهن تہ شاهہ لطيف چيو آهي:

"صبر جنين جو سير تير نہ گسي تن ڪان."

- اڄ جو ڪم سڀاڻ تي نہ ڇڏجي.

(پر اڄ جو ڪم سڀاڻ تي ڇڏڻ ۾ جيڪا راحت آهي، ان جي ڪهڙي ڳالھہ ڪجي. ڪنهن چيو اهو غلط آهي تہ اڄ جو ڪم سڀاڻ تي نہ ڇڏجي. صحيح هي آهي تہ "اڄ جو ڪم پريهن تي ڇڏجي." شايد تلسي داس تہ هيئن چيو آهي:

ڪال ڪرو سو آج ڪرو، آج ڪرو تو ابهی
ابهی اگر نہ کرسکے تو کر نہ سکوگے کبهی

- اهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني.
- ڏاچي هٽي ڏهہ توڏو هٽي تيرهن.
- جي نہ وڙهندا سي مرندا.

(انگريزيءَ ۾ هڪ شعر آهي:

"For he who fights and run away
May live to fight another day
But he who is in battle slain
Can never rise and fight again"

- ساڏن سان سنمڪ پنچن سان پورو.
- اُتي تي چتي.

(سست ماڻهو رڳو ڪاٺڻ تي، جيئن اڙدوءَ ۾ چوٽي آهي تہ: " نہ ڪام ڪا نہ ڪاج ڪا، دشمن اناج ڪا.")

- سرديءَ سالم نہ رهان، گرميءَ ٿيان مَرَ گداز.

- ٻني ۽ ونـي مٽي مارائي نہ ڏٻـي آهي.

اسان وٽ ڌرتي ۽ عورت جو وڏو مقام آهي. سنڌي مسلمانن اڳيان ڌرتي جوءِ آهي. (ڪٿي ڪٿي ماءُ بہ سمجهيو وڃي ٿو) اهوئي سبب آهي، جو ڇوڻ ۾ ايندر آهي تہ ٻنيون ۽ ونيون، جوءِ ۽ جوء، زن ۽ زمين جن وڃائي سي غيرتمند نہ آهن. اهي تاثرات اسان جون قديم روايتون آهن. مڙسن جي انهيءَ مڙسيءَ کي زندهہ رکڻ لاءِ اسان جي شاعرن چيو آهي:

"جوءِ ۽ جُوءَ مرد نہ ڇڏين ميندرا" شاهہ

"ڪنڌ ڪپائين جوءِ نہ ڇڏين جُوءَ." شيخ اياز

- ڪير جو ڪير، پاڻيءَ جو پاڻي.
- حياءَ لاءِ بہ اکيون ضروري آهن.
- نود ۾ سونو ڇيڻ ٿي بہ چرپر ضرور اچي ٿي.
- مروان موت ملوڪان شڪار.
- آئي ٽاندي ڪاڻ ٿي ويئي بورچياڻي.
- ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار.

سچو ٻهاڪو هن ريت آهي:

ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار،
ڪٿ رهيو ڪوهيار، ڪٿي ڪٿي ٿي هٿڙا

- آئون بہ رئيس تون بہ رئيس تہ گڏهہ ڪير هڪليندو.
- بک بڇڙو ٿول دانا ديوانا ڪري.

(پنهنجي ملڪ ڪان لڏي آسٽريليا آيل بہ سک بيروزگار ڦري رهيا هئا. اجان ڪين ڪٿي بہ ڪا نوڪري يا اجهو نہ پئي مليو. اتي هڪ ڏينهن هڪ هئي کي ڏٺو تہ فرسٽ ڪلاس مرسيڊيز ڪار ۾ پيو گهمي.

"اڙي هي ڇا! ڪالهہ تائين تہ تو وٽ ٽڪو بہ ڪيسي ۾ نہ هو. هيءَ ڪار ڪٿان آندءِ."هن اچرج مان پنهنجي سک دوست کان پڇيو.

"بس ڳالهہ نہ پڇ. ڪالهہ هڪ سهڻي ڇوڪري ملي وئي. هوءَ ڪار ۾ وهاري هڪ باغيچي ۾ وٺي هلي. اتي پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي مونکي

چيو: جوان ٻڌاءِ تہ ڇا ڪپيئي تہ اهو توکي ڏيان؟" ۽ آئون سندس ان آفر تي ڪار ڪٽي آيس.

"اڙي بيوقوف ڪنهن جاءِ جا." هن پنهنجي دوست کي ٽوڪيو، "هن جڏهن توکي چيو تہ جيڪي وٺيئي سو گهر تہ هوند سندس ڪپڙا بہ ڪٽي اچين ها. جيڪي وڪٽي بہ ويلا مانيءَ جا تہ ڪاٺون ها."

- اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري، توڙي ڏوبي منجهہ درياهہ.
- پاڙين مٿان پٽ ڪانگن ڪيرائي.
- ڪنهنجا پٽر بہ هلڪا، ڪنهن جو گل بہ گهايو وجهي.
- ڪن جو روئڻ بہ راحت تہ ڪن جو ڪلڻ بہ خواري.
- مرڪندا مارين، جڏا جيارين.
- ڳجهن جي پٽن سان ڪڏهن ڪي ڍڳا مٺا.
- اڳياڙي ان جي سرهي، جنهن جي پڇاڙي سرهي.
- سيوهاڻي چربو، تہ بہ پٽر گهر ڏي ڍوئي.
- سمنڊ جو پاڻي ڪچڻ سهنجو آهي، پر انسان جو پاڻي ڪچڻ ڏاڍو ڏکيو.
- پاڻي ولوڙڻ مان ڇا هٿ حاصل.
- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.

هر وقت رڳو پنهنجي من پسند شيءِ جو سوچڻ. هونءَ بہ جنهن لاءِ گهڻي چاهت هوندي آهي، ان جوئي خيال هر وقت ذيان ۾ رهي ٿو.

ڪنهن نادان مجنون کان پڇيو تہ خلافت تي حق ڪنهنجو هو. حضرت امام حسين جو يا يزيدلعين جو.

وراڻيائين: "جي دل ۾ نہ ڪريو تہ حق ليلا جو هو."

اهڙي طرح سَسئيءَ کي بہ پنهون سان سچو عشق هو تڏهن تہ اٿندي وهندي، پنهونءَ کي ياد تي ڪيائين. بقول شاهہ لطيف جي.

"سٽي جاڳائي سسئي اچي عزرائيل
پٺي ڊوڙائي دليل تہ پنهونءَ ماٺهو موڪليو."

- سـامـي سـدائين ياٽي ۾ پـنـو رهـي.
  (پاٽي ۾ پنو رهي معنيٰ رضا تي راضي رهڻ)
- جيـڪي الله جي تـوهـ پـيا تـڳـنـدا آهـن، انهن جا پيڙا پاتهي پـيا ٻـي لـڳـنـدا آهـن.
- چُـڪ ڪـري چوٽيءَ واري، نـڪـر پڄي ٽُوڙهي تي.
  (هـڪـڙي جي ڏوهـ جي سزا ٻئي کي ڏني وڃي)
- اياڻو چوي، سياڻو ويچاري.
- ٿوري گرهين گهڻو ڪائجي.
- پاڻ نـہ پَلي ڏوجهان متيان ڏيوي.
- پـنـڌ ۾ بـار، سـور ۾ سـور.
  (هڪ پنڌ ۾ ٻيو بار معنيٰ ٻٽي تڪليف تي)
- بـيماري ايندي آ گهـوڙي جيان، ويندي آ جونءِ جيان.
  (ڪابہ مصيبت ايندي تڪڙي آهي، پر ويندي جونءِ وانگر آهستي آهستي آهي)
- واٽـيـو ۾ سيارو ڪنهن کي ڪسر نـہ ڇڏين.
- خـوشيءَ جهڙي خوراڪ ناهي، ڳڻتيءَ جهڙو ڳارو ناهي.
  (بشرطيڪ صحيح معنيٰ ۾ خوشي هجي، رڳو ٻاهر جا ٺهڪ انسان جي اندر کي سکي نٿا رکيو سگهن.
  هـڪ فليٽ مان هر وقت ٺهڪن جا آواز آيا ٿي. هـڪ اخباري رپورٽر انهن جو انٽرويو وٺڻ لاءِ ويو، جو يقين سان هر ڪو چئي سگهيو ٿي تہ هي دنيا جا خوش قسمت زال مڙس آهن، جيڪي ڪڏهن بہ وڙهن نٿا.
  ”توهان جي هن ڪـاميـاب ۽ ڪـل خوشـيءَ واري زندگيءَ جو راز ڇا آهي؟“ رپورٽر پڇيو.
  مڙس جواب ڏنو: ”جڏهن زال جو ويلڻ مون کي لڳي تو تہ هوءِ خوش ٿي ٺهڪ ڏئي ٿي ۽ جڏهن گسيو وڃي تہ آئون ٺهڪ ڏيان ٿو“)
- گهر ۾ ڪَـڏ هجي تہ ٻهر ٻاهر نـہ ڪيجي.

- تار وڄڻ سان سُر سمجهي وڃڻ کپي.
(ڳالهه کي منڍ کان ئي سمجهي وڃجي)
- تـر کان اڳ بَـرُ کائڻ.
(نفعي کان اڳ موڙي کائڻ)
- ٽـاٽ جـو لنگـوٽـو ۽ نـواب سـان يـاري.
ان کـان وڏيـک بـي کـهـڙي خـواري.
- ٺاٺارڪي ٻليءَ کي ننڊ جي گورين جي ڪهڙي گهرج.
(لوهار جي پاليل ٻلي جيڪا سڄو ڏينهن ٺـڪاءَ ٻڌي ٿي، ان کي هلڪي ٺلڪي گوڙ جي ڇا پرواهه)
- جتي ڏسي پاٽ اتي ڳـائـي ساري رات.
جتي ڏسي ٿالهي، اتي رڳو هٿ ڪٽي خالي.
(پاٽ معنيٰ ديڳڙو، کاڌي جو وڏو سامان. ٿالهي معنيٰ ٿورو کاڌو)
- ڪڏهن تـه درياهه پـيـو ٽپي، ڪڏهن وري پاٽـيءَ پاٽ ۾ پـيـو ٻڏي.
(انسان ويچارو ڪڏهن تـه درياهه بـه لتاڙيو وڃي، ڪڏهن ڪنارن تي بـه ٻڏيو وڃي)
- پڙهيو پارسي وڪڻي تيل، ڏسو قدرت جو کيل.
- شينهن جي ڏاڙهي ڪهڙو حجام ڪوڙيندو.
- ڇُـهـڙن جون ونديون ڇهڙا ڪـٽـيندا.
- جيڪـو ڏاڍو سـو گـابـو.
- ڏاڍي جي لٺ کي بـه مـٿـا.
- سؤنـٽـي هجي سانُ تـه گڏهه گوهي نـه ڪـري.
- نئين ڪنوار نو ڏينهن، ڇڪي تاڻي تيرهن ڏينهن، ماري ڪٽي مهنو.
- چور کي چئي چوري ڪر، ساڌ کي چتاءُ تـه اڃئي پيو.
- انـڌن اڳـيـان روئـڻ اکـين جـو زيـان.
- ٻٽي تـه ٻـٽي، نـه تـه، دال ماني گهـٽـي.

- ڦاٽي تہ ڦٽڪڻ کھڙو.
- جـڙيءَ کي جـس آهـي.
- ڪتي ڪوريجن جي، رهي راهوجين، ٻيهي ٻاهوجين ۽ ٽڪر ڪائي ڪوسن جا.
- اَٽ آنا اُٽ جا، ٻارهن آنا ڪٽاٽي، ڪري پئي ڪوهہ ۾ تہ ڏيڍ رپيو چڪاٽي.
- ڪسيري جي ڪتي ٽڪي جا ڪائي نان.

(ڪڏهن ڪڏهن ڪا شيءِ ظاهري طرح سستي لڳندي آهي پر ان تي خرچ پڪو وڏو اچي ويندو آهي. ڪسيرو ٽڪي ۽ پئسي ڪان بہ گهٽ قيمت وارو سڪو آهي.

هڪ همراهہ ڦٽيل حالت ۾ ڪنجهندو ڊاڪٽر وٽ پهتو ۽ چيو: "ڊاڪٽر صاحب منهنجن زخمن جي پٽي ڪر ۽ ڪا سٺي دوا ڏي آئون زخمي ٿي پيو آهيان."

ڊاڪٽر چيس: "فڪر نہ ڪر، هينئر ئي علاج ٿو ڪريانءِ."

همراهہ چيو: "پر ڊاڪٽر صاحب! اهو تہ ٻڌاءِ تہ ان تي ڪيترو خرچ ايندو؟"

ڊاڪٽر: "ويهہ رپيا پٽيءَ جا ۽ ٽيهہ رپين جي دوا ٽيندي، يعني فقط پنجاهہ رپيا خرچ ايندو."

"اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ علاج جي ضرورت ناهي. آئون ائين صحيح ٿي ويندس. اهو سودو تہ ويتر مهنگو پوندو."

"سودو ۽ مهنگو!... ڇا مطلب؟" ڊاڪٽر تعجب مان ڪائنس پڇيو.

"ان ڪري جو زخمي ڪرڻ ڪان اڳ منهنجي زال مون ڪان ويهہ رپيا گهري رهي هئي..." هن ٻڌايو.

- پيـر ميرو تہ ٻہ پنـج سيرو.
- قيد جو قيدي ڇٽي وڃي، پر قرب جو قيدي نہ ڇٽي.
- عمر جي جاڻ هجي تہ ڏنـد ڇو ڏسجن.
- تيل سهانگو هجي ها تہ گدڙ بہ چوٽيون مکين ها.

(هوِ ڇا انگريزيءَ ۾ چوندا آهن:)

If Wishes were horses beggers would rise.

- ❑ جنهن ڏٺيءَ تي پاڙي، تنهن سوير چاڙهي.

(سنگاپور ۾ شنڪر امپوريم جو مالڪ هرڪشن پوڄوائي مون کي سي کان گهڻا پهاڪا ٻڌائيندو هو. مٿيون پهاڪو سندس دلپسند پهاڪو هو، جيڪو هر وقت سندس زبان تي رهيو تي)

- ❑ پڳيءَ سان ٿي پير، جيسين رتو راس ٿئي.

(انگريزيءَ ۾ ان جهڙي چوٽي آهي ته پراڻا بوٽ تيسين نه اڇلاءِ، جيسين نوان ملنئي، معنيٰ جيسين سجو ملنئي تيسين پڳل سڳل سان ئي پورت ڪر)

- ❑ انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.
- ❑ ٻچڙو ڪتو ڏٺي پُٺاني.
- ❑ ٻُڌيءَ تي اعتبار نه ڪجي، ڏٺي تہ اڌ اعتبار ڪجي.

(شڪ يا بدگماني ڪرڻ اخلاقي توڙي مذهبي خيال کان خراب شيءِ آهي. انسان کي ٻين جا عيب ڏڪڻ ڪپن ۽ بنان ڏٺي ۽ بنان پڪ ڪرڻ جي ڪنهن لاءِ بہ غلط راءِ قائم نہ ڪرڻ ڪپي.

حضرت حسن بصري رحہ هڪ ڏينهن دجلہ نديءَ جو ڪنارو ڏئي وڃي رهيو هو تہ هڪ حبشي مرد کي ڏٺائين جنهن جي پر ۾ هڪ عورت ليٽي پئي هئي. هو بوتل مان پاڻ بہ پي رهيو هو تہ ان عورت کي بہ پياري رهيو هو. حضرت حسن بصري رحہ جي دل ۾ خيال آيو تہ هن ماڻهوءَ کان تہ آئون سٺو آهيان، جو ائين نٿو ڪريان. هي حبشي هڪ عورت سان گڏ شراب پي رهيو آهي. هي انهن ئي خيالن ۾ هو تہ هڪ ٻيڙي سامان سان ڀريل هن جي اڳيان درياهہ ۾ چڪر کائي ٻڏي وئي. ان ۾ ڏهہ ماڻهو سوار هئا ۽ ڏهن جا ڏهہ غوطا کائڻ لڳا. هن حبشيءَ جو اهو منظر ڏٺو تہ يڪدم اٿي ٻيئو ۽ درياهہ ۾ ٽپ ڏيئي هڪ ٻئي پويان نو ماڻهو بچائي ورتائين، پوءِ حضرت حسن بصري کي مخاطب ٿي چيائين: ”مهرباني ڪري باقي هڪڙي کي تہ تون بچائي ڏيکار. اي مسلمانن جا امام! شڪ ڪرڻ سني ڳالهہ ناهي. هيءَ عورت منهنجي ماءُ آهي ۽ هن بوتل ۾ پاڻي آهي.“

حضرت حسن بصري هن حبشيءَ جي قدمن ۾ ڪِري پيو ۽ هُن کان معافي گهريائين)

- ياڙي ۽ مسواڙ جو قانون ڪونہ ٿئي.
- پير پلو ڪين ويساهہ پلو.
(پير کان وڌيڪ ماڻهوءَ جو هن ۾ اعتماد ڪٽي ٿو)
- ڏر تي گدڙ بہ شينهن.
- ڦٽ بجو ڪج پر گيهہ ذرو ڏج.
- ڦاڙهو جتي ڪائي، اتي اوجهہ ڏئي.
- توڙي وڃي روم، تہ بہ ڏيڍي مٿان ٺوم.
- قاضي چاڻي قيام چاڻي.
- سچ لتي کان پوءِ دير ڪانهي، ڦرئي کان پوءِ اوير ڪانهي.
- ڪٺليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ قدرت پهچائي ٿي.

(ڪٺلي يعني ماڪوڙي تمام ٿورو کائي ٿي ۽ هاٿي تمام گهڻو. بهرحال ٿورو يا گهڻو هر هڪ کي رب پاڪ رزق پهچائي ٿو. هڪ دفعي حضرت عيسيٰ عليه السلام هڪ ماڪوڙيءَ کان پڇيو: "تون سڄي سال ۾ ڪيترو کائين ٿي؟"

ماڪوڙيءَ عرض ڪيو: "اي پيغمبر خدا جا! آئون سال ۾ فقط بہ ڪڻا کاوان ٿي."

"فقط بہ ڪڻا..." حضرت عيسيٰ عليہ اسلام حيرت مان چيو ۽ پوءِ ماڪوڙيءَ کي جهلي هڪ شيشيءَ ۾ وڌو. ان سان گڏ بہ ڪڻا اناج جا بہ وڌا ۽ پوءِ شيشيءَ کي چڳيءَ طرح بند ڪري، ڪنهن محفوظ جاءِ تي رکي ڇڏيو. سال گذرڻ بعد شيشيءَ کي کوليٰ ڏٺائون تہ ڏاڍي حيرت لڳي، جو ماڪوڙيءَ ٻن ٻدران فقط هڪ داڻو کاڌو هو. سندن پڇڻ تي ماڪوڙيءَ عرض ڪيو:

"اي پيغمبر خدا جا! پهرين آئون خدا تي ايمان رکي ۽ ان جي ذات تي ڀروسو رکندي سال ۾ بہ داڻا کائيندي هيس. پر هاڻ جيئن تہ آئون هڪ انسان جي هٿ وس آهيان، سو ڪهڙي خبر تہ مونکي سال کان پوءِ ڇڏي يا ٻن سالن بعد. ان ڪري مون هڪ داڻو ٻئي سال لاءِ رکي ڇڏيو."

هڪ بادشاهہ ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ هنڌان لنگهيو تہ هن کي هڪ فقير تنور (ڪوري) جي ويجهو ستل نظر آيو. ٺھڙي سيءَ ۾ فقير کي ائين ٻاهر سمهندو ڏسي، بادشاهہ کي تعجب لڳو. پر ڪم جي مصروفيت ۾ ڪاٿنس، فقير جي ٻاهر سمهڻ واري ڳالهہ وسري وئي. جڏهن صبح ٿيو تہ بادشاهہ کي فقير جي ڳالهہ ياد آئي ۽ نوڪر موڪلي هن فقير کي سڏرايو. جڏهن فقير دربار ۾ حاضر ٿيو تہ بادشاهہ پڇيس:

"رات سيءَ ۾ توکي تنور ڀرسان ستل ڏٺم. ٻڌاءِ تہ ٺھڙي سيءَ ۾ تو رات ڪيئن گذاري؟"

فقير ٻنان ڊپ ڊاءِ جي جواب ڏنو: "بادشاهہ سلامت! اڌ رات تو وانگر گذاريم ۽ اڌ رات توکان بهتر نموني سان."

بادشاهہ اهو ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ چيو: "منهنجي سمجهہ ۾ تنهنجي ڳالهہ نہ آئي. ذرا کولي ٻڌاءِ."

فقير وراڻيو: "اڌ رات تائين تنور گرم رهيو ۽ ان جي گرمائش ۾ مون کي ننڊ اچي وئي ۽ پوءِ سمهڻ بعد ڇا بادشاهہ ڇا فقير سڀ هڪجهڙا ٿيو وڃن. سو اهڙي طرح اڌ رات تو وانگر گذاريم. پوءِ جڏهن تنور ٿڌو ٿيو ۽ سيءَ جي ڪري ننڊ نہ آئي تہ آئون خدا جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويس. اهڙيءَ طرح رات جو باقي حصو مون توکان بهتر نموني ۾ گذاريو."

- ٻڪريءَ جي ماءُ ڪيستائين خير گهرندي.
- نار وهي نہ وهي، وٹ رينگٽ کي.
- وعدو ڪجي تہ پاڙجي.

(۽ ڪي ڪي واعدا پاڙڻ ۾ ماڻهن کي تمام گهڻي خوشي ٿئي ٿي.

هڪ صاحب کي ٽپال رستي خط مليو، جنهن ۾ لکيل هو: "جيڪڏهن تو ٽن ڏينهن اندر پنجويهہ هزار رپيا فلاڻي هنڌ تي نہ پهچايا تہ، اسين تنهنجي زال کي اغوا ڪري وينداسين."

صاحب هڪدم ورندڙ ٽپال ۾ جواب لکي موڪليو: "مونکي افسوس آهي تہ آئون توهان جو مطالبو پورو نٿو ڪري سگهان پر مون کي يقين آهي

ڪرڻ تي مائٽ مٿيون ڀاڪو ئي ڏين ٿا ته ننڍا ڪوٺا وڏن جا ٿا ڪن ڪترين. يعني وڏن کي به چپ ڪرايو ڇڏين.

هڪ ننڍڙي ٻار ڀرين ڏينهن اسڪول مان موٽڻ تي پنهنجي ماءُ کان پڇيو:

"امان! بابا ڪيئن پيدا ٿيو؟"

هاڻ ماءُ ننڍي ٻار کي ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏئي. ٿوري دير سوچي چيائينس:

"ان کي ٻگهه پکي اڱڻ ۾ ڇڏي ويو."

"پلا تون ڪيئن پيدا ٿئين؟" ٻار پڇيو.

"مونکي به ٻگهه پکي اڱڻ ۾ ڇڏي ويو." ماءُ وراڻيو.

"پلا ادو؟"

"ان کي به ٻگهه پکي ڪٺي آيو." ماءُ وراڻيو.

"پلا آئون ڪيئن ڄايس."

"توکي به ٻگهه پکي ڇڏي ويو." ماءُ وراڻيو.

"ڪمال آهي" ٻار تعجب مان چيو، "يا هن گهر ۾ ڪنهن به نارمل برٿ نه ورتو آهي؟!"

- دانگي پيچي ڪتي جي ذات پرکڻ.
  (نقصان سهي ٻئي جي لياقت پرکڻ)
- ڄاڪرن اڳيان ڇُوڪر ۽ ڇوڪرن اڳيان چل ڪنتء زن.
- خير ڪندي هٿ سڙن ته سڙڻ ڏين.
- چڪني مٽ تي بوند به نٿي ٽڪي.
- شينهن جنگل جو بادشاهه آهي.

(سائين بلڪل هوندو. ڏاڍو مڙس جو ٿيو. هونءَ ته اسان جا ڪيترا سياستدان به شينهن تي پيا آهن. ڪي سنڌ جا ڪي پنجاب ته ڪي سرحد ۽ پاڪستان جا. بهرحال جنگل جو بادشاهه شينهن جانور ئي آهي)

هڪ شينهن جنگل ۾ هر جانور کان ادو پڇندو رهيو:

"ٻڌايو تہ جنگل جو بادشاھہ ڪير آهي؟"

سيني جانورن ڊڄي اهو جواب ٿي ڏنو:

"سائين منهنجا توهين تہ آهيو."

هن هڪ هاٿيءَ کان بہ اهو سوال ڪيو.

"ٻڌاءِ تہ جنگل جو بادشاھہ ڪير آهي؟"

ان ٻي ڏنگي سوال تي هاٿيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن پنهنجي سونڊ شينهن جي چوڌاري ويڙهي ڪٽي پٽ تي هنيس. شينهن سور کان ڪنجهندو اٿيو ۽ چيو:

"ڀائي! جيڪڏهن توکي منهنجي سوال جو جواب معلوم ناهي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ تون مون سان بدتميزي ڪرين."

- **چاڪيءَ جي ڏاند کي گهر ۾ ئي ڪوھہ پنجاھہ.**

(هو سڄو ڏينهن گهر ۾ ئي هلي ٿو)

- **چٽن سان گڏ گُهڻا بہ پيسجي ويندا آهن.**

(جيئن چوندا آهن تہ سڪن سان گڏ آلا بہ ٻري ويندا آهن. يعني ڏوهن سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن بي گناھہ بہ ڦاسي چڙهندا آهن)

- **ڦُرئي واٽئي واريون دانهون ڪرڻ.**

(ڦر ٿيڻ تي نہ فقط واٽيو پر هر ڪو دانهون ڪري ٿو، بشرطيڪ هن جي چڱي ملڪيت يا مال لٽجي ويو هجي. پر ڪي ماڻهو مال ملڪيت نہ وڃڻ تي بہ دانهون ڪن ٿا.

هڪ ماڻهو منهن مٿو ڍڪيندو ڊوڙي رهيو هو ۽ هن کي جهلڻ لاءِ پٺيان پيو چٽو رڙيون ڪري رهيو هو: "اڙي وارو ڪريو، جهليوس. ڀڄيو پيو وڃي."

اڳيون ڀڄندڙ تکي ڊوڙ پائي، وچي چونڪ ۾ بيهتو جتان لنگهندڙ بس ۾ چڙهي غائب ٿي ويو. پٺيان رهجي ويل همراھہ جي چوڌاري ماڻهو اچي گڏ ٿيا. کيس تسلي ڏئي پڇڻ لڳا:

"ڇا ٿيو سائين، هو توهان جو ٻٽون ڪٽي ويو؟"

"نہ بابا."

۾ بندوبست تي سگهندو؟" پوڙهي عورت رڙ ڪري پڇيو.

"ماسي ان کان بهتر آهي تہ توهان برقعو ڪٽي پايو." سرجري جي ماهر اطمينان سان چيو

- دمڙيءَ جي دال ٽي وقت چاڙهڻ.
  (وڏي قناعت ڪرڻ).
- رڍن جي لت پيڏيءَ تائين.
- جاڏي قدم شريف، نہ ربيع نہ خريف.
  (نہ ربيع نہ خريف معنيٰ نياڳو هئڻ، ڪوبہ فائدو نہ ٿيڻ)
- حلوائيءَ جو دڪان ۽ ڏاڏي سائينءَ جو ختمو.
  (پرائي مال تي دل کولي سخاوت ڪرڻ)
- پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي.
  (ٻئي جي مال تي لٺ ڪري هلڻ)
- مرد جي دل ۽ درياھ تي ڪهڙو ويساھ.
- جيتري مک ڪي ڳهڻ ڏکيو ڪم.
- جهڙو هجي ديس تهڙو ڪجي ويس.
- هيسيل ٻلي ڪوئن کان ڪن ڪترائي.
- اچي لکڻ نہ پڙهڻ، پر نالو محمد فاضل.
- مفت جو شراب قاضيءَ کي بہ حلال.
- سوڙ آهر پير ڊيگهارجن.

(يعني جيتري حيثيت هجي، اوترو ئي خرچ ڪجي. يا جيترو وت هجي اوتري ٻهلواني ڏيکارجي)

هڪ شخص پاڙي وارن کي تپائي رکيو هو. ڪڏهن ڪنهن جي چوري ڪيائين ٿي تہ ڪڏهن ڪنهن جي. آخر هڪ ڏينهن جهلجي پيو. عدالت ۾ جج فيصلو ڪرڻ کان اڳ پڇيس تہ ڪيترو ڏنڊ وجهانءِ. چور هٿ ادب جا ٻڌي چيو:

"سائين خبر اٿانوَ تہ بيروزگار آهيان. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪوبہ ذريعو نہ اٿم. ان ڪري ڏنڊ اوترو وجهو جيتري جي ڀاڙي وارا ڏوهہ جهلي سگهن.")

- حاتم جي قبر تي لت هڻڻ.
  (گهٽ ڏئي، وڏي لپاڙ هڻڻ)
- جي روح ڏئي ريلو، تہ وطن هڪ وک ٿئي.
- اٿو، ڇٽي گهوٻاٽو.
  (هڪ ٻدران ٻي ڳالهہ چوڻ يا ڪرڻ)

هڪ زميندار جي ديڳي چوري ٿي وئي. نوڪر کي موڪليائين تہ وڃي رپورٽ لکائي اچ.

نوڪر پڇيو: "صوبيدار کي ڇا چوان؟"

زميندار چيس: "ٻڌائينس تہ رات جا ٻارنهن وڄي رهيا هئا. تارا چمڪي رهيا هئا. ڪتا ڀونڪي رهيا هئا. ان وقت چور پٽ ٽپي ديڳي ڪڍي ڀڄي ويا."

نوڪر سڄي واٽ اهو جملو ورجائيندو ويو. ٿاڻي تي پهچڻ تي جڏهن صوبيدار پڇيس تہ چيائين:

"ڏينهن جا ٻارنهن وڄي رهيا هئا، ڪتا چمڪي رهيا هئا. تارا ڀونڪي رهيا هئا. ان وقت چور ديڳي ٽپي پٽ ڪڍي ڀڄي ويا.")

- رسي سڙي وئي پر وٽ نہ ويو.
- آيو رمضان ڀڳو شيطان.
- دل جو گهاءُ، هڪ راتي چاڻي تہ ٻيو راءُ.
- ادي جي گهر مهمان، منهنجي دل کي نڪي لهر نڪي لوڏو.
- ڏڌل ڪير وري ٿڻن نہ پوي.

(يا ڇٽل تير وري موٽي نہ اچي. ڪيترين شين هڪ دفعو وڃڻ بعد مشڪل سان ٿي موٽن ٿيون. وڃايل شيءِ جو افسوس نہ ڪجي ۽ دل کي ٿي سگهي تہ وندرائي ڇڏجي. شايد مُلان نصير الدين وانگر، جيڪو هڪ هٿ ۾ جيراندي ۽ ٻئي هٿ ۾ ان کي رڌڻ جي ترڪيب کڻي گهر پئي ويو

تہ رستي تي هڪ سرڻ لامارو هٽي ڪانئس جيراندڙي ڪسي وئي. ملان زور زور سان ڪلڻ لڳو. ڪنهن چيس: ”ملان هن مہ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“
وراڻيائين: ”ان تان پيو ڪلان تہ بيوقوف سرڻ جيراندڙي تہ ڦري وئي پر پچائيندي ڪيئن؟ رڌڻ جي ترڪيب تہ مون وٽ رهجي ويس.“)

- ڪوبہ ڄمندي ڄام نٿو ٿئي.
- پرايو ٻار ٽڪو ڏئي ٻہ ڪارجي.
- رڍ جي پڇ مہ چنيڙڻ مان ڇا هٿ حاصل.
(ڪمزور ۽ ڪم ظرف ماڻهوءَ تي ڀروسو ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟)
- ڏنـو ڀنـو آهـي.
- ڦـڙيءَ ڦـڙيءَ تـلاءُ ٿـئي ٿـو.
- رت دانـگـيءَ تي ٻـہ وري ٿـو.
(پنهنجي لاءِ هر هڪ کي قياس ٿئي ٿو)
- سخي ۽ شوم جو ٻارهين مهيني حساب ساڳيو.
- ڏاڙهي جنهين جي پيٽ مہ، سي پٽڻ پهرين پهچن.
(ڏاڙهي پيٽ مہ هئڻ معنيٰ ننڍي عمر مہ سياڻو هئڻ)
- اٽـو ٻـڌي پـنـيـان پـوڻ.
(لاهي پاهي ڪم کي لڳڻ)
- تـيـلـيءَ مـان ٿـنـڀ نـا هـڻ.

(ننڍي ڳالهہ کي وڏو ڪري پيش ڪرڻ. تيليءَ مان ٿنڀ ناهڻ وارا بہ ڪئين ماهر پيا آهن، جيڪي پرائي جي معمولي خراب ڳالهہ کي هيڪاندو گهڻو خراب ڪري پيش ڪن ۽ پنهنجي هر ڳالهہ جي واڪاڻ ۽ تعريف ڪن.
لنڊن ڪان موٽيل هڪ صاحب کان پڇيو ويو تہ جناب توهان لنڊن مہ ڇا ڪندا هئا؟
موصوف جواب ڏنو: ”آئون اتي ريسرچ آفيسر هيس.“
سوال ڪرڻ وارو بيحد پريشان ٿيو ۽ چيو: ”توهان تہ بلڪل نج ڄٽ هئا، هڪ اکر بہ پڙهڻ نٿي آيوَ. اتي توهان کي ريسرچ آفيسر طور ڪيئن رکيائون؟“

وراڻيائين: ”آئون دراصل پٽاٽن تي ريسرچ ڪندو هيس.“

ان تي پڇڻ واري وري پڇيس: ”اهو ڀلا ڪيئن؟ پٽاٽن تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ به تہ ايگريڪلچر (زراعت) ۾ ڊگري هجڻ ضروري آهي.“

اهو ٻڌي لنڊن کان موٽيل صاحب جواب ڏنو: ”ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ اتي هڪ ياجيءَ جو دڪان هو جتي آئون وڏا پٽاٽا چونڊي هڪ ڇٻيءَ ۾ وجهندو هوس ۽ ننڍا پٽاٽا ٻيءَ ڇٻيءَ ۾)

- **گهـٽـي پـچ پـچ ڪرڻ چريـن جـو ڪـم آهـي.**

(خبر ناهي چرين جو ڪم آهي يا نہ پر فيلسوفن جو ضرور آهي)

هڪ فيلسوف بازار مان لنگهي رهيو هو تہ چاڪيءَ جي گهاڻي تي هن کي ڏڳو نظر آيو، جنهن جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙي ٻڌل هئي. هن کي گهنڊڙيءَ جو مقصد سمجهہ ۾ نہ آيو. گهاڻي جي مالڪ فلاسفر کي سوچ ۾ ٻڏل ڏسي چيو:

”چا پيو سوچين، پائو؟“

فيلسوف چيو: ”گهاڻي جي چوڌاري ڏڳي جو چڪر هڻڻ تہ صحيح آهي، پر گهنڊڙي ٻڌڻ جو ڪهڙو مطلب آهي؟“

گهاڻي جي مالڪ چيس: ”گهنڊڙي ان ڪري آهي تہ جيڪڏهن ڏڳو بيهي رهي تہ گهنڊڙي بہ بيهي رهندي ۽ اسان سمجهي ويندا سين ۽ ڏڳي کي اڇي هڪل ڪنداسين.“

فيلسوف چيو: ”تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي پر سمجهہ ڪٿي تہ تون اندر آهين ۽ ڏڳو هڪ ئي هنڌ بيهي رڳو ويهي ڪنڌ ڌوڻي تہ پوءِ؟“

گهاڻي جي مالڪ يڪدم جواب ڏنس:

”سائين هي ڏڳو آهي ڪو فيلسوف ڪونهي.“

- **تڪـڙي ڪـتـي انڌا گـلـر ڄـڻـي.**
- **ماڇـي نـہ ماٺـهـو، ڪـتـو نـہ مـال.**
- **پوليس واري جي دوستي بہ خراب تہ دشمني بہ خراب.**
- **پئسـو تـہ سـانـٽـڻ، ڪنگلي تـہ ڏانـٽـڻ.**

- چرندي چڳ بچاءِ تہ قافلي ۾ ڪم اچي.
- سچ تہ بينو نچ، ڪوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ.

(اهو بلڪل صحيح آهي جيئن انگريزيءَ ۾ بہ چوندا آهن تہ:

Honesty is the best policy

پر سائين اڄڪلهہ جي دور ۾ اهڙا اهڙا ائڪٽر سياستدان بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جو ساڳيو ڪوڙ هر هر ڳالهائي ماڻهن جي منهن ۾ اهڙي ڌوڙ وجهيو ڇڏين جو هو ان کي سچ سمجهيو وهن ۽ سچ ڳالهائڻ واري کي ڪوڙو ڪري پڇايو ڪڍن. پروين شاڪر جو هڪ شعر آهي تہ:

میں سچ کہوں گی مگر پھر بھی ہار جاؤں گی،
وہ جھوٹ بولے گا اور لاجواب کردے گا.

- هٽيءَ مان هٽ يا هٽي بہ چٽ.

(واپار ۽ ڌنڌي ڌاڙي جي ڪاميابي ۾ قسمت جو بہ وڏو هٽ آهي پر ڪي چون ٿا تہ ان ۾ زال جو بہ هٽ رهي ٿو، جو هر ڪامياب مرد جي پويان عورت آهي.

بہ ساهيڙيون گهڻي عرصي بعد پاڻ ۾ مليون. هڪ چيو:
"ٻڌو اٿم تہ تو هڪ لکپتيءَ سان شادي ڪئي آهي!"
"شادي تہ ڪئي آهي پر لکپتي هن کي مون ڪيو آهي."
"تہ هو ٻهرين ڇا هو؟" ساهيڙيءَ حيرت مان پڇيو.
"ڪروڙ پتي."

- اٿائي بہ وٺي ٽٽائي بہ وٺي وري ڪپهہ جي ڪپهہ.
- مـلان جـي ڊوڙ مـسيـت ڏي.
- جنهن جي وڃجي گهر، تنهنجي ڪجي پر.
- ٻاليتو (ٻارن وارو) نہ ماليتو (مالدار).
- لوهار جي گهر ۾ پڳل ٺڪڻي، ڪنيار جي گهر ۾ دلو پڳل.
- پيٽ نہ هجي تہ سونيون پتيون اڏجن.
- جيسين پيٽ ۾ نہ روٽي تيسين ڳالهہ مڙيوئي ڪوڙي.

(ڪن انسانن جو ڪِرڻ وقت بہ وڏو قدر ٿئي ٿو)

چرچل کان هڪ اخبار نويس عورت پڇيو: ”مسٽر چرچل توهان کي پڪ خوشي ٿيندي هوندي تہ توهان جي تقرير ٻڌڻ لاءِ ايترا ماڻهو اچيو گڏ ٿين جو ترڇڻ جي جاءِ نٿي ملي.“

”اهو تہ آهي پر مونکي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ هوندي آهي تہ جيڪڏهن مونکي ڦاسي ڏني وڃي تہ هن کان بہ ڇهوٽو هجوم هوندو. “چرچل جواب ڏنو.

- حراميءَ جو هَر، واريءَ ۾ بہ نہ هلي.
- ڪني ڦرائجي، ٻني نہ ڦرائجي.
- تڪڙ ڪم شيطان جو.

(تي سگهي ٿو اها چوڻي صحيح هجي يا سست ماڻهن پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ گهڙي هجي. هونءَ سيائڻ جو اهو پڻ قول آهي تہ گهوڙو ۽ گهر وٺڻ ۾ جلد بازي نہ ڪجي. ٿي سگهي ٿو ان کان علاوه ٻيون بہ ڪجهہ شيون هجن جن ۾ پڻ جلد بازي نہ ڪجي.

هڪ عورت سڄي دڪان جا ٿاڪيا ڪٽي ڪولرايا پر ڪيس ڪو بہ ڪپڙو پسند نہ پئي آيو. آخر بيزار ٿي ويچاري مڙس چيس:” بيگم! تون بہ ڪمال ٿي ڪرين. هيتري دير ٿي وئي آهي پر توکي ڪو وڳو پسند نٿو اچي. جلدي ڪر تمام گهڻي دير ٿر وئي آهي.“

زال ڪاوڙ مان چيس:” توهان مهرباني ڪري پنهنجو وات بند رکو تہ سنو. ان جلدبازيءَ ۾ ئي تہ اچي توهان کي پسند ڪري وينيس ۽ هاڻ ڏهن سالن کان ان تڪڙ جي سزا ويٺي ڀوڳيان.“)

- انڌن آنـدو، ڪتن ڪاڌو يا ٻلن چٽيـو.
- اجاڻ کي جهڙي مصري تـهڙي ڦتڪي.

مصري ۽ ڦتڪي هڪ ئي رنگ جي ٿئي ٿي سندن شڪل پڻ هڪ ٻئي سان ڪافي ملي ٿي. اهو ماڻهو جيڪو ٻنهي کان اڻ واقف هوندو ان کي ڪهڙي خبر تہ ڦتڪي ڪهڙي آهي تہ مصري ڪهڙي ۽ مصري مان ڪهڙا فائدا آهن ۽ ڦتڪيءَ مان ڪهڙا گڻ.

ان تان مونکي ياد آيو تہ هڪ ٻيڙيءَ ۾ ڪو ٻار ٻهريون دفعو درياهہ اڪري رهيو هو. ٻيڙي جڏهن وچ درياهہ تي پهتي ۽ ٽورو لڏڻ سان گڏ

پاڻيءَ جون ڇوليون مسافرن کي لڳيون تہ ٻڌ ۾ ٻار وڃي رڙيون ڪيون. هڪ هڪ ڪيس پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو سرڇي نہ . آخر ٻيڙيءَ ۾ ويٺل هڪ داناءَ ٻين کي صلاح ڏني تہ هن ٻار کي ڪٽي درياهہ ۾ اڇليو، ٻہ چار غوطا کائڻ بعد پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندو.

هنن ائين ڪيو ۽ پهرين ئي غوطي تي بچايو بچايو جي رڙين تي ٻار کي درياهہ مان ڇڪي ڪڍي ٻيڙيءَ ۾ ڦٽو ڪيائون ۽ پوءِ سمورو وقت ٻيڙيءَ جي ڪنڊ جهلي ماٺ ۾ سفر ڪندو رهيو. داناءَ ماڻهوءَ انتي ٻين کي چيو: "ڏٺانوَ، غوطا کائڻ کان اڳ نہ هن کي ٻڏڻ جي تڪليف جي خبر هئي ۽ نہ هن ٻيڙيءَ کي پنهنجي سلامتيءَ جو ذريعو سمجهيو ٿي. هاڻ هو ٻنهي ڳالهين کان واقف ٿي ويو آهي."

سو اڃاڻ کي اصل حقيقت جي ڇا خبر.

- طمع سندو طس، پريو پرڇي ڪينڪي.
- ليڪو آ چوڪو ۽ چوڪي آ پريت.
- پرائي ڏيءَ کان ڪارڪ بہ چڱي.
- اڪ مان ڪمند نہ ٿئي توڙي مصري جر وهي.
- آهري جي آسري جهنگ نہ چري.
- چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک.

ٻن سياسي ليڊرن ۾ گرما گرم بحث هلي رهيو هو. بحث هلندي هڪ ليڊر ٻئي کي چيو." آئون سمجهان ٿو تہ تون ڪنهنجي اشارن تي نچين ٿو."

ان تي ٻئي ناراض ٿي چيس:" اها تنهنجي ڳالهہ نتي نهي تہ تون سياسي بحثن ۾ منهنجي زال کي وچ ۾ آڻين ٿو.")

- ڪتي واري ڪتي ترڪاري.
- جيڪي ڇاٻا ڏيندا، سي ئي ڇاٻا ڏيندا.

(سارين ۾ رونبي کان اڳ ۾ پاڻي بند ڪرڻ لاءِ ڇاٻون ڏبيون آهن تہ جيئن زمين ۽ پوک سيڪ وٺي ۽ سارين جو فصل جهجهو ٿئي)

- ويچارو ٽماٽو نہ پاڇين ورتو نہ ميوين پرتو.
- ڇٽندڙ چاڙين کي، کيڏيون ڏبيون چاٻون.

(مينهن کي کيڏا بند ڏئي کيڏا ڏبا)
- ڏئي ڏئي پٽ نہ ڏيندو، زال تہ ڪونہ کسيندو.
- چاڪر ماءُ کي ڪنيءَ تائين آسرو.

(چاڪر، مڇيءَ جو اهو قسم آهي جيڪو جلدي نہ مرندو آهي، تنهن ڪري چيو ويندو آهي تہ چاڪر جي ڪني ۾ وجهي پڇڻ تائين هن جي ماءُ کي سندس ورڻ جو آسرو هوندو آهي)
- ڪٽل واٽيو ڪنديون سنيالي.
- سيڪو سپنا ماٽي، سايپان ماٽي ڪوڪو.

(خيالن خوابن جي دنيا ۾ تہ هرڪو رهي ٿو پر ٿورا آهن جن جا خواب صحيح ثابت ٿين ٿا)
- تنهنجي مرڻ جو ارمان ڪجي، جنهن جي جيئڻ مان ڪو فائدو هجي.

(منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ ويندي جانورن لاءِ بہ صحيح آهي.
مالڪ نوڪر کي چيو:" ٻلي منهنجي مئي آهي. تون ڇو پيو روئين؟"
نوڪر وراڻيو:"سائين هاڻ آئون کير بي ڪنهن جي نالي هٽندس.")
- ڪنهن جي ياڳ سان ڪهڙي ريس.

(هڪ بس ڊرائيور ۽ پادريءَ هڪ ئي وقت وفات ڪئي. ميدان حشر ۾ بہ ٻئي گڏ پهتا. بس ڊرائيور کي جنت ۽ پادريءَ کي دوزخ ۾ موڪليو ويو. پادريءَ ٻاڏايو: "ياالله آئون تہ هميشه واعظ ۽ نصيحتون ڪندو هوس."
جواب مليو:" جڏهن تون واعظ ڪندو هئين تہ سامهون ويٺل ماڻهو سمهي رهندا هئا ۽ جڏهن هي ڊرائيور بس هلائيندو هو تہ سڀ مسافر دعا گهرندا هئا)
- سونهن سِڪي سون ڪاڻِ، سون سِڪي سونهن ڪاڻِ.
- آئي تاندي ڪاڻ ٿي ويٺي ٻورچياڻي.

- اَنَ جو منهن جنڊ ڏي، جنڊ جو منهن اَنَ ڏي.
- بکيو گدڙ شينهن سان گڏ کائيندو آهي.
- کنئي کپي کانء، ڳولي ليپي کانء.
- عقل جو انڌو، کهڙو کندو ڏنڌو.

(واقعي عقل ئي اهڙي شيءِ آهي جيڪو انسان ۽ جانور ۾ فرق ڪري ٿو، پر ضروري ناهي تہ جانور پڪي بنا عقل جي هجن. ڪي ڪي تہ انسانن کان بہ ڏاها ٿين ٿا ۽ عجيب ڪم ۽ ڪرتب ڪري ڏيکارين ٿا)

هڪ ڪتي کي پٽي راند کيڏندو ڏسي آيل مهمان گهر جي ڀاتين کان پڇيو: "ڇا ڪتي کي بہ پٽي راند اچي ٿي؟"

"ها" هنن ٻڌايس. "پر سٺو رانديگر ناهي، جڏهن بہ سٺا پتا اچنس ٿا تہ خوشيءَ ۾ پڇ لوڏڻ شروع ڪريو ڏئي."

- نَمُ تہ ٿيئي ڪم.

(انسان کي هميشه نياز ۽ نِوَڙت کان ڪم وٺڻ کپي. ميويدار وڻ هميشه نمي بيهي ٿو. نمي ڳالهائڻ وارو نوڪر هميشه مالڪ کي وڻي ٿو. ائين تہ نمي ڳالهائڻ وارو مڙس زال کي بہ وڻي ٿو.

هڪ ڪلارڪ پنهنجي صاحب کان پڇيو: " سر توهان شادي شده ماڻهن کي ئي فرم ۾ ڇو ٿا رکو؟"

صاحب ورائيو: "ان ڪري جو هو ٻهرين ئي گارين ۽ دڙڪن کائڻ جا عادي هوندا آهن.")

- سڪٽي ڪني گهٽو ايامي.

(گهٽن ماڻهن جو رتبو گهٽ هوندو آهي، پر لئہ وڏي رکندا آهن.

هڪ ڦاٽڪ واري پنهنجي نئين شادي ڪيل ڪنوار کي لئہ ڏيکارڻ لاءِ اينڊڙ ريل گاڏيءَ جو ڦاٽڪ بند ڪري ڇڏيو. گاڏي ويجهو اچي بريڪ هڻي بيهي رهي. انجڻ ڊرائيور ڪاوڙ مان لٿو ۽ ڦاٽڪ واري کان رڙ ڪري پڇيو:

"اڙي خوامخواهہ گاڏي ڇو بيهارائي؟"

"مون پنهنجي زال کي پنهنجي اهميت ٿي ڏيکاري." ڦاڻڪ واري چيو. ان تي انجڻ ڊرائيور ٺـڦڙ وهائي ڪڍيس ۽ دروازو کولائي گاڏي وٺي روانو ٿي ويو. گاڏي وڃڻ بعد ڦاڻڪ واري زال کي چيو:" ڏٺئي منهنجو پاور. گاڏي بيهاري ڇڏيم."

"۽ پلا انجن ڊرائيور توکي ٺڦڙ چو هنئي؟"زال پڇيس.

" اهو هن پنهنجو پاور ڏيکاريو." ڦاڻڪ واري چيو.

- هوند تي هونگار آ.
- ناهہ گندي، ناهہ سيءُ.
- تڪبر، ڪنڌ ڀر.
- سچ ڪاري هينان نہ لڪندو آهي.
- پنهنجو ماري ڇانوَ ۾ وهاري.
- گونگي ڏنيون گاريون دل ئي دل ۾.
- گهر جي ڪڪڙ دال برابر.

(اصل ڀهاڪو شايد اڙدوءَ جو آهي. مطلب اهوئي تہ گهرجي سٺي شيءِ بہ سادي لڳي ٿي. ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي سهڻي زال کان آفيس جي ڪوجهي سيڪريٽري بهتر لڳندي آهي ۽ ياد بہ ان جي گهڻي ايندي آهي. هڪ اهڙي همراهہ گفٽ شاپ تان عطر جي شيشي خريد ڪئي. دڪاندار ان کي سهڻي پني ۾ پئڪ ڪري چيو:

"سائين هي عطر توهان جي زال کي ضرور پسند ايندو."

همراهہ ڪنڌ ڌوڻي چيو:" چڱو جو ياد ڏيارئي. هڪ شيشي ٻي بہ پئڪ ڪجانءِ)

- جيري ڪان ٻڪري ڪهڻ.
- پئسي جي تار بہ ٻري، تہ تانگهہ بہ ٻُري.
- ماڻهو ڏن جو داس (غلام) ٿي نہ پر ڏن جو ڏٽي ٿي ڪمائي.
- جنڊ ڪڻ تہ جنڊ ڀُورو، پُـٽ ڪڻ تہ پُٽ ڀُورو.

- آهي تہ ڏمڻ ڏما ، نہ تہ لنگھڻ سُمهان.
- ٻـُڪي جون اکيون چلھ ۾.
- ماءُ مُوري پيءُ بصر، ڌيءَ داناءُ گل زعفران.
- وڻو تہ ٽڙ نہ تہ ٻر.
- ڪتي لک پيا لڱڻ تہ ڪتي ڪک لاءِ پيا سڪن.
- هٽ ڪان ٻاهر واٽيو ٽڪو بہ نہ لهي.
- پنهنجو سُڄو بہ ڏارئي سائي ڪان سَٻَرُ.
- غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڃائي.
- وَهو ڍڳي تي مارَ.
- سڪي سڪي مڙس ڪيائين. ٻي جا ٻڌائين سڳي، اڳي ڪاڏائين لوڙهہ مڇي، هاڻ لڏڻ لڳي.
- ڪِني اڳڙي ڪنڌ ۾ ڏوئجي.
- وڙهن سپاهي نالو سردار جو.
- جو ڊوڙندو سو ٿڪبو.
- پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو پنگو نہ ڊاهجي.
- بدن ۾ دم نہ، نالو زوراور خان.
- ڪُتي ڪي پيٽ ۾ سور، سرائيءَ جو ٻچ تي زور.
- جهڙا روح تهڙا ختما.
- ٻار مڇ جو وار، جيڏانهن ورائينس تيڏانهن وري.
- پوڙهو اٺ بہ ڪنوات لهي.
- وندي ڪاءُ سک پاءُ.
- جيڪو ترندو سو ٻڏندو.

(جيڪو پاڻي ۾ لهندو يعني ترندو، ان جا ئي ٻڏڻ جا امڪان هوندا. باقي جيڪو پاڻي نہ لهندو سو نہ ٻڏندو)

☐ ٻک ۾ ماٺهو ذهن بدران پيٽ سان سوچيندو آهي.

(هڪ ويران گهٽيءَ مان لنگهندي ڪنهن مسافر کي هڪ همراهہ بيهاري چيو: ”سائين منهنجو هڪ سوال آهي. مون غريب بکايل جي مدد ڪرڻ توهان جو فرض آ.  آئون قسم کڻي ٿو چوان تہ مون وٽ هن پستول کان علاوه ڪجهہ نہ آهي ۽ هن پستول ۾ فقط ڇهہ گوليون پريل آهن.“)

☐ اهو وڻ ناهي جو واءَ نہ لوڏيو هجي.

(بلڪ ڪيترن بارشي طوفانن وڻن کي پاڙن کان پٽي ٻاهر ڪيو هوندو. هڪ سال ڏاڍو مينهن وٺو. هڪ محفل ۾ ڪنهن چيو: ”زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي هن دفعي ٻاهر نڪري ايندو.“

ملان نصيرالدين گهٻرائجي چيو: ”يا الله! منهنجيون ٽي زالون ٻاهر نڪري آيون تہ منهنجو ڇا ٿيندو.“)

☐ پهرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا.

ملئي پهاڪا ۽ چوڻيون



# MALAY PROVERBS

# ملئي پهاڪا ۽ چوڻيون

- فصل جو فڪر اٿئي تہ گاهہ کي ڪڍي ٻاهر ڪر.

(هي پهاڪو فئملي جي خيال رکڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. هتي فصل جو اشارو فئملي ڏانهن آهي ۽ گاهہ جو مطلب ڌاريا ماڻهو آهن. يعني جيڪڏهن پنهنجي فئملي کي صحيح رکڻ چاهين ٿو تہ ڌارين کي پري رک. جيئن فئملي بابت ملئي ۾ هڪ ٻي چوڻي آهي تہ

ANAK ORANG, ANAK ORANG JUGA

ڌارين جو ٻار ڌاريون ئي رهندو)

- ماءُ جي ٿڃ کان ڪوبہ ٻچي نٿو سگهي.
- بيلٽ ۾ پئسو ناهي تہ ويجها مائٽ بہ پراوا ٿيو وڃن.

(هيءَ دنيا پئسي جي آهي. جيو وڃي ٿو پئسو آهي تہ ڪيترائي دوست يار ۽ مٽ مائٽ ٿيو پون. غريب جو ڪير نٿو ٿئي. ملئي ماڻهو گوڏ ٻڌن ۽ گوڏ مٿان ويڪري پٽي ۾ ٿهيل ڪيسي ۾ پئسا رکن. هن قسم جو بيلٽ اڄ ڪلهہ حاجي بہ احرام تي ٻڌن ٿا)

- نقصان کان اڳ فڪر ڪرڻ سٺي ڳالهہ آهي. نقصان بعد فڪر ڪرڻ مان ڇا فائدو.

(ملا نصيرالدين لاءِ چون ٿا تہ پنهنجي پٽ کي مهمان لاءِ، شيشي جي گلاس ۾ پاڻي آڻڻ لاءِ چيو. پر ان کان اڳ هن کي ٿڦڙ هڻي خبردار ڪيو تہ متان گلاس ڀڄو اٿئي. آيل مهمان وائڙو ٿي چيس تہ هن کان گلاس ڀڳي ها تہ پوءِ سزا ڏيوس ها. ملا جواب ڏنس تہ پوءِ ان مان ڪهڙو فائدو)

- جنهن هنڌ روزگار ملي تہ اهو ڇڏي ٻي ڏي جلدي نہ ڀڄجي.

(پورهيت اهو سنو سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو هڪ ئي مالڪ وٽ ٽِڪي ڪم ڪري. ان ڳالهہ تي جپان کان علاوه ڏور اوير جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو عمل ڪن ٿا. هو زال کي ڇڏي ڏيڻ عيب نٿا سمجهن پر مالڪ يا ڪمپنيءَ کي ڇڏڻ بيحد خراب سمجهن ٿا.

پر ڪيترن ڏاهن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هڪ ئي هنڌ رهڻ سان

ڦـڙري آهي)

- جتي چئن ٽنگن وارو هاٿي ٿاٻڙجيو پوي، اتي ٻن ٽنگن واري انسان جو ڪھڙو ڏوهه.
- ڪڏهن ڪڏهن بيٺل پاڻيءَ ۾ به واڳون ٿين ٿا.

(واڳون گھڻو ڪري وهندڙ پاڻيءَ ۾ خاص ڪري درياهن جي ڪنارن تي هوندا آهن، جتي ماڻهن يا جانورن جي پاڻي پيئڻ يا ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ اچ وڃ رهي ٿي جن کي هو جهپ هڻي شڪار ڪن ٿا. يا لنگهندڙ ٻيڙيءَ تي حملو ڪن ٿا. بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪھڙو شڪار. پر اهو هميشه لاءِ به صحيح ناهي، مٿئين چوڻيءَ موجب ڪڏهن ڪڏهن بيٺل پاڻيءَ ۾ به واڳون ٿين ٿا. مطلب اهو آهي ته انسان کي هر وقت خبردار رهڻ کپي)

- چانڻ جي قسمت ۾ ترڻ، پترن جي قسمت ۾ ٻڏڻ لکيل آهي.
- ڪوهه جي سار سنڀال لهڻ وارو ڪڏهن به اڃ وگهي نٿو مري.
- نانگ کي پڇ کان بيوقوف ٿي جهلي ٿو.

(ملائشيا جيتن جڙن، نانگن بلائن جو ملڪ آهي، ڳوهه يا اگئونا جهڙي جانور کي پڇ کان جهلي اڇلي يا ڦيرائي ڦيرائي پٽ تي هڻي ماري سگھجي ٿو، پر نانگ کي سوگهو جهلڻ لاءِ ڪيس منڍيءَ کان ٿي ونجي. پڇ کان جهلڻ سان هو ور ڪائي ڏنگي سگھي ٿو. ساڳي طرح نانگ کي مارڻ لاءِ سندس منهن چيچرجي. ان بنا پلي ڪيس چار ٽڪر ڪجن ته به هو ڏنگي سگھي ٿو. بلڪ چوڻي مشهور آهي ته زخمي نانگ وڌيڪ خطرناڪ ٿئي ٿو)

- چوُر کي هميشه نانگ بنجڻ جي سڌ هوندي آهي.

ظالم ۽ خراب ماڻهو نيڪ ٿيڻ بدران وڌيڪ نقصانڪار ٿيڻ چاهيندو آهي. ملئي زبان ۾ چوُر تي پيا به ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون مشهور آهن. ڪو دعوت ۾ ماني کائڻ بعد يڪدم اٿڻ جي ڪندو ته ميزبان چوندس ته ڪجهه دير ته ويهي ڪچهري ڪر. بنهه چوُر ته نه ٿي، جيڪا پيٽ ڀرجڻ تي کٽي پاڻ ڇڏيندي آهي.

- ڪيلي جو وڻ هڪ دفعو ئي ڦل ڏئي ٿو.
- ان کي مُندي سوڪڙيءَ طور ڏيڻ، جنهن جون آڱريون ڪيپل هجن.

(ڪنهن غريب ماڻهوءَ کي مدد ۾ اها شيءِ ڏجي، جيڪا هوندءَ ڪٽي قيمتي هجي، پر هن کي ڪم ۾ نه اچي. ڪنهن ملڪ جي بادشاهه هڪ غريب شاعر جي شاعريءَ مان متاثر ٿي ڪيس انعام ۾ اڇو هاٿي ڏنو. جيڪو جيتوڻيڪ قيمتي آهي ۽ وڏا ماڻهو شان خاطر رکن ٿا. پر هن غريب شاعر لاءِ اهو نه ڏهڻ جو ۽ نه کهڻ جو، سندس گاهه پاڻيءَ جي خرچ ئي هن کي وڏيڪ ڪُنائي ڇڏيو. سو اهڙو تحفو وڏن ماڻهن لاءِ ته عزت ۽ خوشيءَ جو باعث بنجي سگهي ٿو. پر غريب لاءِ ويتر ويلي تي بار يا ٻين لفظن ۾ ڪٽي ڇنجي ته اهڙي شيءِ اٽي تي چٽي)

- انڌي ڪڪڙ لاءِ جهڙا ميرا چانور، تهڙا ڏوتل.

(انڌي ته ڇا پر اکين واري ڪڪڙ کي به ان جو کهڙو قدر. سنڌيءَ ۾ ڪجهه اهڙي مطلب واري چوڻي آهي ته انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين. يا ڪٽي ڇنجي ته انڌي اڳيان روئڻ اکين جو زيان)

- پکيءَ جي طاقت کنبن ۾ ٿئي ٿي ۽ ڪيڪڙي جي طاقت چنبن ۾.
- وڏن بنڊن مان چوڏا به وڏا نڪرن ٿا.

(جڏهن ڪنهن شاهوڪار جي ملڪيت ورهائي وڃي ٿي ته ان جا حصا به وڏا ٿين ٿا)

- پنهنجو پاڻ کي ڪڪڙن جي ٽولي ۾ ڏسين ته انهن سان گڏ ٻانگون ڏجانءِ.

مطلب اهوئي آهي ته جنهن وٽ رهجي، انهن جو ئي نمونو اختيار ڪجي. ملائشيا گهڻ قومو Multi-racial ملڪ آهي، جنهن ۾ نه فقط ملئي مسلمان رهن ٿا پر چين جي ڪيترن علائقن جا مختلف زبانون ڳالهائيندڙ ۽ رسمون رواج رکندڙ چيني ۽ نندي کنڊ جا تامل، پنجابي، سنڌي، بنگالي، سِک ۽ هندو رهن ٿا. پُرسڪون ۽ امن امان ۾ رهڻ جو اهوئي نسخو آهي ته هڪ ٻئي جي ريتن رسمن ۽ رواجن جو خيال رکجي. ڪنهن وٽ مهمان ٿي رهڻ وقت ائين ڪجي جيئن ميزبان چاهي. ملئي ماڻهو صبح جو سوير

اٿن ٿا ۽ چمپل يا بوٽ در وٽ لاهي پوءِ گهر ۾ گهڙن ٿا. سندن گهر ۾ رهڻ وقت انهن ڳالهين جو خيال ڪجي. هندو ماڻهو ماءُ وانگر ڳئون کي به سمجهن ٿا. جيڪا ٻالڪ کي کيرمهيا ڪري ٿي، ته هڪ هندوءَ جي پاڙي ۾ رهي ڳائي گوشت جي ڳُهر ڪرڻ يا ڳئون ڏڳيءَ کي گهٽيءَ ۾ ذبح ڪرڻ اخلاقي طرح به سٺي ڳالهه ناهي.

بهرحال متئين ملئي پهاڪي جهڙا پهاڪا ڪيترين ئي زبانن ۾ موجود آهن، جيئن انگريزيءَ ۾ اها چوڻي عام آهي ته WHILE IN ROME, DO AS ROMANS DO روم ۾ روم جي رهاڪن وانگر هلجي يا سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي ته ٻي ٽنگ ورائي ڪلهي تي رکجي. يا جنهن جي وڃجي گهر، تنهنجي ڪجي پر.

- پولڙن جي گهٽي ڪانڌ تي هيٺين شاخن تي رهندڙ نوريئڙن جي شامت اچي ٿي.

(مطلب ته گهٽي ڪانڌ تي گهٽو هنگن ٿا، جيڪو هيٺين ٽارين تي ويٺل نوريئڙن تي ڪري ٿو)

- ننڍيون ٽگ ٻيڙيون وڏا جهاز ڇڪين ٿيون.

(TUG-BOAT کي طاقتور انجڻ ٿئي ٿي. جهاز کي ڌڪو ڏيئي جيٽي سان لڳائڻ جو ڪم ٽگ ٻيڙيءَ کان ورتو وڃي ٿو. يا جهاز خراب ٿيڻ تي ان کي ٽگ ٻيڙيءَ سان ڇڪبو آهي. جهاز جيتوڻيڪ ڳرو ٿئي ٿو ۽ ڊيگهه ۾ ڪٽي ٽگ ٻيڙيءَ کان ڏهوڻو وڌو هجي پر پاڻيءَ ۾ هن جو وزن گهٽ ٿئي ٿو ۽ ننڍڙي ٽگ بوٽ به هن کي ڇڪيو وڃي)

- وڃايل زال جي بدلي ۾ ٻي حاصل ڪري سگهجي ٿي، پر وڃايل ڪردار وري نٿو ملي سگهي.

(وڃايل ڪردار برابر واپس نٿو اچي، جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

If money is lost nothing is lost
If health is lost something is lost
If character is lost everything is lost.

پر هروبرو ان مثال کي واضح ڪرڻ لاءِ زال جو مثال ڏيڻ به ضروري نه آهي. ملئي، جپاني ۽ چيني زبانن ۾ ڪيترائي ڀاڪا عورتن جي خلاف آهن اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ ڪلهه جيئن جيئن عورت زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ حصو وٺي رهي آهي تيئن تيئن عورت بابت، گهٽ ۾گهٽ اهي ڀاڪا مجلسن ۾ گهٽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. نه فقط ملائيشيا ۽ جپان جي شهرن ۾ پر چين جي به ڪيترن شهرن ۾ هاڻ عورت کي مٿاهون درجو ڏنو پيو وڃي. يورپين وانگر ڪٿي ايشيائي مرد پڻ عورت کي اڳيان هلڻ جي عزت افزائي ڪري ٿو. نه ته عورت کي ڪو مڙس پاڻ سان گهمڻ لاءِ به وٺي نه هلندو هو. اڄ به ڪيترين دعوتن ۾ جپاني آفيسر پنهنجي محبوبا يا آفيس سيڪريٽري کي ساڻ وٺي اچي ٿو باقي زال گهر ويٺي سندس اوسيڙي ۾ اٻاسيون ڏئي.

هڪ برميءَ کان پڇيو ويو ته توهان جي ملڪ ۾ اها سٺي ڳالهه آهي، جو توهان عورت جي عزت ڪريو ٿا ۽ ڪيس اڳيان اڳيان هلڻ ڏيو ٿا. "ان ڪري جو." هن معصوميت مان وراڻيو، "اسانجي ملڪ ۾ ٻي جنگ عظيم جا پوريل بم (MINES) اڃان تائين موجود آهن)

- نندڙيون مڇيون ٿونگا هڻي مارين ان کان بهتر آهي ته ڪنهن واڳوءَ جي وات ۾ هليو وڃجي.
- جڳ (JUG) جا ڪن ڪهڙا راز ٻڌي سگهندا.
- غلط جوڙ جي شادي ائين آهي جيئن ڏينهوءَ جي ڪوڙيئڙي جي ڏيءَ سان.
- جڏهن سٺي لنگهڻ جو بندوبست ٿيو آهي ته ڏاڳي گذرڻ جوڳو ٿي ويندو. (جڏهن ڪو ڪنهن ڪم لاءِ راضي ٿيو آهي ته وڏيڪ لاءِ به راضي ٿي ويندو)
- ايڏو هڀچي جيڏو ڏچ ماٿهو ڏرتيءَ لاءِ.

(ملائيشيا ۽ انڊونيشيا پاسي ڏچن جي حڪومت رهي ۽ هو هڪ ٻئي پويان هن طرف جا ملڪ پنهنجي قبضي ۾ڪندا ويا. ان تي هي ڀاڪو ٺهيو. هونءَ به ڏچن جو ملڪ هالينڊ (نيدرلئنڊس) ڌرتي گهٽ ۽ سمنڊ

گهٽو آهي. جنهن کي ڏِچ مٽيءَ سان پيري ڏرتيءَ جي ايراضي هر سال وڌائيندا رهن ٿا)

- ❑ ڪاوڙ جو تکو جلدئي پوڙهو ٿئي ٿو.

(هونءَ ملئي ماڻهو ڪاوڙ گهٽ ڪن ٿا يا گهٽي،پر گهٽ ۾گهٽ ان جو اظهار نٿا ڪن)

- ❑ ڪتو سهي ڪي وساري سگهي ٿو، پر سهو ڪتي ڪي هرگز نہ.

(ڏاڍو ڪمزور کي وساري سگهي ٿو پر ڪمزور جنهن پنهنجو موت اکين سان ڏٺو هجي اهو ڪڏهن بہ ڏاڍي/ظالم کي - وساري نٿو سگهي)

- ❑ هر ڳانگٽ جي پنهنجي لذت آهي ۽ هر ماڻهوءَ جي پنهنجي سوچ آهي.
- ❑ پيـر ترڪـڻ تـي جـسـم جـو نقـصـان ٿـئي ٿـو.

زبان ترڪڻ تي تعلقات ۽ ناٽي جو نقصان ٿئي ٿو.

- ❑ سمنڊ جي اونهائي معلوم ڪري سگهجي ٿي، پر انسان جي اندر جي هرگز نہ.

(انسان جو اندر اونهو ٿئي ٿو. هن جي اندر ۾ ڇا وهي واپري ٿو ان جو بيو ڪو اندازو نٿو لڳائي سگهي)

- ❑ ڳُليءَ جو هڪ ڦڙو کير جو سڄو ڄڳ خراب ڪري ٿو.

(ڪڏهن ڪڏهن ٿوري شيءِ گهڻي کي خراب ڪريو ڇڏي)

- ❑ ڏيڏر ڪٽي ڏينهن رات مينهن ۾ پاڻ پُسائي تہ بہ هن جـي کل اهائي کهري رهندي.

(جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ سوين ڪرين سينگار تہ بہ ڪودڙو پٽ ڪودڙي جو)

- ❑ رولاڪ عـورت ان بـاغ مثال آهـي جنهـن مان جـانور جـو ڌڻ لنگـهـي ويـو هجي.

(۽ رولاڪ مرد؟ پڪ عالم ۽ هوشيار. تڏهن تہ هڪ پهاڪو آهي تہ پٽ کي هوشيار بنائڻ چاهين ٿو تہ هن کي سفر جي ترغيب ڏي. يعني هِن لفظن ۾ هن کي رولاڪ بناءِ. باقي عورت لاءِ منفي سوچ آهي)

- ان کي نہ ڏاهجي جيڪو ناهي نہ سگهجي.
- ڪڪرن جي هڪ گوڙ تي پنهنجا دلا خالي نہ ڪجن.

هي پهاڪو ائين آهي، جيئن پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ آهي تہ ڪڪر ڏسي دلا نہ ڀڃجن. يا بيضا ڏسي ٻچا نہ ڳڻجن.

- وڏي گجگوڙ وارو شينهن ماڻهو نہ کائيندو.

(ظاهر آهي سندس گجگوڙ ماڻهن کي سامهون اچڻ کان خبردار ڪري ٿي. هي مثال شايد ائين هجي جيئن انگريزيءَ ۾ چوٽي آهي تہ ڀونڪندڙ ڪتو ورلي ڏاڙهي، يعني چڪ هڻي. هڪ ڀؤنڪندڙ ڪتي کان هڪ همراهہ ڊڄي رهيو هو. تنهن تي ٻئي چيس تہ ڊڄين ڇو ٿو؟ ڪتاب ۾ نہ پڙهيو اٿئي تہ ڀونڪندڙ ڪتو چڪ نہ هڻندو آهي. تنهن تي ڀهرين ورائيو: "پڙهيو تہ مون بہ آهي پر ڪهڙي خبر تہ هن ڪتي پڙهيو آهي يا نہ.")

- ڪلهو اهوئي ڪٽي ٿو، جيڪو هٿ ڪٽي.
- مڇرن کي ماري، پنهجي چمڙي خراب نہ ڪجي.

(ملائيشيا پاسي جي جهنگلن ۾ تمام گهڻو مڇر ۽ جيت جڻيا آهن. رات جي وقت ٻاهر نڪرڻ تي انهن کي رومال سان تڙي سگهجي ٿو. مارڻ (ڦيهڻ) سان منجهائن نڪرندڙ رت ۽ گند چمڙي يا ڪپڙن کي خراب ڪري ٿو ۽ هنن ملڪن ۾ ڪير ڪيترا ماري ڪيترا ماري سگهي ٿو)

- مئل ماڪوڙي ڏسڻي اٿئي تہ کنڊ جي پيالي ڏي نظر ڪر.
- اهڙو چتو جهڙو بانس ۾ ڏينيو.

(ڏينيو بانس جي ڏنديءَ ۾ وڃڻ بعد منجهي ڀوندو آهي. سمجهہ ۾ نہ ايندو اٿس تہ ڪيئن نڪران ۽ ان هڻ هٽان ۾ چتو ٿي پوندو آهي)

- وعدا هاٿيءَ جي نيشن (Tusks) وانگر هجڻ کپن، جيڪي هڪ دفعو نڪرڻ تي وري وڃي نہ سگهن.

(يعني هڪ دفعو وعدو ڪجي تہ ان کي ضرور پاڙجي. وعدو ڪري ڦري وڃڻ، مڙسن جو ڪم ناهي)

- انسان ڄمڻ کان اڳ پيٽ ۾ قيد رهي ٿو ڄمڻ بعد ريتن رسمن جو قيدي ۽ مرڻ بعد قبر ۾ قيد ٿئي ٿو.

(ملائيشيا- انڊونيشيا پاسي رسم رواج جو وڏو خيال رکيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو هڪ چوڻي آهي تہ اولاد جي وڃي تہ ڀلي وڃي پر رواج نہ وڃي)

- ڪيڪڙو پنهنجن ٻچن کي سڌو هلڻ ڇا سيکاريندو؟

ڪيڪڙي جون ٽنگون اهڙيون ٿين جو هو پاڻ بہ سڌو هلڻ بدران هميشه ڦڏو هلي ٿو. مطلب اهو تہ اهو استاد جنهن کي خود بہ علم نہ هجي تہ اهو پنهنجن ٻچن يا شاگردن کي ڇا سيکاريندو.

- آزمايل کي وري آزمائڻ بيوقوفي آهي.

سنڌيءَ ۾ پڻ چوڻي آهي: ”آزمائي کي آزمائڻ، ڏوڙ منهن ۾ پائڻ“

(هڪ طوطي جي باري ۾ مشهور هو تہ هن کي انگريزي، سنڌي، اڙدو ۽ پنجابي زبانون اچن ٿيون. هڪ همراهہ هن جو امتحان وٺڻ لاءِ چيو: ”هائو ڊو يو ڊو؟“

طوطي وراڻيو: ”آءِ ايم فائين. هائو آر يو؟“

”ڇا حال آهي تنهن جو؟“ هن هاڻ سنڌيءَ ۾ پڇيس.

”سٺو آهي ڀائو.“ طوطي جواب ڏنس.

”سنائو ڪيسے هو؟“ هاڻ طوطي کان اڙدوءَ ۾ پڇيائين.

”ميں ٺهيڪ ہوں.“ طوطي هاڻ ڪجهہ بيزاريءَ مان جواب ڏنس.

”ڪيا حال اي تيرا.“ هاڻ هن صاحب پنجابيءَ ۾ سوال ڪيس.

ان تي طوطي همراهہ کي ڪجهہ دير گهوري ڪاوڙ مان چيو:

”اوئے اُلو دے پتر کچھه ہور گل وی کر که حال ای پچھی جائیں گا.“

- توکي تنهنجي وارن جو اسٽائيل نيبهہ هجي ۽ مون کي منهنجي ٽوپي.

(هر هڪ کي اهو ڪرڻ کپي جيڪو هن کي پسند اچي)

- بدڪ جا بيضا ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڙ ڦوڙيندي آهي.

- مني ڪنڌ ۾ هميشه ٿوري واري بہ ٿئي ٿي.

- ست گهر بدلائڻ غربت جي نشاني.

(ظاهر آهي تہ غريب ماڻهوءَ کي مسواڙ نہ ڏيڻ تي گهر ڇڏڻو پوي ٿو. پاڪستان هندستان ۾ مسواڙيءَ کي ڪڏهن ڏکيو ڪم آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪورٽ ۾ سڄي عمر ڪيس پيا هلندا آهن. پر ملائيشيا جو قانون ان سلسلي ۾ اهڙو سخت آهي جو مسواڙ نہ ڏيڻ تي يا گهر جي مالڪ کي گهر واپس گهرڻ تي مسواڙيءَ کي گهر هڪدم خالي ڪرڻو پوي ٿو)

- جهاز جي تباهي، شارڪ جي مهماني.

(شارڪ مڇي خطرناڪ سمجهي وڃي ٿي. هوءَ نہ فقط سڄي ماڻهوءَ کي ڳهيو وڃي پر پنهنجن وڏن تکن ڏندن سان ڪپيو بہ ڇڏي. هوءَ سمنڊ ۾ هر وقت شڪار لاءِ انسانن جي ڳولا ۾ رهي ٿي. جهاز جي ٻڏڻ تي ظاهر آهي هن لاءِ عيد ٿيو وڃي)

- هڪ ڪڪڙ جي ٻانگ نہ ڏيڻ ڪري سج اڀرڻ ۾ ڪو دير نہ ڪندو.

(ڪيترا ماڻهو پاڻ کي غير ضروري طور اهم سمجهن ٿا. هو اهو ئي سمجهن ٿا تہ هر ڳالهہ انهن ڪري ٿئي ٿي. هاڻ جي ڪو ڪڪڙ اهو سمجهي تہ سندس ٻانگ ڏيڻ تي سج اڀري ٿو ۽ هو جي ٻانگ نہ ڏيندو تہ سج نہ اڀرندو تہ اها سندس سراسر غلطي ۽ بيوقوفي چئبي)

- ٽٽل ڏاڍو ڳنڍجي سگهي ٿو پر پڳل ڪوئلو ڪڏهن بہ نٿو جڙي.

- عورت جي زبان ڳڙ بہ آهي تہ زهر بہ.

(نشي ۾ ڌت هڪ شرابيءَ رات جو ٽين وڳي ڪنهن ڌارئين گهر جو بيل وڄايو ان گهر ۾ رهندڙ عورت دريءَ مان نهاري چيس: "ڀڄي وڃ لفنگا ڪٿي جا! هي تنهنجو گهر ناهي موالي ڪنهن جاءِ جا. ترين ٿو يا سڏيان پوليس کي!"

شرابيءَ ٽُنڪندي چيو: "ڪمال آهي. زبان تہ بلڪل منهنجي زال جهڙي آهي.")

هڪ اهڙي بدگفتار زال بابت 'قتيل شفائي' جو شعر ياد اچي رهيو آهي:

ایک شوهر نے دعا مانگی
سن! اے میرے ربِ جلیل!
یه جو میری بیوی بدگفتار هے
جان کا آزار هے
یا تو سیدها راسته اس کو دکها
یا اسے بیوه بنا

- کانگ کي کيترو بہ گلاب جي پاڻيءَ سان وهنجاريو پر اهو اڇو ٿي نٿو سگهي.
(کانگ کارو ئي رهي ٿو، چاهي هن کي ست ٽبڪيون ڏنيون وڃن)

- هڪڙي ڪتي جي ڀؤنڪار جبل نٿي ڏاري.

- ڪُمي هزارين بيضا بہ ماٺ ۾ ڏئي ٿي، ڪڪڙ هڪ بيضو لاهڻ مهل سڄي ڳوٺ کي ٻڌائي ٿي.
(ڪي ماڻهو ڪُميءَ جيان مانيٽي طبيعت جا ٿين ٿا ۽ وڏا وڏا ڪم خاموشيءَ سان سرانجام ڏيندا رهن ٿا، پر ڪي ماڻهو معمولي ڪم بہ ساهي ساهي ڪندا جڻ جڳ تي ٿورو پيا ڪن)

- ڪڏهن ڪڏهن گلاب جو گُل، ٻولڙيءَ جي بہ ور چڙهيو وڃي.
(ڪڏهن سنيون شيون نااهل ماڻهن کي مليو وڃن)

- شينهن جي ٻچي کي گوشت کائڻ جي سکيا جي ضرورت ناهي.

- ڇاريءَ ۾ ڪوبہ هوا جهلي نٿو سگهي.

- سمنڊ ۾ درياهہ جو پاڻي پوڻ سان منو نٿو ٿئي.
(اجائي ڪوشش ڪرڻ. اها هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي، سمنڊ جو پاڻي ايترو کارو ۽ ماپ ۾ گهڻو آهي جو دنيا جا سڀ درياهہ سمنڊ ۾ وڃڻ بعد بہ ڪو فرق نٿو پوي)

- ميڙ پڇاڻڻ لاءِ چت کي باهہ ڏيڻ.
(هي پهاڪو انين آهي جيئن پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ آهي تہ: "جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ")

- منهن ۾ ماکي اٿس پر پيٽ ۾ ڏنگ.

(ڪي ڪي ماڻهو زبان جا تمام مٺا ٿين پر اندر جا ڪُنڊا. انهن لاءِ ٿي هي پهاڪو آهي ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ ملئي زبان ۾ هڪ ٻيو پهاڪو پڻ آهي ته: ٻاهران لسو لسو، اندران ڪپ وانگر تکو)

- لوڏڻ سان گڏ ٻار کي ڇهندڙيون هٽڻ.

(اندر جو ميرو ماڻهو. يعني ظاهري طرح ٻار کي ماٽ ڪرائڻ لاءِ پينگهي ۾ لوڏا ڏيڻ پر ڳجهه ڳوهه ۾ هن کي ڇهندڙيون هٽي رئارڻ يا جيئن چوندا آهن ته چاچي به چوڻ ۽ ڇهندڙيون به پائڻ)

- ڌرتيءَ تي جتي ٽڪريون آهن، اتي ماتريون پڻ آهن.

(زندگيءَ ۾ مٿاهين سان گڏ هيٺايون پڻ آهن. خوشين سان گڏ ڏک به آهن يا جيئن چوندا آهن، جيڏيون چاڙهيون، تيڏيون لاهيون، جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا)

- ٻلي منهن واري ڪارائي ٻيٽو نقصان رسائي ٿي.

(هوءَ اڳيان وڏڻ تي به ڪٻي ٿي ته پاڻ ڏي ڇڪڻ تي به ڪٻي ٿي)

- وار ڪٽي سيني جا ڪارا آهن، پر هر انسان جي دل مختلف آهي.

- ڪٽڻ يا هارائڻ اهم ناهي. پر کيڏڻ ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ اهم ڳالهه آهي.

- لالانگ پوکڻ سان چانور نه اپرندا.

(ملائيشيا ۾ اپرندڙ بيڪار گاهه جو نالو "لالانگ" آهي، جيئن اسان وٽ ڊٻ ۽ ديويون. هي پهاڪو ائين آهي جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته "جَوَ پوکي ڪڻڪ ڪين لڻبي")

- هاٿيءَ جي چپن تي ڪمند پوکڻ.

(اهو پهاڪو ائين آهي جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته جَوَ ڊاري گڏهه رکپال ڪرڻ. ڳنو يا ڪمند هاٿيءَ جي دلپسند شيءِ آهي، جنهن جي کائڻ لاءِ هو جان جي بازي لڳائي ڇڏيندو آهي ۽ اها شيءِ ويتر هن جي چپن تي هجي ته پوءِ پلا ڪيئن ٿي بچي سگهي)

- ❑ نڪمو نينگر ماءُ ٻيءُ تي دائيءَ جي ڦي جي چٽي.

(ملائيشيا ۾ اڪثر عورتون پنهنجي ڏنگي ٻار کي دڙڪي ڏيڻ وقت چونديون آهن ته تو پٺيان دائيءَ جي ڦي ٻه وئي. يعني تنهنجي جمڻ کان ته بهتر هو ته نه جمين ها. گهٽ ۾ گهٽ دائيءَ کي ڏنل ڦيءَ جا پئسا بچن ها)

- ❑ جبل جي گدامڙي ۽ سمنڊ جي لوڻ جو ميلاپ ڪني ۾ ئي ٿئي ٿو.

(ڪٿي جي ڪنوار ڪٿي جي گهوٽ جو جيڪڏهن لکيو آهي ته ميلاپ ٿيو وڃي. سنڌيءَ ۾ ٻه چوٽي آهي ته اغرب جي ڪنوار مغرب جو گهوٽ)

- ❑ ننڍو آهي، پر آهي ته شينهن جو ٻچو.

(اهم شيءِ سان واسطو هجڻ)

- ❑ ٻليءَ وانگر ٻلي وهجي ۾ چيتي وانگر چال ڏيئي اٿجي.

- ❑ ڪجهه ماڻهن لاءِ 'چار' اڪي انگي ٿئي ٿو ۽ 'پنج' ٻڌي.

(ڪن ماڻهن جي سوچ اونڌي ٿئي ٿي ۽ هو ان کي قائم رکڻ لاءِ ضد تي رهن ٿا)

- ❑ جتي ڪو پکي نه آهي، اتي اڪ مڪڙ ٻه عقاب سڏائي.

(جيئن پاڻ وٽ آهي ته: "جتي وڻ ناهي اتي ڪانديرو ٻه درخت." يا "انڌن ۾ ڪاڻو راجا.")

- ❑ سڄي سال جي گرمي مينهن جي هڪڙي وسڪاري ۾ هليو وڃي.

(ڪن ماڻهن جون مهربانيون ٻين جي زندگيءَ جا ڏک درد ختم ڪريو ڇڏين)

- ❑ ڪانگ پاڻ نتو رنگائي پر جمي ئي ڪارو ٿو.

- ❑ جيڪو پري کان ٻيهي زور سان ڀؤنڪي ٿو، ويجهو ٿيڻ تي پڇ ٽنگن ۾ لڪائي ٿو.

- ❑ پڪل اَن ۾ ڳيرا دليريءَ سان هلن ٿا.

- ❑ هر ماڻهوءَ جو پنهنجو دماغ ۽ پنهنجي سوچ ٿئي ٿي.

- ❑ ڪنڌي کي تکو ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت.

(جيڪا شيءِ اڳهين ٽِڪي آهي، ان کي چا ڇهنبدار ڪبو)

- وٽنئي تہ ڏهہ ڪڻ، وٽنئي تہ ٻہ دفعا پنج ڪڻ.

(جيئن پاڻ وٽ چوڻي مشهور آهي تہ: "جهڙيون تي ويهون تهڙي سٺ")

- پرندڙ گهر جو دونهون تہ هر ڪو ڏسي سگهي ٿو، پر دکندڙ دل جي کنهن کي کهڙي خبر.

- اڏامندڙ پکيءَ کي ڏسڻ سان مسالا ڪٽڻ شروع نہ ڪجن.

(ملئي عورتون مسالو تيار رکڻ بدران روز جو روز ڪٽين. مڙس ڳنڍڻ وٺي ايندو آهي يا وٺڻ ويندو آهي تہ ان وقت ٻہ چار ڳاڙها مرچ، هئڊ ثوم جهڙيون شيون ڪٽي حمام ۾ وجهي دستي سان ڪٽ ڪٽ شروع ڪنديون آهن ۽ ان دستي جي ڪٽ ڪٽ ٿئي معنيٰ پاڙي واري ٻوڙ رڌڻ واري آهي. پر هتي آسمان ۾ اڏامندڙ پکي ڏسي مسالا ڪٽڻ ائين آهي، جيئن پاڻ وٽ چوڻي آهي تہ: "بيضا ڏسي ٻچا ڳڻڻ" يا "پاڻيءَ کان اڳ لتا لاهڻ.")

- شينهن جي چنبي مان مينهن ڇڏائڻ.

(خوفناڪ ۽ جوکائتي ڪمن ۾ هٿ وجهڻ)

- اهو سوچي ڊڳي سان ملهہ نہ وڙهجي تہ هو سگهن بنا آهي.

- هتيار هٿ ۾ نہ هجي تہ آڻ ئي مججي.

(جتي پُڇي نہ سگهجي اتي پڇي پاسو ڪجي. يا جيئن چوڻي آهي تہ: "جتي پڇي نہ سگهجي، اتي پڇڻ ڪم وريام جو")

- سنيون تجويزون سوچڻ ۾ وقت لڳي ٿو.

- مندي هاٿيءَ کي پاڻ سان وٺي هلڻ وارو نيٺ تہ هن هينان چيپاڻبو.

- ٻوڙ سنو تہ پيٽ خراب. پيٽ سنو تہ ٻوڙ خراب.

(يعني هڪ ئي وقت ٻئي شيون سنيون نہ هجڻ ڪري ڳالهہ خراب ٿي پوڻ)

- رندي جي ڪم جي واڪاڻ ڪئي وڃي ٿي، پر ڪاراڻيءَ جي ڪم کي وساريو وڃي ٿو.

(ڪاراڻي جيڪا ڪاٺ کي وڍي، ان خاص شيءِ جي شڪل ۾ آڻي

ٿي، ان جي ايتري ڳالهه نٿي ٿئي، جيتري رندي جي، جيڪو ڪرسي يا ميز کي آخري شڪل ڏئي لسو ڪري ٿو)

- قيمتي هيرو چيٽي ۾ ڪرڻ سان پنهنجي قيمت نٿو وڃائي.

(اتم شيءِ اتم ئي رهي ٿي پوءِ ڪٿي ڪٿي به هجي، ان سان هن جو قدر ۽ قيمت نٿو گهٽجي. لعل گودڙيءَ ۾ به اوترائي اهم ٿين ٿا)

- هر مرد جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙو ڏينهن به اچي ٿو جو هو فرشتو آهي ۽ عورت جي زندگيءَ ۾ اهڙو به ڏينهن اچي ٿو، جڏهن هوءَ شيطان مثل آهي.
- ڪريل وڻ تي ڪچون به چڙهي سگهي ٿو.
- ماڻهو هاٿي ۽ شينهن جو شڪار ته ڪري سگهي ٿو، پر ڪٽ ۾ ڦاٿل منگهڻ کي چا ٿو ڪري سگهي.
- ڪيلن جي جهيڙي جو فيصلو ڪڏهن به پولڙي کان نه ڪرائجي.

(نه ته اهو ٿيندو چور کي چوڪيدار بنائڻ)

- عورت جتيءَ مثال آهي، جنهن جو ڪم مڙس جي پير جي حفاظت ڪرڻ آهي.

(عورت کي گهٽ سمجهڻ وارن پهاڪن مان هي به هڪ آهي، جنهن جو استعمال ڪيترن ئي ملڪن ۾ عام ٿئي ٿو. ملائيشيا ۾ پڻ اها چوٽي عام آهي ته: Anak dara tiga se-Kupang معنيٰ هتي ٽي ڪنواريون عورتون ٽن سينٽن ۾ ملن ٿيون. يعني انهن جو ڪو قدر ناهي. ٽڪي ٽيهه وارو حساب آهي)

- پنهنجي به وڃائڻ پئي جي به وڃائڻ.

(ڪي ڪي بيوقوف ماڻهو پنهنجي موڙهيل مت سان ٻاڻ سان گڏ ٻين کي به منجهائيندا آهن.

ڪنهن بي روزگار کي سندس دوست هڪ نوڪريءَ بابت ٻڌايو. "نوڪري آهي پر عجيب قسم جي اٿئي. ڪري سگهين ته پگهار سٺو ملندءِ. نوڪري هيءَ آهي. چڙيا گهر جو رڇ مري ويو آهي، جيسين رڇ

جيئرو هو تہ نينگ ٽپا ڏيئي ٻارن کي وندرائيندو هو ۽ چڙيا گهر جي چڱي
ڪمائي ٿيندي هئي. هاڻ رڇ نہ هجڻ ڪري ماڻهن اچڻ ڇڏي ڏنو آهي."

"پوءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟" بيروزگار پڇيو.

"توکي ان مئل رڇ جي کل پائي رڇ جي پڃري ۾ نينگ ٽپا ڏئي ٻارن
کي وندرائڻو پوندو." دوست ٻڌايس.

بيروزگار کي ڳالهہ وڻي ۽ ٻئي ڏينهن کان رڇ جي کل پائي رڇ واري
پڃري ۾ ٽپا ڏيڻ لڳو. هڪ دفعو وري ٻارن جو اچڻ شروع ٿي ويو. ٻار بہ
خوش، چڙيا گهر جا مالڪ بہ خوش ۽ هي بيروزگار بہ خوش. هڪ ڏينهن
ٻارن جي وڏين تاڙين وڄائڻ ڪري هي همراهہ تمام گهڻو جوش ۾ اچي ويو
۽ اجان بہ وڏا وڏا ٽپ ڏيڻ لڳو. هڪڙو ڪو ٽپ اهڙو ڏنائين جو پنهنجي
پڃري ۾ ڪرڻ بدران پر واري پڃري ۾ وڃي ٺهڪو ڪيائين، جيڪو
شينهن جو پڃرو هو.

شينهن کي ڏسندي هن بيروزگار جو ساهہ سڪي ويو تہ هاڻ سر ويو.
شينهن پنهنجي جاءِ تان اٿي رڇ ڏي وڌڻ لڳو ۽ پوءِ بلڪل رڇ جي اڳيان
پهچي ڪيس ڪن ۾ چيو:

"نياڻا! پنهنجي نوڪريءَ جو فڪر نہ اٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي
نوڪريءَ جو تہ خيال ڪر")

ـــ عورت جي حوالي گهر ڇڏڻ ائين آهي، جيئن باندر جي هٿ ۾ سڪان.
(هند سنڌ جي عورت وانگر ملئي چيني جپاني عورت پڻ مرد اڳيان
مجبور آهي، جنهن عورت کي هر مصيبت جو سبب ٻڌايو آهي)

ـــ جيڪو پنهنجي ٻار تي آسرو رکي ٿو، اهو هڪ اک کان ڪاڻو آهي،
جيڪو ڏاريئن ماڻهوءَ تي آسرو رکي ٿو، اهو ٻنهي اکين کان انڌو آهي.

ـــ ٿُڪ ڦٽي ڪر تہ پيءُ ٿو مري. واپس ڳِهڻ سان ماءُ ٿي مري.
(يعني هڪ اهڙي حالت جنهن ۾ هر نموني سان ڪجهہ نہ ڪجهہ
نقصان ٿيڻو آهي)

يا جيئن سنڌ ۾ چوٽي آهي تہ: "اڳيان پيٽ، پويان ٻاهہ."

- سڪل مڇيءَ مان رت ڪڍڻ سولو آهي پر ڪنجوس مان پئسو ڪڍڻ ڏکيو ڪم آهي.

(سڪل مڇيءَ ۾ جيتوڻيڪ رت نہ ٿئي ۽ اهو ڪڍڻ ناممڪن ڳالهہ آهي پر ڪنجوس مان پئسو ڪڍڻ ان ڪان بہ ڏکيو ڪم آهي. جنهن لاءِ پاڻ وٽ چوندا آهن: "ڏاند ڏهڻ")

- پار مري تہ پلي مري پر رسم مرڻ نہ کپي.

(ملئي ماڻهو رسم پوري ڪرڻ جي معاملي ۾ تمام سخت آهن. مري جُهري، قرض کڻي بہ زماني جي وهنوار کي منهن ڏين ٿا)

- جونءِ مٽي کي نہ کائيندي تہ پيو چاڪي کائيندي.

(يعني هن لاءِ اها ئي هڪ شيءِ آهي، جتي گذارو ڪرڻو اٿس)

- ٻڪرين جي وچ ۾ هجين تہ ٻيڪار، مينهن جي وچ ۾ هجين تہ ٻان ٻان ڪر.

(جيئن پاڻ وٽ چوڻي آهي تہ هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ ورائي ڪلهي تي رکجي)

- الله پٿر ۾ بند ٿيل جيت کي بہ رزق پهچائي ٿو.

- گانگٽ مڇيءَ کي ٿو گڪو چوي.

(سامونڊي مخلوق ۾ سڀ ڪان گڪو گانگٽ آهي. اهو ٻئي کي، خاص ڪري مڇيءَ کي جيڪا بيحد لسي ٿئي ٿي، ڪيئن ٿو گڪو چوي. اها سراسر بيوقوفي ائين آهي جيئن پاڻ وٽ مينهن لاءِ چوڻي آهي جيڪا پاڻ سڄي ڪاري آهي پر ڪيس پنهنجي ڪارنهن نظر نٿي اچي رڍ کي ٿي چوي: "هل ڙي پيچ ڪاري هل" يا پرڻ چوي ٿوئي کي "هل ڙي ٽي ٽنگا هل" يعني پرڻ کي پنهنجا انيڪ ٽنگ نظر نٿا اچن پر ٿوئي جا ٽي ٽنگ نظر اچنس ٿا)

- ڪڪڙ جي ڪنين ۾ ڊڪيل گدڙ ڪان بہ ڊڄڻ کپي.

- ڇاٽي ڇا سچ کي لڪائيندي.

(جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ڪاريءَ هيٺ سچ لڪائي نٿو سگهجي

يا واريءَ کي ٻڪن ۾ جهلي نٿو سگهجي. سلطانا وقاصيءَ جو هڪ آزاد نظم آهي:

"مان پنهنجو پاڻ کي ڳوليو آ،
مان پنهنجو پاڻ کي وڃايو آ،
پاڻيءَ جي وهڪ کي،
ٻڪن سان روڪي،
وتين مان وهايو آ")

- ڪي ماڻهو ايترو هوشيار ٿين ٿا، جو تپ ڏيندڙ مڇيءَ جي جنس ٻڌايو وجن ته نر آهي يا مادي.

(هي ائين آهي جيئن اڙدوءَ ۾ چوندا آهن، "اڌامندڙ جهرڪيءَ جا پر ڳڻي وٺڻ")

- ڏينهن جي ڪکر مٿان پير نه رکجي.

(جيئن پاڻ وٽ چوٽي آهي ته نانگ جي ٻر ۾ پير نه وجهجي)

- گوشت ۽ چربي ٻين حوالي ٿي وئي اسان لاءِ بچيا هڏا ۽ کنڀ.

منهنجي هڪ ملائيشيا جي دوست سيشل راجيندرا پنهنجي انگريزي شاعريءَ جي ڪتاب جو نالو مٿئين ملئي چوٽي مان "BONE & FEATHERS" رکيو آهي.

"The flesh & fat have gone to others,
We are left with bones & feathers".

- ڪڪڙ هلي وئي فقط سندس وِٺ رهجي وئي.
- نانگ ويو نڪري، ليڪو وينو ڪٽجي.
- اهو جنهن کي رستي جي خبر ناهي پڪ واپس ئي موٽندو.
- وات ڪري جسم پري.

(هڪ جو غلطيءَ جو ڏوهه ٻيو پري. ان ڪري وات تي ضابطو رکڻ ضروري آهي، يا جيئن چوندا آهن: "وات ڪائي، اکيون لڄائن")

- پنسي ختم ٿيڻ بعد فقط بيوقوف ئي خريداريءَ جو سوچين ٿا.

- جهڙو وچ تي تهڙو پاسي تي.

(ڪيترين ڳالهين ۾ ان جي اهميت ناهي ته ڪير اڳيان ويٺل آيا يا پٺيان، پاسي تي آهي يا وچ تي)

- ڦڏي ٿنيي جو پاڇو ڪڏهن به سڌو نه ٿيندو آهي.

(پر سڌي شيءِ جو پاڇو ته سڌو اچڻ کپي. ڪو همراهه پنهنجي سس جي گلا ڪري رهيو هو ته هوءَ فقط ڏسڻ ۾ سڌي آهي پر اندر جي ڏنگي آهي. ايتري قدر جو سندس پاڇو به ڏنگو ڦڏو اچي ٿو.

ملان نصير الدين جي سس درياهه ۾ لڙهي وئي. هو هن کي درياهه جي وهڪري سان گڏ لهوارو ڳولڻ بدران اوڀارو ڳولڻ لڳو. ڳوٺ جي ماڻهن جڏهن سمجهايس ته ورائيائين:

"بابا توهان کي خبر ناهي ته منهنجي سس ڪيڏي ابتي دماغ جي هئي. مرڻ کان پوءِ به هن ابتو رستو اختيار ڪيو هوندو")

- قسمت ۾ نه هوندو ته وات ۾ پيل گرانهه به ڪري پوندو يا جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته: "پڪي ماني يا نصيب"

(ان ڪري ته انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

There is always a slip
Between cup and lip."

جيڪو گرانهه جنهن جي نصيب ۾ آهي ان کي ئي ملي ٿو. جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻي آهي: "دانے دانے پر لکھا ھے کھانے والے کا نام."

ءِ اڄ ڪلهه جي پوليس ءِ ٿاڻن جي حالتن تان ان چوڻيءَ مان اها به ناهي وئي آهي ته:

"تھانے تھانے پہ لکھا ھے، آنے والے کا نام."

- مينهن جي ڏڻ تي پهرو ويهاري سگهجي ٿو پر انسان جي سوچن تي هرگز نه.

- جيڪڏهن منهن نانگ جو اٿس ته پڇ مڇيءَ (EEL) جو تي نٿو سگهي.

- ڏکويل دل کي ماکي به ڪتي لڳي ٿي.

(جيءُ خوش ته جهان خوش. پر جي انسان کي اندر ۾ ڪا جهوري لڳل آهي ته هن کي ڪابه ڳالهه نٿي وڻي)

- هارايل فوجيءَ کي بهادريءَ جون ٻناڪون نہ هٽڻ کپن.

ملايا جيتوڻيڪ ٻي جنگ عظيم ۾ هارايو پر هتي کيترا ملئي، پاڪستان هندستاني ۽ انگريز پوڙها سپاهي ملندا جن جو مشغلو پنهنجون سچيون ڪوڙيون ۽ خيالي ڳالهيون ٻڌائي ٻين کي متي ۾ سور وجهڻ آهي. شايد اهڙي هڪ فوجيءَ جي هيٺين ڳالهہ آهي.

هڪ رٽائرڊ فوجيءَ پنهنجي دوست اڳيان نقشو وڇائي چيو:

”ڏس هيءَ اها جاءِ آهي جتي جپانين جي فوج سان اسانجي وڏي ويڙهاند ٿي. هن جاءِ تي منهنجي پاڻهن ٺٺجي پئي هئي ۽ هن جاءِ کان سوا ڪن وال پري هي جيڪو وٺن جو جهڳٽو آهي اتي منهنجو ڪاهو پيڙ مڙي پيو....“

ٻڌندڙ جيڪو بيزار ٿي رهيو هو تنهن سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيس:

”هاڻ اها جاءِ ڏيکار جتان تنهنجو دماغ خراب ٿيو هو.“

- موت اهو جو انسان سان گڏ هن جا مسئلا بہ ماري.

ضروري ناهي تہ موت بعد ماڻهوءَ جا مونجهارا بہ ختم ٿي وڃن. ڪيترا ماڻهو مسئلن کي منهن ڏيڻ بدران موت کي پنهنجو ڪن ٿا. پر ضروري ناهي تہ مرڻ بعد انسان دنيا جي مشڪلاتن مان نجات حاصل ڪري سڪون ماڻي سگهندو. تڏهن تہ اڙدوءَ جي هڪ شاعر چيو آهي تہ:

اب تو گهبرا کے یہ کہتے هیں کہ مرجائیں،
اگر مرکے بهی چین نہ آیا تو پهر کہاں جائیں گے.

ظاهر آهي جنهن موت کي همدرد سمجهي کو چنبڙي پوي اهو جيڪڏهن ايترو بہ سک نہ ڏئي جيترو زندگيءَ ۾ هو تہ پوءِ اهڙي موت مان کهڙو فائدو.

ان تان مون کي مشتاق يوسفي جي ڪتاب زرگزشت جو هڪ ڪردار پٺاڻ چوڪيدار ياد اچي ٿو، جيڪو جمع نماز تي خطبو ٻڌي رهيو هو، جنهن ۾ مولوي صاحب ٻڌائي رهيو هو تہ جيڪو مسلمان مومن چڱا ڪم ڪندو، ان کي قيامت بعد جنت ۾ سندس زال حور ٿي ملندي. اهو ٻڌي

پناڻ تڏو ساهه ڪڍي چيو: ”ایسے مرنے سے کیا فائدا!“

- نالو دل جو ٿئي ٿو پر مزو اکيون پسن ٿيون.

محبوب ڏي اشارو آهي تہ اکيون ئي ان جو انتظار ڪن ٿيون، اهي ئي ديدار پسن ٿيون. شايد ان ڪري هي شعر چيو ويو آهي:

”کانگا سب تن کھائيو، چن چن کھائيو ماس،
دو نيناں مت کھائيو، انھیں پیا ملن کی آس.“

- اکيون تہ نُور نہ تہ پٿر.

اکيون جسم جو اهم حصو آهن، اکين جي روشني يعني نور قائم آهي تہ سڄي دنيا پسي سگهجي ٿي بنا نور جي اکيون پٿرن برابر ٿي ٿيون. پر انهن ماڻهن جو ڇا چئجي، جن کي اکيون هونديون بہ انهن جو استعمال نٿا ڪن.

رات جي وقت موٽر سائيڪل تي ويندڙ هڪ سک جو سامهون ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪر ٿي ويو. ڪورٽ ۾ جج ٽرڪ واري کان پڇ ڪرڻ بعد تہ ٽرڪ جون ٻتيون ٻريون پئي سک کان پڇيو: ”جڏهن تو سامهون ايندڙ ٽرڪ ڏٺي تہ وچ مان هلڻ بدران پنهنجو پاسو ڇو نہ ڪيئي؟“

سک وراڻيو: ”سائين مون سمجهيو تہ سامهون بہ موٽر سائيڪلون پيون اچن ۽ آئون انهن جي وچ مان لنگهي ويندس.“

- عقلمند لاءِ اشارو ڪافي آهي.

بلڪ ڪيترا دفعا عقلمند يا ڏاهو بنا اشاري جي بہ ڳالهيون سمجهيو وڃي ۽ غلط ڪم ڪان پاڻ کي پري رکي ٿو. پلا هن ڏاهي سمجهدار ڳوناٺي بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟

هڪ ڳوناٺي جو گڏهہ مسجد ۾ گهڙي آيو. امام کي ٺاڏي ڪاوڙ لڳي. لنيون هٽي گڏهہ کي ٻاهر ڪڍيائين ۽ ٻاهر بيٺل سندس مالڪ کي چيائين: ”ڪجهہ تہ خيال ڪر. گڏهہ کي ڪٽي مسجد ۾ ڇڏيو اٿئي.“

ڳوناٺي مسڪين صورت ٺاهي چيس: ”مولوي صاحب گڏهہ بي زبان ۽ بي سمجهہ آهي، تڏهن تنهنجي مسجد ۾ هليو آيو. آئون ڪو ڪڏهن تنهنجي مسجد ۾ آيو آهيان.“

# چيني پهاڪا ۽ چوڻيون



# chinese proverbs

# چيني پهاڪا ۽ چوڻيون

- ايماندار جج جا ڏيرا نوڪر ٿين. نالي چڙهي ديوتا جا متارا ٻاوا ٿين.
(ظاهر آهي ايماندار جج نہ پاڻ رشوت وٺندو نہ پنهنجن نوڪرن کي مال ڪارائيندو)

- اونهاري ۾ ٻنيون نہ ڇڏجن، سياري ۾ گهر نہ ڇڏجن.
(هي اتراهين چين جو پهاڪو آهي، جتي سخت سيءُ ٿئي ٿو ۽ اونهاري ۾ ئي ماڻهو پوک ڪري سگهي ٿو. سو اونهاري وارو وقت هيڏانهن هوڏانهن وڃائڻ بدران ٻني ٻاري تي لڳائجي ۽ سياري جا سخت ٿڌا ڏينهن گهر ۾ ئي گهارجن)

- روزانو وارن کي ٺاهڻ وارو دل کي بہ ٺاهي سگهي ٿو.

- ڪامياب ماڻهو ورلي آرام ڪن ٿا، آرام ڪرڻ وارا ورلي ڪامياب ٿين ٿا.
(مطلب تہ ڪاميابيءَ جي ڪنجي محنت آهي)

- شام جو ڪئين سوچون صبح جو ساڳي سستي.
(سست ۽ ڪاهل ماڻهو رات جو سمهڻ مهل ڪيتريون ئي ڳالهيون سوچي ٿو ۽ ارادو ڪري ٿو تہ ٻئي ڏينهن کان سخت محنت ۽ پورهيو ڪندس. پر صبح ٿيڻ تي وري ساڳيو ٺوٺپٽو)

- عورت کي راز ٻڌائڻ ائين آهي جيئن پاڻيءَ جي قلوڪٽي ۾ سٽي چيڻ.
(مطلب تہ ڪيترو بہ جهلڻ تي هوءَ راز فاش ڪريو ڇڏي)

- هڪ خوشي سوين غمن کي پڇايو ڪڍي ٿي.
(هڪ دوست ٻئي کي شاديءَ جي فائدن بابت ٻڌائيندي چيو: "شادي اها خوشي آهي، جنهن سان سوين غم پڇيو وڃن." ۽ پوءِ شادي کان سال پن بعد ملاقات تي هن احوال ورتس. شادي شده دوست ڪاوڙجي چيس: "شادي بعد نہ خوشي آئي نہ غم پڳا. البت زال آئي جنهن منهنجن مڙني مائٽن کي پڇائي ڪڍيو)

- استعمال ۾ ايندڙ دروازي جي انجيسن کي ڪڏهن به ماڪوڙي نٿي لڳي.
(چرپر واري شيءِ سلامت رهي ٿي. چوڻي مشهور آهي ته حرڪت ۾ برڪت آهي)
- زبان جي گندي ماڻهوءَ تي ڪا دَعا اثر نٿي ڪري.
(هڪ ماڻهو جيڪو زبان جو خراب آهي گارگند ڪري ٿو اهو ڪنهن به دعا سان سلجهو ٿي نٿو سگهي)
- اهو جاهل ماستر آهي، جيڪو سپاهيءَ کي نرم دل ٿيڻ جو سبق ڏئي ٿو.
- نئون گهر وٺڻ کان اڳ پاڙي جو ضرور جائزو وٺجي.
(گهر ڪٿي ڪيڏو به سٺو نهيل هجي پر پاڙي جا ماڻهو جيڪڏهن سٺا نه آهن، گهٽيءَ جا رستا، گٽر صحيح نه آهن ته اهڙي گهر مان ڇا فائدو)
- ٻنيءَ کي هَرُ ڏکو ڏئي ٿو، پر اَن گهوڙي کي کارايو وڃي ٿو.
- ماڻهو جيڪڏهن پاڻ سٺو آهي ته سندس ڇٻي پاڇولي ڏي ڌيان نه ڏجي.
(يعني ڪو انسان نيڪ ۽ قابل آهي ته هن جي سادي پوشاڪ يا رهڻي ڪهڻيءَ کي ڌيان ۾ نه آڻڻ کپي)
- چوريءَ کان پاسو ڪج ڇاهي بک ۾ مري رهيو هجين.
- پائر ايئن آهن جيئن هٿ پير.
(جيئن انسان کي هٿ پير ڪم اچن ٿا، تيئن ڏکئي وقت تي پائر ئي ڪم اچن ٿا. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته: "پائر ڪوٽ جا ڪنگرا پُٽَ گهرجي سونهن")
- مڙس پلي زال کان ڏهه سال وڏو هجي پر زال مڙس کان هڪ سال به ننڍي نه هئڻ کپي.
(اهو چيني پهاڪو ائين آهي جيئن پاڻ وٽ آهي ته: "انڌي هجي، منڍي هجي پر ننڍي هجي)
- ڪنهن ننڍي مندر ۾ ديوتا ٿيڻ کان بهتر آهي ته وڏي مندر ۾ شيطان ٿجي.
- انسان فقط ارادا ڪري سگهي ٿو، انهن کي پورو ڪرڻ واري قدرت آهي.

- هڪ ڍڳي هڪ ڪل.
- ٽن ڪهرن هٽن کان هڪ نازڪ هٽ بهتر آهي.
- ننيڙي ڪهاڙي وڏن وڻن کي ڪيرايو رکي.
- ڏهن مان نو عورتون حاسد ٿين ٿيون.

(ٻين لفظن ۾ شايد ٻهاڪي واري جو اهو چوڻ آهي ته مرد عورتن کان وڌيڪ بهتر آهن. ٻهاڪن جي دنيا ۾ پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي ته عورت کي بي عقل، ڪاهل، گهڻ خرچائو، گهر کي جنت بدران دوزخ بنائڻ وارو ڏيکاريو ويو. ڇو جو ٻهاڪا ناهڻ، ٻڌائڻ، لکڻ ڇپڻ وارا مرد حضرات آهن)

هونءَ ائين به نه آهي ته مردن عورتن جي فقط گلا ڪئي آهي. عورت جي تعريف ۾ به ڪيئي مقالا، بيان ۽ Quotations آهن. مثال طور:

- عورت مرد کان وڌيڪ عقلمند ٿئي ٿي ڇو جو هوءَ ڄاڻي گهٽ ٿي سمجهي گهڻو ٿي.
- عورت: خوشبوءِ، راڳ، ناچ ۽ موسيقيءَ جو ٻيو نالو آهي.
- عورت گاهه جو نرم پن/ تيلو آهي، جيڪو هلڪي هير تي ته جهڪي ٿو پر وڏا طوفان ان کي پاڙ کان پٽيو نٿا سگهن.
- عورت هڪ غافل شينهڻ آهي. هن جون خوفناڪ قوتون جنهن وقت جاڳن ٿيون ته بادشاهتن جا تختا اونڌا ڪريو ڇڏين.
- عورت رات جو تارو، صبح جو نور ۽ ماڪ جو ڦڙو آهي ۽ جيئن ڪنڊن ۾ گلاب ٿئي ٿو، تيئن هوءَ اونداهيءَ ۾ دلين کي روشن ڪرڻ واري هستي آهي.
- عورت کي ڪڏهن به امتحان ۾ مبتلا نه ڪريو نه ته پڇتائيندائو.
- عورت سج جي گرمي، چنڊ جي ٿڌاڻ ۽ گلن جي خوشبوءِ آهي.

وغيره وغيره

- ڪوئا سو جهلي، پوءِ اها ٻلي رنگ جي ڪٿي اڇي هجي يا ڪاري.
- پرائي شيءِ جي حفاظت ڪر نئينءَ کي سمجهڻ لاءِ جستجو ڪر.

- عالم ڪتابن تي ڳالهائي ٿو ڪاسائي رڍن ٻڪرين تي.
- ڪنهن جو به قلم آسمان ۾ ڇپيل نٿو سگهي.
- گهڻ مصيبتون گهڻ خواب. گهڻ لفظ گهڻ غلطيون.
- ڪنهن ذهين سان هڪ ڏينهن جي گفتگو ڏهه سال ڪتاب پڙهڻ ڪان بهتر آهي.
- گدڙ جي سؤ سال زندگيءَ ڪان شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي بهتر آهي.
- انڌي ٻلي منڊ ڪوئو ئي جهلي سگهي ٿي.
- سون جو انچ وقت جو انچ به نٿو خريد ڪري سگهي.
- مٽيءَ جو ڏونڪو فقط هڪ دفعو ئي نغارو وڄائي سگهي ٿو.
- پڇڻ تي گدرو پاڻهي ئي ڇٽيو پوي.
- هڪ هفتو ٻاهر رهڻ، گهر ۾ هزار هفتا رهڻ ڪان بهتر آهي.

(چيني ماڻهو سفر جا شوقين آهن. انسان ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ علم پرائي ٿو. ان ماڻهوءَ جو قدر پڻ ٿئي ٿو. شايد ان ڪري چيو ويو آهي ته ٻهول وه سرها هوا جو چمن سان نڪل گيا)

- هن دنيا ۾ چار زهر آهن: ڪڪر جيڪي سج کي ڍڪين ٿا. تڏيون هوائون، وڇونءَ جو ڏنگ ۽ وبگي ماءُ جي دل.

(آخري به شيون ته ڪٽي ڪنهن کي زهر لڳن پر پهريون به شيون اسان جهڙن ملڪن لاءِ زهر ڇئي نٿيون سگهجن.

پڪ هيءَ چوڻي اتر چين جي آهي، جتي جون تڏيون هوائون ۽ جهڙالا ڏينهن ماڻهوءَ کي ناريو ۽ ماريو ڇڏين)

- قيدخاني جي در کي جيتوڻيڪ تالو لڳل رهي ٿو، پر ماڻهن سان هميشه ڀريل رهي ٿو. عبادتگاهه هروقت کليل رهن ٿا پر هميشه خالي آهن.
- هر نانگ پنهنجي ٻِر ڪان واقف رهي ٿو.

- جتي خشڪي رستي پهچي سگهجن اتي سامونڊي سفر اختيار نہ ڪر.

(سامونڊي سفر ۾ وڏيڪ خطرو ۽ جوکو آهي ۽ ڪيترين صورتن ۾ ڏکو بہ ٿئي ٿو)

- هڪ ڏينئي سان بہ گهر روشن ٿي نٿا سگهن.
- ملڪ ۾ وڳوڙي حالت هجي تہ ڪنهن هوشيار جنرل کي ڳولجي. گهر ۾ افراتفري هجي تہ نيڪ زال آڻجي.

(چا هڪ اڳهين هجي تہ بي آڻجي؟ ۽ جنرل آڻڻ واري صلاح تي جنهن ملڪ بہ عمل ڪيو، ان جي وري منجهائتس جان نہ ڇٽي سگهي)

- اها زال جيڪا صبح جو سوير اٿي ٿي، پنهنجي مڙس لاءِ مٿي جو سور آهي، جيڪا دير سان اٿي ٿي سا سس سهري لاءِ.
- ڪڏهن بہ ٻار سان دوکو نہ ڪجي ۽ ڪڏهن بہ نوڪر کي گهرو معاملن ۾ نہ آڻجي.
- چيتو مرڻ تي پنهنجي ڪَلَ ڇڏي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجو نالو.
- جهاز جي تباهيءَ تي سندس مالڪ سال کن لاءِ غريب ٿئي ٿو. شاديءَ جي ناڪاميابيءَ تي مڙس سڄي عمر لاءِ غريب ٿيو وڃي.

(شايد انهيءَ ڪري ڪيترا مرد شاديءَ جي نالي کان گهبرائين ٿا.
هڪ ٻار وڏي تعجب مان پنهنجي پيءُ کان پڇيو: "چا گڏھ بہ شادي ڪن ٿا؟"
"هائو پٽ!: پيءُ ٺڏو ساهہ کڻي چيو، "گڏھ ئي تہ شادي ڪن ٿا")

- جيڪڏهن توهان جنگ لاءِ روانا ٿي رهيا آهيو يا شينهن جي شڪار جو ارادو ڪيو تہ پاڻ سان ڪجهہ مائٽ ضرور وٺي وڃو.

(جيئن ضرورت پوڻ تي هو توهان جي دفن ڪفن جو بندوبست ڪري سگهن چو تہ سدائين تہ مروان موت ملوڪان شڪار نہ ٿيٺو آهي. ڪڏهن شڪاري پاڻ بہ تہ شڪار ٿيٺو آهي)

- جنهن جي توکي ڳولا آهي، اها شيءِ مچي آهي تہ پوءِ وٽن تي چڙهڻ جو کهڙو فائدو.

(ظاهر آهي مچي درياهن ۽ سمنڊن ۾ ئي ملي ٿي. پر ڪي ڪي مڇيون اهڙيون بہ آهن، جيڪي اڏامي بہ سگهن ٿيون، انهن کي اڏامندڙ

مڇيون Flying-Fish سڏجي ٿو. انهن کي پَرَ ٿين. بحر احمر Red-Sea مان لنگهندي جهازن جا مسافر ڏسي سگهن ٿا)

- ❑ ڪَنَ ۾ پٽڪيل هڪ لفظ سوين ميل سفر ڪري ٿو.

(۽ ويتر جي اهو ڪن ڪنهن عورت جو آهي ته پوءِ اهو لفظ اجان به تيز رفتار سان سفر ڪري ٿو.

ڪنهن پڇيو ته ڪميونيڪيشن يعني نياپو پهچائڻ جو سڀ ۾ تکو طريقو ڪهڙو آهي؟

"ٽيليفون. ٽيليفيڪس... يلا ٽيليپرنٽر...؟"

"نه. انهن مڙني کان وڌيڪ ٽيل- اي- وومئن Tell-a- Woman آهي)

- ❑ جنهن جوا شروع ڪئي آهي، اهو هڪ ڏينهن ضرور پنهنجو گهر وڪڻندو.

- ❑ بيوقوف ئي پنهنجن وڏن تي فخر ڪن ٿا.

(انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي ته تون ڪيڏو بيوقوف آهين جو پنهنجي ڪتنب تي فخر ڪرين ٿو. تنهنجي فيمليءَ کي توتي ناز هجڻ کپي. يعني ٻين جي ڪمن تي ڪڏڻ بدران انسان کي خود محنت ڪري نالو پيدا ڪرڻ کپي. يا جيئن چوندا آهن ته: ڪري پاڻ ڪين ڪي پڏائي ابا ۽ نانا، اهڙا وائي آنا ڪکڙين لاٽا ڪيترا.")

- ❑ خوشيءَ جي حالت ۾ ڪنهن سان وعدو نه ڪر. ڪاوڙ ۾ ڪنهن کي خط نه لک.

- ❑ اتاهان منارا به ڌرتيءَ تان ئي شروع ٿين ٿا.

(يعني هر وڏو ماڻهو پهرين ننڍو آهي. يعني هر ڪو هيٺان تي مٿي چڙهي ٿو. ڪوبه جمندي جام نٿو ٿئي. يا جيئن ٻي چيني چوڻي آهي ته: "هزارين ميلن جي سفر جي شروعات هڪ وک سان ٿئي ٿي.")

- ❑ دنيا ۾ فقط ٻه ئي ايماندار ماڻهو آهن، هڪ اهو جيڪو مري چڪو آهي ۽ ٻيو اهو جيڪو اجان ڄائو ناهي.

- ❑ ٻه شيون پنهنجن ٻارن کي ضرور سيکارجن، هڪ علم ادب ۽ ٻي پوک.

(چين ۾ فقط اهي ٻه شيون هجن، يعني تعليم ۽ کيتي ٻاڙي ۾ اسان
وٽ اڄان ٻه ٻه ٽي شيون وڌيڪ سکڻ لاءِ چيو ويجي ٿو:
"لکڻ پڙهڻ، تير هڻڻ چوٽين سواري.
نندي هوندي نه سکيو ته وڏي هوندي خواري")

- بيضي کي پٿر سان بحث نه ڪرڻ کپي.

(شيشي جي گهر ۾ رهڻ وارن کي ٻين ڏي پٿر اڇلڻ نه کپن)

- ڪنهن ڪم ۾ منجهي پئجي ته ٽن پوڙهن سان صلاح ڪجي.

(هونءَ ته صلاح ٽين سان به ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي، جيئن چوندا آهن ته "پوڙهو ٻڌي صلاح ڪجي")

- سٽل مزور پنهنجي ڏهاڙي وڃائي ٿو. سٽل شينهن پنهنجي جسم جي کل.

- سواد معلوم ڪرڻ لاءِ ضروري ناهي ته سڄي ڪکڙ کائجي.

- ٿورو پچ ضرور ڇڏجي، جنهن سان مکيون هڪلي سگهجن.

(هتي پهاڪي جو اهو مطلب آهي ته ٿورو ڪجهه ضرور بچائي رکجي، جو آئيءَ ويل ڪم اچي. هونءَ جستائين پچ جو سوال آهي ته ڪنهن به جانور جو پچ ڪيترو ٿورو آهي ۽ ڪيترو گهٽو؟ هڪ ڳوناٺي گڏهه وٺي ڪنهن سياڻي کان پڇيو ته سندس پچ ڪيترو رکي جو ڳوٺ جا ماڻهو چون ته اهو صحيح آهي.

سياڻي وراڻيس: "تون پلي پنهنجي گڏهه جو پچ پاڙ کان ڪپي ڇڏ ته به ڪي چوندا ته ننڍو آهي ته ڪي چوندا وڏو آهي")

- ماستر پلي هڪ ڏينهن پڙهائي پر هن جو رتبو سڄي زندگي پيءُ برابر سمجهڻ کپي.

(بشرطيڪ اهو ماستر واقعي ماستر هجي ۽ علم سيکاري ۽ نه ڪاپي ڪري پاس ٿيڻ جا طريقا)

- بانس جي لڙهي ۾ به نانگ ڦڏو سڌو ٿي هلي ٿو.

(بانس جو ڏنڊو بلڪل سڌو ٿئي ٿو پر نانگ پنهنجي عادت موجب ان

سڌي ڏنڌي جي اندر به ور وڪڙن ۾ سُري ٿو. جيئن ڪتي جي پڇ لاءِ چيو ويچي ٿو ته سچو سال (چلم جي) نَڙَ ۾ رهڻ سان به ساڳيو ڇپو رهي ٿو ۽ سڌو نٿو ٿئي)

- ❑ **’خيالن‘ کي مهمانن وانگر آڌر ڀاءُ ڪجي. ’خواهشن‘ کي ننڍين ٻارن وانگر سمجهجي.**

(يعني خيالن، سوچن ويچارن جو قدر ڪجي ۽ دل ۾ سانڍي انهن تي غور فڪر ڪجي جو ڪوڪو خيال يا سوچ ڪنهن وڏي ڳالهه جي پيش قدمي ثابت ٿي سگهي ٿي پر خواهشن ۽ سڌن ڏي گهڻو ڌيان نه ڏرجي. بلڪ ٽاري ڇڏجن)

- ❑ **ماڻهن کي پلي:تون نوان ڪپڙا ڏي، پر مون کي پراڻا دوست.**

- ❑ **وڏيون ٻيڙيون به ڇيرن (Leaks) کان ڏڄن ٿيون.**

(ڇو جو معمولي ڇير وڏي حادثي جي شروعات ٿي سگهجي ٿو. ڇير ذريعي سميل پاڻي وڏن جهازن کي به Out of Balance ڪريو ڇڏي ۽ جهاز اونڌو ٿيو وڃي)

- ❑ **تنهنجي ڏنل پتائي گهر بنا به اسين ٻوڙ رڌي سگهون ٿا.**

(ڪنهن جي معمولي مدد روڪڻ تي اهم ڪم بيهي نٿا رهن. ڪيترا ماڻهو ٿوري ٿوري ڳالهه جو به وڏو احسان جتائيندا آهن. هو آڳر ويائي پنهنجو پاڻ کي شهيدن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پاڻ کي غيرضروري اهميت ڏيندا آهن. درياهه ٽپڻ واري ڪاٺ جي تختن جي پل تمام نازڪ هئي. هاٿيءَ جي ٽپڻ تي سائس گڏ هلندڙ ماڪوڙيءَ خيال سان هلڻ جي تاڪيد ڪيس. جڏهن ٻنهي پل ٽپي پوري ڪئي ته ماڪوڙيءَ ٺڏو ساهه کڻي چيو:

”خدا جو شڪر آهي جو اسان ٻنهي جي وزن سان هيءَ پل نه ٽٽي.“)

- ❑ **شهنشاهه جي خدمت ڪرڻ ائين آهي جيئن شينهن سان گڏ سمهڻ.**

(يعني تمام ڏکيو ڪم آهي. هو پل ۾ راضي پل ۾ ناراض ٿي سگهي ٿو ۽ سندس ناراضپو معنيٰ سرقلم ٿيڻ، جيئن شينهن جي ويجهو وڃڻ

معنيٰ سندس پيٽ ۾ داخل ٿيڻ)

- حساب ڪتاب رکڻ ضروري آهي، چاهي ڏريون ڏاريون هجن يا سڱا سوٽ ماسات.

(جيئن پاڻ وٽ چوندا آهن تہ بہ پائر ٿيون ليکو)

- گهوڙي ڪي سندس هنجن مان سڃاڻجي ماڻهوءَ ڪي سندس پوشاڪ مان.
- ڪئمپ هلائڻ لاءِ سؤ سپاهين جي ضرورت آهي، گهر هلائڻ لاءِ فقط هڪ زال جي.
- سٺي ڳالهائڻ واري کان سٺو ٻڌڻ وارو بهتر آهي.
- سٺن مائٽن جي اولاد جي ڪامياب شادي ٿئي ٿي، سٺن ٻارن جي مائٽن جو عمدو مستقبل ٿئي ٿو.
- ڪتب ۾ ڪنهن پوڙهي جُو هجڻ قيمتي هيري وانگر آهي.

(چين توڙي جپان ۾ اڄ بہ گهرَ جي وڏي جو وڏو مان ڪيو وڃي ٿو)

- رات جو دير تائين اجايو ويهي بڪ ڪرڻ ڏيئي جو زيان آهي.

(ظاهر آهي بنا ڪنهن ڪم جي ڏيئو ٻاري رکڻ تيل جو نقصان آهي، پر چيني زبان ۾ اها بہ چوٽي آهي تہ جيڪو ڏيئي ٻارڻ تي ڪنجوسي ڪري سويرئي سمهي رهي ٿو ان کي اڪثر ٻ ڄاڙا ٻار ٿين ٿا.

One who economize on candle and goes to bed early often begets twins.

- زمين اندر دفن ٿيڻ کان بهتر آهي تہ زمين مٿان ٽڙندو ٽاپرندو رهجي.

(هن پهاڪي موجب مرڻ کان بهتر آهي تہ جيئرو رهجي پوءِ پلي اگهو سگهو ئي سهي چو جو جيئرو ماڻهو وري بہ ڪنهن جي ڪم اچي سگهي ٿو. پيو نہ تہ صلاح مشورو ڏئي سگهي ٿو. پر سياڻي وقتِ ڪيترن جو اهو بہ خيال آهي تہ رب هلائي تہ پنهنجي همٿ سان هلائي ٻئي جو محتاج نہ ڪري ۽ "جيئرن سان گڏ نہ مئلن سان" کان بهتر آهي تہ ماڻهوءَ کي موت اچي وڃي)

- بي رحم پاءُ کان رحمدل دوست سٺو.

- هڪ ڪتو ڪا شيءِ ڏسي ڀؤنڪار ڪري ٿو ۽ سؤ ڪتا ڀونڪار ٻڌي ڀؤنڪن ٿا.

(بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪو ڪم ڪرڻ. ان ڪم ۾ ڪانگ به مشهور آهن. بلڪ اجايو لڙ مچائڻ انهن جي عادت آهي)

- ٻار ڪي ان جي پرواهه نٿي رهي ته هن جي ماءُ ڪوجهي آهي، ڪتي ڪي ان جي پرواهه نٿي رهي ته سندس مالڪ غريب آهي.

(جنهن ماڻهوءَ سان پيار ۽ لڳاءُ ٿي وڃي ته پوءِ ان جو ڪوجهپڻو يا غربت ڪا حيثيت نٿا رکن )

- جڏهن ڌارين سان ويٺا هجو ته ڪجهه ڳالهيون اڻ چيون ڇڏيو.

(يعني ڌارين جي محفل ۾ ويهي دل جا سڀ راز نه سلجن. هونءَ به چوندا آهن ته ڀتين کي به ڪَن ٿين ٿا. انسان جا ڪن ته سڀ ۾ خطرناڪ شيءِ آهي. ان ڪري ته سياڻن چيو آهي ته:

کان کا کچا نه بن اور پيٹ کان هلکا نه بن
بات سننے اور کهنے ميں بهت ڈهيلا نه بن
تونے پائی هے خدا سے قوت ديد و شنيد
ان کو استعمال کر، اندها نه بن، بهرا نه بن

- اوچو لباس اوڍيل رنڍيءَ کي ڪنهن مندر ۾ گهڙڻ ۾ ايتري ڏکيائي نٿي ٿئي، جيتري ڏهه شريف پر غريب عورتن کي سادن ڪپڙن ۾ ڪنهن معزز ماڻهوءَ جي گهر ۾ ويندي ٿئي ٿي.

- هڪ دفعو باهه لڳڻ تي ڪيرهن کي حڪم ڏئي سگهي ٿو ته هن کي ساڙ هن کي نه ساڙ.

(هڪ دفعو ڀنيٺ مچڻ ڪانپوءِ سڪن سان گڏ آلا به سڙيو وڃن)

- ڪنهن ٻار کي تباهه ڪرڻو هجي ته منجهس خراب عادتون وجهجن.

- قابل ۽ ايماندار مئجسٽريٽ لاءِ به گهر جو جهيڙو نبيرڻ ڏکي ڳالهه آهي.

- جيڪڏهن هن کي چار ٽنگون آهن ۽ ڪرسي ناهي، جيڪڏهن هوءَ سمنڊ اندر تري سگهي ٿي ۽ سب مئرين ناهي، جيڪڏهن هوءَ اڏامي سگهي ٿي ۽ هوائي جهاز ناهي ته ڪئنٽوني ان کي کائي ويندو.

- هر ماڻهوءَ کي دل آهي ۽ هر دل جون پنهنجيون عادتون آهن.
- مٿي آسمان تي گوڙ گجگوڙ، هيٺ زمين تي مامو منهنجو.
(يعني سڄو ڏينهن مامو دڙڪا ٿو ڏئي)
- هڪڙو مُنگهڻ سڄي سوڙ ننڍو لاهي سگهي.
- پئسو هزارين عيب ڍڪي ٿو.
(پاڻ وٽ به ان قسم جا ڪيترائي پهاڪا آهن، جيئن ته: جنهن جي گنديءَ ۾ داڻا ان جا چريا به سياڻا.")
- هڪ هٿ ۾ اگر بتي ٻيءَ ۾ پالو.
(خطرناڪ ماڻهو جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته منهن ۾ موسيٰ اندر ۾ ابليس. يا "هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڪاتي.")
- اها ٻڪ مرچي پر ٻليءَ جي ماني نه کائجي.
(پنهنجو رتبو نه گهٽائجي، جيئن چوندا آهن ته شينهن بک مري پر ڏڀ نه چَري. هونءَ هي پهاڪو ان وقت به ڏنو ويندو آهي جڏهن ڪو ڪنهن غريب کي ڦريندو آهي يا ڪنهن ننڍي ٻار جي شيءِ ڪسيندو آهي. اهڙي طرح هڪ غريب ٻليءَ جهڙي ننڍڙي جانور جي ماني ٿي چا، ٻه چيچڙا. اها کائڻ ڪسڻ سٺي ڳالهه ناهي)
- جڻن کان جيترو اسين ڊڄون ٿا ان کان وڌيڪ هو اسان کان ڊڄن ٿا.
(مطلب ته انسان به گهڻ خطرناڪ ناهي)
- جاهل جو دماغ ائين آهي، جيئن چنڊ ۽ تارن بنان رات.
- بيواهه عورت ان ٻيڙيءَ مثال آهي، جنهن جو سکان هليو ويو هجي.
(ٻيڙيءَ جو سکان Rudder هليو وڃڻ تي ٻيڙي هوائن ۽ لهرن جي رحم ڪرم تي هلي ٿي. عورت جي جوان آهي ته هن لاءِ جبل جيڏي زندگي مصيبت ٿيو پوي. مڙس هوندي هن کي جيڪي وٽي ڪري سگهي ٿي معاشرو ان تي آڱر به نٿو کڻي. مڙس نه هجڻ تي هن جي صحيح ڪم تي به زمانو چٽرون ڪري ٿو ۽ هن لاءِ بي نڪاح رهڻ عذاب ٿيو پوي.

- جوَ پوڪ جوَ لڻ.

(جيڪو پوکبو سوئي لڻي سگهبو)

- سنئين زالن جا خراب مڙس، سنن مڙسن جون خراب زالون.

(ڪٿي چور سچا ڪٿي ڍور سچا. هڪ زال پنهنجي مڙس کي چيو: ”تنهنجي فلاڻي دوست جي جنهن عورت سان شادي ٿي رهي آهي اها سٺي ناهي. هن کي سمجهاءِ ته هن سان شادي نه ڪري.“

”آئون ڇو سمجهايانس؟“ مڙس چيس. ”جڏهن منهنجي شادي ٿي رهي هئي ته هن ڪو مونکي سمجهايو هو.“

ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو لطيفو آهي ته هڪ شخص پنهنجي دوست کان پڇيو:

”خدا عورت کي ايتري سهڻي شڪل ۽ محدود عقل ڇو ڏنو آهي؟“

دوست جواب ڏنس.

”سهڻي شڪل ان لاءِ آهي ته مرد هن سان شادي ڪرڻ لاءِ آماده ٿي وڃي ۽ گهٽ عقل ان لاءِ مليو اٿس ته جيئن هوءَ مرد سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وڃي.“)

- هانگ ڪانگ ۽ ڪئنٽن هڪ ٻئي جي ائين ويجهو آهن جيئن چپ ڏندن جي ويجهو آهن.

چين تمام وڏو ملڪ آهي. جنهن جو هڪ پاسو ويٽنام ڪمبوڊيا سان وڃيو ملي ته ٻيو جپان ڪوريا سان ته ٽيون پاڪستان روس ۽ انڊيا سان. ۽ جتي هڪ شهر ٻئي کان ڪافي پري فاصلي تي آهي اتي ڪئنٽن جو شهر ۽ هانگ ڪانگ ٻيٽ ائين ويجها آهن جيئن دادو موري يا سکر ساڌ ٻيلو.

- ساڳي مذهب جي ماڻهن ۾ پيار رهي ٿو پر ساڳي ڌنڌي جي واپارين ۾ شڪ شبهو.

(فقير فقير کي نه سهي وارو مثال)

- ڍگها وڻ سڀ کان اڳ وڍجن ٿا، مٿا ڪوهه سڀ کان پهرين خالي ٿين ٿا.

- جڏهن نديون پريل آهن تڏهن کوهه به پريل رهن ٿا.

ڪنواري ساهيڙيءَ تڏو ساهه کڻي چيو:
"اها ڳالهه توهان ٻئي پنهنجن مڙسن کان جيڪر پڇو ها ته سو هو "

- توهان ڪيترا به شاهوڪار ٿي وڃو، پر عالم کي پاڻ کان مٿاهون سمجهو.
(علم دولت کان بهتر آهي)
- ڪاوڙ جي وقت صبر کان ڪم وٺڻ، توهان کي سؤ ڏينهن جي پڇتاءُ کان بچائي ٿو.
- قدرت انهيءَ جهرڪيءَ کي به رزق پهچائي ٿي.
- بيوقوف جي خذمت لاءِ ڪنهن ڏاهي کي رکڻ ائين آهي، جيئن لڏ ۾ لعل اچلڻ.
- قوم تي حڪمراني ڪرڻ سولو ڪم آهي، پر فيمليءَ کي ضابطي ۾ رکڻ ڏکي ڳالهه آهي.
- دوا هر هڪ جو علاج ڪري ٿي، سواءِ انهن جي جن جي نصيب ۾ موت آهي.
- مئل ماڻهو جي صحيح ڏهه هزار ڊالرن ۾ به خريد ڪري نٿي سگهجي.
(گذريل وقت وري نٿو موٽي اچي)
- ڪوئو ڪوئي کي نئي چڱي طرح سجائي سگهي ٿو.
(چور چور کان وڌيڪ واقف آهي)
- لوهه جي نهيل گڏهه تي ڪهڙا وار.
- وات کي هميشه پيٽ سان صلاح ڪرڻ کپي.
(مطلب ته پيٽ ۾ کاڌي جي ضرورت هجي ته کائجي)
- گهر مان نڪرڻ وقت موسم جو حال معلوم ڪجي، گهر ۾ گهڙڻ وقت ٻچن جي جانچ ڪجي.

(سوچي سمجهي قدم کڻجي. موسم ٿڌي آهي ته ان لاءِ اڳواٽ گرم ڪپڙا پائي نڪرجي. گهر جي ڀاتين جي موڊ خراب آهي يا ڏک ڪاوڙ اٿن ته جهڙي تهڙي ڳالهه کان گريز ڪجي)

- هڪ بيوقوف سان گڏ جيئڻ کان بهتر آهي تہ ڪنهن عقلمند جي پرسان مرجي.
- اهو سبق جيڪو دل سان نہ پڙجي، رڳو ڪنن سان ٻڌجي خواب ۾ دعوت کائڻ مثل آهي.
- ڪن کي عمر کائي، ڪي عمر کي کائين.

(ڪي ويچارا ننڍي عمر ۾ ئي بس تي ويندا آهن، ڪين بيماريون ۽ ڏک ننڍپڻ ۾ ئي پوڙهو ڪري ڇڏيندا آهن. ڪي وري وڏي عمر جا ٿيڻ بعد بہ تاز بہ تازا نئو بنا پيا لڳندا آهن.

عمر جي معاملي ۾ عورت بہ پڪائيءَ کان ڪم وٺي ٿي. پنهنجي ٺاهہ جوڙ ڪري پاڻ کي ننڍو ظاهر ڪري ٿي ۽ چوندا آهن تہ عورت پنجويهن سالن کان پوءِ يوٽرن (U- Turn) ڪري ٿي. يعني پنجويهن تائين پهچي، پوءِ هر سال پنهنجي عمر مان سال گهٽائي ٻڌائي ٿي. يعني چوويهہ پوءِ ٽيويهہ وغيره. ڪي عورتون چاليهہ سالن جون ٿيڻ بعد ڏهاڪو کن سال اها ئي عمر ٻڌائينديون رهن ٿيون.

هڪ ڇوڪريءَ ٻي ڇوڪريءَ کي چيو تہ مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ جيسين آئون پنجويهہ سالن جي نہ ٿينديس شادي نہ ڪنديس. ٻي ڇوڪريءَ وراڻيس: "۽ مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ جيسين منهنجي شادي نہ ٿيندي تيسين آئون پنجويهن سالن جي نہ ٿينديس."

- عورت جو ڪم ٽج ڏيڻ آهي، مرد جو ڪم ڏن ڏيڻ آهي.

(مطلب اهوئي تہ عورت جو ڪم گهر کي ڏسڻ ۽ ٻار جو نيپاج آهي، مرد جو ڪم پورهيو ڪري پئسو آڻڻ آهي، تڏهن ئي گهر جو ڪاروبار هلندو. چين جپان توڙي ٻين ايشيائي ملڪن جي سوسائٽيءَ ۾ مرد وڏي بلا سمجهيو وڃي ٿو. هو ڀلي ٽوٽي هجي، سندس ٻاهر ڪجهہ بہ نہ هلي پر گهر ۾ هو حاڪم آهي ۽ پنهنجي زال تي وڏا رعب رکي سگهي ٿو. پر شايد ڪن ملڪن يا ڪن هنڌن تي ائين نہ بہ هجي، ڪٿي ڪٿي عورت کان وڌيڪ مرد فرمانبردار هجن.

اسڪول جي پهرين ڏينهن ماستر صاحب نون آيل شاگردن جي سڃاڻپ لاءِ ڪانئن ساڳيو سوال پڇي رهيو هو.

”پٽ تنهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟“

”واڍڪو ڪم ڪندو آهي“ ڇوڪر جواب ڏنو.

”ءِ تنهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟“ هن ٻئي شاگرد کان پڇيو جنهن جو پيءُ سرجن هو.

”سائين آپريشنون ڪندو آهي.“

”يلا تنهنجو پيءُ ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟“ هن ٽئي شاگرد کان پڇيو.

”سائين منهنجو پيءُ اهو ڪم ڪندو آهي، جيڪو امان چوندي اٿس.“

# جپاني پهاڪا ۽ چوڻيون



# japanese proverbs

# جپاني پهاڪا ۽ چوٽيون

- هوٽل ۾ ماني جي لذت جو مدار خذمتگار ڇوڪريءَ جي سونهن تي آهي.

(جن هوٽلن ۾ ماني سٺي نه هجي، ان ۾ گهڻ ۾ گهٽ خذمتگار ڇوڪرين جا چهرا ته چڱا هئڻ کپن. پر چوندا آهن ته مانيءَ جو شوقين مينو پيش ڪندڙ ڇوڪريءَ ڏي نهارڻ کان اڳ مينو کي غور سان جانچي ٿو)

- غربت انسان جي خوشي گهٽايو ڇڏي.
- نانگ کان وڌيڪ عورت کان خبردار رهجي.

(خبر ناهي ڪهڙي خيال کان جپاني مرد لاءِ جپاني عورت خطرناڪ آهي. ڌارين ماڻهن کي جپان ۾ رهڻ بعد ان جي ابتڙ محسوس ٿئي ٿو)

- ٽوڪيو ۾ جيڪا تڪليف رسي، ان جو بدلو ناگاساڪيءَ ۾ نه وٺجي.

(هڪڙي جي ڏوهه جي سزا ٻئي کي ڏيڻ نه جڳائي)

- پنهنجي ڀاڳ جي نجومين کي به خبر نٿي پوي.

(اها ڳالهه صحيح آهي ۽ پوءِ جڏهن نجومين کي پنهنجي ڀاڳ جي به خبر نه آهي ته پوءِ ٻين جي مستقبل جي ڇا ڄاڻ ڏيندا.

اتر هندستان جي الور رياست جي مهاراجا سري سوائي جئيسنگهه هزار رپيا هڪ ڏينهن جي حساب سان هفتي ڪن لاءِ بمبئيءَ جو وڏو نجومي مسٽر الاسٽر گهرايو. ساڻس ٻين به ڪيترن انعام اڪرامن ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو هو. مقرر وقت تي جڏهن نجومي الور اسٽيشن تي پهتو ته سندس آڌر ڀاءُ لاءِ ڪير به نه آيو. سڄي رات هو اسٽيشن تي ڌڪا کائي ٻئي ڏينهن ٽانگي ۾ چڙهي مهاراجا جي محلات تي پهتو پر دربان ۽ سپاهين ڪيس مهاراجا سان ملڻ جي موڪل ڏيڻ بدران ڪٽي جيل اماڻيو. هڪو مهينو جيل ۾ دانهون ڪوڪون ڪندو رهيو ۽ خوار ٿيندو رهيو. ان بعد هن کي جيل مان ڪڍي مهاراجا آڏو پيش ڪيو ويو. نجوميءَ پنهنجي غم جو

داستان ٻڌائيندي چيو:

”مون کي اهڙي خبر هجي ها تہ الور پهچڻ تي مون سان هيءَ تعدي ٿيندي تہ آئون جيڪر بمبئي ڇڏيان ئي نہ ها.“

مهاراجا همدرديءَ ڪرڻ بدران چيو: ”تو لاءِ اها سيڪت ضروري هئي. جڏهن توکي پنهنجي ٻئي ڏينهن جي خبر نٿي پوي تہ سياڻي ڇا ٿيٺو آهي تہ مون کي سڄي سال جو حال ڪيئن ٻڌائي سگهندين؟“)

- ❑ پاڻ ۾ ايترو قرب جيترو منڊارين ٻدڪن جو.

(منڊراين چيني ٻدڪن جو قسم آهي، جن جو هر وقت نر مادي جوڙو جوڙو ٿي هلي ٿو ۽ ڪن ساعت لاءِ بہ هو هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿين)

- ❑ سٺو جوڙ ۽ سٺو موقعو حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ضروري آهي.

(صبر جو ڦل مٺو ٿئي ٿو ۽ تڪڙ ڪم شيطان جو ثابت ٿئي ٿو)

- ❑ گهرو ويڙهہ ۽ اتراهين هوائن ۾ هڪ ڳالهہ ساڳي آهي. شام ڌاري ٻئي ٿاڻي ۾ اچيو وڃن.
- ❑ پئسو آهي تہ ڌاريان بہ سلامي پرين ٿا. غربت ۾ ويجها مائٽ بہ ڇڏيو ڏين.

(سڪئي جو سڀ ڪو سلامي، غريب کي ڪو ليکي ڪونہ)

- ❑ ڳانگٽ جو سردار ڳانگٽ ئي هوندو آهي.
- ❑ ستل ڊڳيءَ مٿان ڪچرو اڇلڻ.

(ڪمزور ۽ غريب ماڻهوءَ مٿان بهتان هڻڻ)

- ❑ شراب کان پاسو ڪرڻ تي جيڪو پئسو بچي ٿو، ان مان ڪوبہ محلات نٿو نهرائي سگهي.

(ويلي بچائڻ ۾ ڪهڙا ڪوٽ نهرائي سگهبا)

(هڪ دوست ٻئي کي سگريٽن پيئڻ کان منع ڪندي چيو: ”ڏس تون روزانو ڏهہ سگريٽ پيئين ٿو، يعني ويهين رپئي جا. سي مهني ۾ ٿيا ڇهہ سؤ رپيا ۽ سال ۾ ست هزار رپيا ڪن ۽ ڏهن سالن ۾ ستر هزار ۽ جي گذريل ٽيهہ سال سگريٽ نہ پيئين ها تہ سوا بہ لک رپيا هجنئي ها، جنهن جو گهر نهرائي سگهين ها.“

- ڪٽي ڪنهن جو ماءُ پيءُ مري ويو هجي ته به ماني کائڻ بعد ڪجهه دير آرام ڪجي.
- مقابلي جي چئني ئي طريقن مان بهترين طريقو پڇڻ آهي.
  (يعني جتي پڇي نه سگهجي اتي پڇي جان ڇڏائجي)
- سادو ماڻهو پنهنجو در هڪ انچ ڪليل ڇڏي ٿو، بيوقوف ٽي انچ ۽ چريو در کي بند ئي نٿو ڪري.
- ڊيوٽيءَ لاءِ اون ۽ جسم تي گوڏ هر وقت گڏ گڏ هجي.
- اس ۾ سڙيل (ڏينهن لڳل) مينهن، چنڊ کي به تتل سج سمجهي ڇرڪيو وڃي.
- هڙ ڳالهه ٿڌي دماغ سان سوچجي.

(ذري پرزي ڳالهه تي جوش يا چڙ نه ڪجي. دماغ کي ٿڌو رکجي. اهڙي ماڻهوءَ کي بلڊ پريشر ۽ دل جون بيماريون به گهٽ لڳن ٿيون ۽ زندگيءَ ۾ ڪامياب به رهي ٿو.

انگريزيءَ جي مشهور اديب برنارڊشا کان ڪنهن صحافيءَ پڇيو: "توهان جي وڏي عمر جو ڪهڙو راز آهي؟"

هن جواب ڏنو: "آئون هميشه مٿو ٿڌو ۽ پير گرم رکان ٿو."

صحافي هن جي ان قول کي اخبار ۾ ڇاپيو. ماڻهو عمر وڌائڻ لاءِ مٿي تي برف رکڻ لڳا ۽ پير باهه تي سيڪڻ لڳا. نتيجي ۾ سڄي شهر ۾ نمونيا وٺڻ لڳي. هو سڀ احتجاجي جلوس جي شڪل ۾ برنارڊشا جي در تي پهتا.

برنارڊشا هنن کي چيو: "مٿو ٿڌو رکڻ سان منهنجو مطلب هو ته مون کي ڪاوڙ ڪڏهن به نٿي اچي ۽ پير گرم رکڻ سان منهنجي مراد هئي ته آئون هميشه پنڌ هلان ٿو")

- تنهنجي صلاح پنجن ڊالرن مٽ آهي، پر تنهنجو صبر ڏهن برابر آهي.
  (يعني جيسين ڪو صلاح نه گهري ته ماٺ ۾ رهڻ ڪپي)
- هاري ٻج ڇٽڻ تي ڪانگ ڪوٺي ڪڍڻ تي.

❑ ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ کان اڳ ڪراڙي ماڻهوءَ کي چڱيءَ طرح سوچڻ کپي.

(اهڙا بهادريءَ جا ڪم ڪرڻ کان اڳ انسان کي پنهنجو سُت سارڻ کپي ته آيا، هن ۾ ايتري سگهه آهي. ان ڪري سياڻا چوندا آهن جيڪو ڪم ڪري نه سگهجي، ان ۾ هٿ نه وجهجي. ان تان مون کي ”اڏامڻ نه اچي ته هٿ نه لائجي“ وارو چرچو ياد ٿو اچي، جيڪو ”ڪاوش“ اخبار ۾ ان جي ايڊيٽر محمدعلي قاضيءَ لکيو آهي:

هڪ همراهه پنهنجي طوطي سان گڏ هوائي جهاز ۾ سوار ٿيو. سفر دوران ايئر هوسٽس کي طوطي پنهنجي چهنب هڻي. مائيءَ پنيان مڙي ڏٺو ته طوطو هو ۽ مات ٿي ويئي. ٿوري دير بعد ايئر هوسٽس وري اتان لنگهي ته طوطي وري ڪيس ٺونگو هڻي ڪڍيو. مائيءَ ڪاوڙ مان پويان ڏٺو پر طوطي کي ڏسي ڪلي ڏنائين. مائيءَ کي جو ڪلندي ڏٺائين ته طوطي جي مالڪ سمجهيو ته قصو خير جو آهي. هاڻ جيئن مائي موصوف اتان لنگهي ته همراه ڪٽي ڪيس هٿ هنيو. هاڻ مائيءَ جو پويان ڏٺو ته هن پيري طوطو نه پري طوطي جو مالڪ هو. بس پوءِ ته مائي ايئر هوسٽس وٺي رڙيون. ڪيون ته جهاز جي پائليٽ سوڌو سڄو اسٽاف اچي گڏ ٿيو ۽ فيصلو ٿيو ته هلندي جهاز مان طوطي ۽ سندس مالڪ کي سزا طور ٻاهر اڇلايووجي. اهڙو فيصلو ٻڌي طوطو زور زور سان کلڻ لڳو. طوطي جي مالڪ ڪاوڙجي چيس:

اهو سڀ ڪجهه تنهنجي ڪري ٿيو تون ٺونگو نه هڻيس ها ته آءٌ به هٿ نه هڻانس ها.“

طوطي وراڻيس: ”مونکي ته اڏامڻ اچي ٿو. توکي اچي ٿو-؟ جي نٿو اچي ته پوءِ هٿ ڇو هنئي.“)

❑ جلدي کائڻ، جلدي مٽڻ، جلدي ڳٽڻ شايد هنر سمجهيو وڃي ٿو.

❑ انڌي کي نانگ جو ڪهڙو ڊپ.

❑ ٽن ڏينهن بعد دلپسند مهمان به مصيبت ثابت ٿئي ٿو.

(جيئن اڙدوءَ ۾ چوڻي آهي ته: ”دو دن مهمان تيسرے دن بلائے جان.“

سند وارن هڪ ڏينهن جي وڏيڪ رعايت ڪئي آهي ۽ چوٽي آهي، ”چار ڏينهن چاهه جا پوءِ وٽ پاسا واهه جا“)

- ❑ زندگيءَ جو سفر ڏکهو آهي ۽ پاڻ سان ڪنيل بار تمام گرو.
- ❑ ڏيڍرن پيٽان ڏيڍر ئي ڄمن ٿا.
  (ڪانوَن جو اولاد ڪانوَ ٿئي ٿو)
- ❑ ڦاسڻ کان پوءِ پکي جو افسوس ڪرڻ کهڙي ڪم جو ته جيڪر هو چار کان متي اڏامي ها.
  (ٻين لفظن ۾ ڦاٿي کان پوءِ ڦٿڪڻ کهڙو)
- ❑ سٺي گهوڙي لاءِ چهبڪ جو پاڇو به ڪافي آهي.
  (جيئن پاڻ وٽ چوٽي آهي ته ٽنوڻ ڪي ٽارو تازيءَ ڪي اشارو)
- ❑ شراب ۽ دير سان اتڻ انسان کي غربت ڏانهن جلد پهچائين ٿا.
- ❑ شراب غمن کي في الحال ميٽڻ لاءِ سٺو پهارو آهي.
- ❑ زال جي ڪرتوتن جي خبر مڙس کي اڪثر آخر ۾ ئي پوي ٿي.
- ❑ سٽڻ مان ڪپڙو ڪڍي قميص ۾ چتي هڻڻ.
  (اجائي محنت ڪرڻ، مسئلو قائم رهڻ)
- ❑ ڪجهه ديوتا انسان کي تباهه ڪن ٿا ته ڪجهه بچائين ٿا.
- ❑ ماٺهن جو وات بند ڪرڻ کان ٻتراج بند ڪرڻ سولي آهي.
- ❑ آسمان کان ڌرتي تائين ڏکهو اڳٺ.
  (تمام ڏکهي کهاٽي، اڻ ڪٽندڙ ڳالهه. اجائي بڪواس يا چتي ڪوريءَ واري ديگهه. ڪي وري ان مفهوم لاءِ“ رام ڪهاڻي“ استعمال ڪن)
- ❑ هٿين خالي دشمن خطرناڪ آهي، جو هن کي ڪجهه به وڃائڻ جو ڊپ ناهي.
- ❑ پوڙهين کي ويسر جي عادت آهي ۽ جوانن کي 'نه - سوچڻ' جي.
- ❑ ٻن گهاٽن دوستن جي وچ ۾ به ٿورو گهڻو تڪلف ضروري آهي.
  (هڪ ٻئي سان گهٽو گهرو ٿيڻ سٺي ڳالهه ناهي)

- ڊاڪٽر اهو ئي چاهي ٿو ته گهڻي ڪان گهڻا بيمار ٿين ۽ ٻانو اهوئي چاهي ٿو ته گهڻي کان گهڻا مرن.
- ڪمزور گهوڙو دانهن وڏي ڪري ٿو.
- بارش ڇنل جهوپڙيءَ جي ڇت تي گهڻي زور سان وسي ٿي.

(ڪمزور ڏڳيءَ تي ميڙ گهڻا)
- ڪتل جو گهر، گهٽيءَ جو ڪتو به سڃاڻي ٿو.

(چندي جو گهرئي پڌرو)
- خوشي ۽ خالي پيٽ جي دوستي ڪڏهن به ٿي نٿي سگهي.
- منحوس صورت واري کي ڪڏهن به دڪانداري ڪرڻ نه گهرجي يا چيني ان لاءِ چوندا آهن ته "جنهن کي کلڻ نٿو اچي اهو دڪان تي نه ويهي"
- سال جي پهرين ڏينهن تي گهر جي خرچ جو ڪاٿو ڪجي.
- شاديءَ جي پهرين ڏينهن تي زال کي درست ڪجي. ان لاءِ سنڌيءَ ۾ محاورو آهي، پهرين ڏينهن ٻلي مارڻ.

(هڪ همراهه پنهنجي دوست کان سندس زال جي فرمانبرداريءَ جو سبب پڇيو.

"مون شادي جي پهرين رات زال جي اڳيان ٻليءَ کي ماري وڌو. اهو ڏسي منهنجي زال ڊڄي وئي ۽ هاڻ منهنجو هر چيو مڃي ٿي." دوست ٻڌايس.

همراهه کي ڳالهه وڻي ۽ آن رات پنهنجي ڪمري ۾ ٻلي ويهاري ڇڏيائين ۽ موقعو ڳولي زال جي موجودگيءَ ۾ ٻليءَ کي ڪهاڙيءَ سان ٻه اڌ ڪري رکيائين.

اهو لقاءُ ڏسي، ڊڄڻ بدران زال بجا گهروڙي چيس: "ماريا! ٻلي جي مارڻي هئي ته پهرين رات ئي مارين ها. هاڻ ٽن سالن بعد هليو آهين ٻليءَ جو ساهه ڪڍڻ")

- ويندي دوزخ ۾ به پئسي جي هلي ٿي.

(مطلب اهو ئي ته اڄ جي دور ۾ هرڪو پئسي واري جو خيال ڪري

❑ گوڏن سان بہ صلاح ڪجي.

(جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ، ٻوڙن سان بہ صلاح ڪجي. معنيٰ هڪ معمولي کان معمولي ماڻهوءَ سان بہ صلاح ضرور ڪجي. ٿي سگهي ٿو هو ڪا ڪم جي ڳالهہ ٻڌائي وٺي جيڪا وڏي نقصان کان بچائي)

❑ جنهن وٽ ٿي پاءُ اٽو آهي ان کي پنهنجي زال جي مائٽن جي ڪاڻ ڪڍڻ نہ گهرجي.

(ڪوشس ڪري زال جي مائٽن اڳيان هٿ نہ ٽنگجي)

❑ بادام جي وڻ هيٺان عشق ۾ گهايل ڇوڪريءَ کي، چلهہ تي رکيل ديڳڙيءَ لاءِ بہ لمحو پل سوچڻ کپي.

(عشق جو نشو اهڙو آهي، جنهن ۾ ماڻهو خوابن خيالن جي دنيا ۾ غرق ٿيو وڃي ٿو ان هوندي بہ انسان کي گهرجي تہ دنيا جي ڪجهہ ضروري ڳالهين تي بہ ٿورو ڌيان ڌري)

❑ انسان عادتن جو غلام آهي.

(هڪ دفعو ڪابہ عادت پوي ٿي تہ ان مان جان ڇڏائڻ ڏکيو ڪم ٿيو پوي ٿو نہ فقط انسان عادت جو غلام ٿيو پوي پر منهنجي خيال ۾ ڪيترا جانور بہ عادت کان مجبور ٿيو پون. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "عادت عضوو آهي."

هڪ ٽانگي واري ٿوري ٿوري دير بعد لهي گهوڙي اڳيان شرنائي وڄائي نچيو ٿي. مسافرن پڇيس تہ هي ڇا ٿو ڪرين. وراڻيائين:

"هي سرڪس جو گهوڙو آهي. عادت کان مجبور آهي. ٿوري ٿوري پنڌ بعد جيسين هن اڳيان ڪو نچي نٿو تيسين هلي نٿو")

❑ ٻيڙيءَ جي چور کي ٻيلي ۾ ڳولڻ.

(پنهنجي بيوقوفيءَ جو ثبوت ڏيڻ. ظاهر آهي ٻيڙيءَ جو چور ٻيڙيءَ سميت پاڻيءَ تي ئي هوندو. ٻيڙيءَ کي مٽي تي رکي شهر جو رخ تہ هرگز نہ رکندو. ان تان مون کي حضرت ابراهيم بن آدم جو قصو ياد اچي ٿو. هي بزرگ شروع وارن ڏينهن ۾ بلخ جو بادشاهہ هو. هڪ رات پنهنجي

محل ۾ سنو پيو هو تہ آڌيءَ رات جو اوچتو هن جي اک کلي. خبر پيس تہ ڪو ماڻهو سندس محل جي ڪڏ تي هلي رهيو آهي. پاڻ رڙ ڪري پڇيائينس: ”تون ڪير آهين ۽ هتي هن وقت ڇا ڪري رهيو آهين؟“

هن شخص جواب ڏنو: ”آئون تنهنجو دوست آهيان ۽ هتي توهان جو اٺ پيو ڳوليان.“

پاڻ ڏاڍي تعجب مان فرمايائين: ”ڀلا اهو بہ ڪو ٿي سگهي ٿو تہ ڪڏ تي اٺ ملي!“

هن شخص ٿهہ پهہ جواب ڏنس: ”تہ پوءِ ڀلا اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اطلس ۽ زرين جا وڳا پائي عيش عشرت ۾ ننڊون ڪرڻ واري کي محل ۾ خدا ملي وڃي؟“

بئي ڏينهن ئي پاڻ تخت ۽ تاج کي ٺڏي ڇڏيو ۽ فقيرن وارو وڳو پائي شهر کان ٻاهر هليو ويو)

- ❑ ڪنجوس ماڻهو ميڻ بتي بچائڻ لاءِ پنهنجي آڱر بہ ساڙڻ چاهيندو.

(جيئن اسان وٽ چوڻ آهي تہ ڪنجوس چاهيندو آهي تہ چمڙي وڃي پر دمڙي نہ وڃي)

- ❑ ڪانگ تي بہ عشق جو ڀوت سوار ٿي سگهي ٿو.

(ٻهاڪي واري جو شايد اهو مطلب آهي تہ عشق اها شيءِ آهي، جنهن جي چڪر ۾ نہ فقط انسان پر جانور بہ ڦاسيو پون. جيئن مثال مشهور آهي تہ هڪ دفعي نظر جي ڪمزور ڪمي هڪ نوجيءَ جي ترندڙ ٽوپلي کي ڪڇون سمجهي ان تي عاشق ٿي پئي هئي)

- ❑ پستا بہ ٿا پنهنجو قد ڀيٽين.

(پستو جنهن جي ڏيگهہ بادام، اخروٽ ۽ نيزي کان بہ ننڍي آهي، انهن جو پنهنجو پاڻ ۾ قد ماپڻ ائين آهي جيئن ڪوجهي شڪل جا پنهنجو پاڻ ۾ سونهن جو مقابلو ڪن)

- ❑ چانڊوڪي راتين ۽ سٺي رڌل ڀت کائڻ کان ڪير بيزار ٿيندو.

(جپان ڀت کائيندڙ قوم آهي. جپان ۾ چانور ’ان- نور‘ آهي.

- ❑ مٺي پاڻيءَ جو کوهه جلد سڪي ٿو.
- ❑ ظالم حاڪم شينهن کان به خطرناڪ ٿين ٿا.
- ❑ فيصلو ڪرڻ کان اڳ ٻنهي ڌرين جي ڳالهه ضرور ٻڌڻ کپي.
- ❑ بک هڪ ماڻهو ماري ٿي، شراب هزار ماڻهو.
- ❑ هر پسونءَ کي هن جي اڌ جيترو روح آهي.
- ❑ جيڪي درياهن تي رهن ٿا، انهن کي درياهه ۾ ئي ٻڏڻو آهي.
- ❑ عورت اها وفادار جيڪا دير تائين جاڳي مڙس جو انتظار ڪري.

(گهٽ ۾ گهٽ جپاني مرد اهو چاهي ٿو ۽ جپاني عورت ئي اهڙي وفاداريءَ جو ثبوت ڏئي سگهي ٿي. هن ماڊرن دور ۾ جڏهن هند سنڌ ويندي عرب ملڪن جا ماڻهو به پنهنجين زالن کي دعوتن پارٽين ۾ پاڻ سان گڏ وٺي هلن ٿا، اتي اڄان تائين، جپاني مرد ڪوشش ڪري اڪيلو نڪري ٿو يا گرل فرينڊ/ محبوبه سان گڏ دعوتون ڪائي ٿو ۽ جپاني زال صبر ۾ گذاري ٿي. حيثيت وارا جپاني مرد آفيس يا ڌنڌي ڌاڙيءَ تان شام جو گهر موٽي پوءِ تيار ٿي شام ملهائڻ لاءِ اڪيلا ڪلبن ۽ پارٽين ڏي رخ رکن. پوءِ رات جو دير سان نشي ۾ دت گهر پهچن. سندن زالون ڪَهيوُن کولي بوٽ لاهينديون ۽ پوءِ کين ڊگهو ڪري کٽ تي سمهارينديون. صبح جو آفيس وڃڻ وقت کين اڳواٽ اٽي تيار ڪيل لنچ جو ٽفن ڏيئي مرڪي موڪلائينديون. ان کي هو نارمل زندگي سمجهن ٿيون. ڪيترين کي ته اها به خبر ناهي ته ڪيترن ملڪن ۾ مڙس جي دير سان اچڻ تي سندن زالون لاهي موچڙو بيهنديون آهن. جيئن هي مثال آهي:

هڪ صاحب کان سندس دوست پڇيو: "ڪالهه رات جڏهن تون نشي ۾ مست ٿي دير سان گهر پهتين ته تهنجي زال ڇا چيو؟"

هن صاحب ڪکو وکو ٿي جواب ڏنو: "ڪجهه به نه! ۽ هي اڳيان ڏند ته هونءَ به آئون ڏينهن ٻن بعد ڪڍائڻ وارو هوس.")

- ❑ سڪل هٿ کان آلي هٿ ۾ ٻاجهر جا گهڻا ڪڻا اچن ٿا.

(جيئن چيني زبان ۾ چوڻي آهي ته سڪل آڱر تي ڪهڙو لوڻ لڳندو)

ٿائيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ ڪاسائي به ڪو ہڏ نظر نہ ايندو. اتي ہڏن جو رهنما، يعني ہاٿو ہانيڻ ڪيئن ٿو جنگ جي ڳالهہ ڪري سگهي، جنهن ۾ انسان انسان کي ماري ٿو)

- ❑ هڪڙي ئي ڏينهن جا ٻہ صبح نٿا ٿي سگهن.
- ❑ غريب ماڻهو اهو ئي چاهي ٿو تہ ڪيس زال سٺي ملي.
- ❑ ڪاوڙ کي پنهنجو دشمن سمجهڻ وارو سياڻو آهي.
- ❑ چڙ جا تکا ماڻهو دل جا سنا ٿين ٿا.
- ❑ ذلالت جي زندگيءَ کان موت سٺو آهي.

اها چوڻي سنڌيءَ ۾ ان طرح مڪمل آهي تہ ذلالت جي زندگيءَ کان عزت جو موت بهتر آهي.

- ❑ هر نئون نوڪر پهريان ويهہ ڏينهن سٺو ڪم ڪري ٿو.
- ❑ ڪتي کي توهان ٽي ڏينهن کاريو، ٽي سال هو توهان کي ياد رکندو.
- ❑ هزارين سولجر هڪ جنرل ناهين ٿا.
- ❑ نوڙهي جبل تي سڪل وڻ بہ سونهن آهي.
- ❑ عورت تي ڪڏهن بہ ڀروسو نہ ڪجي، ڀلي ڪٽي هن ست پٽ ڄڻيا هجن.

(جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان تہ ڏور اوير جي ملڪن ۾ بہ آفريڪا وانگر هر ڳالهہ جو الزام يا هر برائيءَ جي پاڙ عورت کي سمجهيو وڃي ٿو. جپان جي عورت هاڻ مڙئي معاشري ۾ عزت ماڻي رهي آهي نہ تہ هوءَ هميشه سورن ۾ رهي آهي)

- ❑ سگهڙ عورت کي خرچ جو بچاءُ ڪرڻ کپي.

(ڪيتري حد تائين بچاءُ يا ڪنجوسي ڪرڻ کپي، اها هر هڪ جي پنهنجي پنهنجي حد آهي. بہ چڙا پنهنجين زالن جي بچت ڪرڻ جي هڪ ٻئي سان تعريف ڪري رهيا هئا. هڪ چيو:

”منهنجي زال کي بچت جي ايڏي عادت آهي، جو جڏهن سندن ڪچو

پراڻو ٿيندو آهي ته ان کي اڇلڻ بدران منهنجي لاءِ ٺاهي رکندي آهي."
بي چيو: "اهو ته ڪجهه به نه آهي، منهنجي زال ته منهنجي پراڻي ٺاءِ مان پاڻ لاءِ ڪڇو ٺاهيندي آهي")

- چاهي هن کي ڪاڻ لاءِ ڪجهه نه مليو هجي ته به جنگجو Samuri پنهنجا ڏند ڪاڙيءَ Tooth- pick سان ڪوٽيندو نظر ايندو.

(ڏند ڪوٽڻ معنيٰ گوشت کاڌو اٿس، يعني نه هوندي به ڪوڙو شان رکڻ. جيئن چوندا آهن ته: ڪنگل آهيون ته به خان آهيون")

- اهو جيڪو اڪيلو گهمي ڦري ٿو اهو ديوتا آهي يا وري جانور.

(چوندا آهن ته انسان سماجي جانور آهي. هو ڪٽنب، ساٿين سنگتين سان گڏ گذاري ٿو. اڪيلو جانور ئي رهي سگهي ٿو)

- بهانا ۽ پلاستر هر شيءِ تي هلي سگهن ٿا.

- مالڪن کي وڙهندو ڏسي هنن جا ڪتا به وڙهڻ شروع ڪن ٿا.

- ڪوبه ڪٽنب ٽن پيڙهين کان وڌيڪ امير نٿو رهي.

(يعني اميري غريبي ايندڙ ويندڙ شيءِ آهي. پئسي تي ناز نه ڪجي. ٿي سگهي ٿو اڄ جنهن وٽ دولت آهي سڀاڻ اهو ڪنگال ٿي وڃي)

- اکيون به ايترو ئي ڳالهائي سگهن ٿيون، جيترو وات.

(بلڪ ڪيتريون ڳالهيون جيڪي وات سان بيان نه ڪري سگهجن، اهي اکين سان سمجهائي سگهجن ٿيون.

تڏهن ته طالب المولىٰ چيو آهي ته:

اکيون ۽ مينهن پئي نه اکر هيڪڙي،
هو موسم جو محتاج ٿيو، هي وسن راتو ڏينهن،
هن ۾ نرجا نينهن هو طالب! وسن هر وقت تي.

يعني عشق جي معاملي ۾ ته اکيون ئي ڳالهائين ٿيون، اکيون ئي التجا ڪن ٿيون، اکين کي ئي محبوب ڏسڻ جو انتظار رهي ٿو)

- بيواهه زال جي گهر ۾ تلها ڪونا نظر نه ايندا.

(ظاهر آهي مڙس بنان غريب عورت وٽ ايترو گهڻو نه هوندو)

ٿي ۽ ظاهر آهي، سندس پنيون اڌ ڪٽجڻ تي هن جي ڪا حيثيت نٿي رهي)

- چـٽيل گل وري موتي ٿاريءَ ڏي نٿو وڃي - اهڙيءَ طرح پگهل آرسي وري سچو اولڙو نٿي ڏئي.
- سرءُ جي آسمان وانگر ماڻهوءَ جي دل بدلجندڙ ٿئي ٿي.

(جيئن اسان وٽ چوڻي آهي تہ انسان جي دل ۽ درياهہ تي ڪهڙو ڀروسو)

- سچ ورلي سهڻو لڳي ٿو ۽ سونهن ورلي سچ ثابت ٿئي ٿي.
- ڀتين کي ڪن ٿين ٿا ۽ بوتلن کي وات.
- ڪوڙ بي ٽنگو ٿئي ٿو پر اسڪينڊل کي کنڀ ٿين ٿا.
- گهر ۾ شينهن ٻاهر ڪوئو.
- سٺي هنرمند کي نوڪري ڳولڻ جي ضرورت ناهي.

(هن وٽ ماڻهو هلي اچن ٿا)

- عورت جي زبان اهو خنجر آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ ڪٽ نٿي لڳي.

(ٿي سگهي ٿو اها چوڻي ڪنهن لوهار ناهي هجي. عورت کي هر ماڻهو پنهنجي نموني سان ڏسي ٿو، جيئن هڪ هنڌ "عورت - عوام جي نظر" ۾ پڙهيو هوم جيڪو ڪجهہ هن ريت آهي:

بقول ڪاسائيءَ جي: "عورت اها ڪاتي آهي، جيڪا ذبح تہ ڪري ٿي پر رت نٿي وهائي."

بقول صحافيءَ جي: "عورت خبرون ٺاهڻ جي مشين آهي."

بقول شاگرد جي: "عورت اهو ڪتاب آهي جيڪو هر مرد جي سليبس ۾ شامل آهي."

بقول ڌوبيءَ جي: "عورت اهو ميرو ڪپڙو آهي جيڪو تعريف جي صابڻ سان ڌوئي سگهجي ٿو."

بقول بورچيءَ جي: "عورت اها ديگڙي آهي، جيڪا فيشن جي چلهہ تي سڙي ٿي."

بقول ڊرائيور جي: ”عورت اها گاڏي آهي، جنهن جون بريڪون اڪثر خراب رهن ٿيون.“

بقول درزيءَ جي: ”عورت اهو لباس آهي، جيڪو پرائو ٿيڻ تي ڏسڻ جهڙو ٿو رهي.“

بقول سائنسدان جي: ”عورت اها چقمق آهي، جنهن جي ڪشش کان ڪوبه مرد محفوظ ناهي.“

بقول شاعر جي: ”عورت قدرت جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. جنهن جي پهرين ايڊيشن حوا جي ناليِ سان دنيا جي مارڪيٽ ۾ آئي.“

بقول فلمساز جي: ”عورت هڪ ئي وقت محبوبا ۽ زال جو رول ادا ڪري نٿي سگهي.“

- ميڙ کي ڏسي پوءِ ان موجب واعظ شروع ڪجي.

(يعني جنهن قسم ۽ سطح جا ماڻهو هجن، انهن جي ذهني سوچ مطابق ليڪچر ڏجي يا ”مُنهن ڏسي مڻائي گهرجي“)

- ٻليءَ لاءِ نوٽ ڪهڙي حيثيت رکن ٿا.
- ٻرندڙ ٻوڙها قرض تہ نہ لاهي سگهندا.
- ڪوٺ ۽ ڪتلي پرائي ٿيڻ تي سٺي خدمت سر انجام ڏئي ٿي.
- ٿڌي نهار ۽ ٿڌي ڪيڪار کان ٿڌو پت ۽ ٻڌي چانهن بهتر آهي.
- گهٽ خرچائو زال سان شادي ڪجي پوءِ پلي ان جي ٻولا ۾ سڄو بوٽ گسي وڃي.

(۽ پلا مڙس ڪهڙو هجي؟ ڊاڪٽر، انجينيئر، سائنسدان يا ڪو ٻيو؟)

زال پنهنجي مڙس جي ٿائي کي محبت سان لوڏيندي چيو:

”توهان ڪڏهن بہ رومانٽڪ نٿا ٿيو. مون واري فلاڻي ساهيڙيءَ جو مڙس تہ هر وقت هن کي چنبڙ، تارو ۽ هير جهڙن رومانوي لفظن سان سڏي ٿو. توهان مونکي ڪڏهن ڊيگي تہ ڪڏهن ٻڪري يا رڍ چئو ٿا.“

مڙس جواب ڏنس: "تنهنجي ساهيڙيءَ جو مڙس ماهر فلڪيات آهي ۽ توکي تہ خبر آهي تہ آئون ڊاڪٽر آف ڊور يعني جانورن جو ڊاڪٽر آهيان.")

- ❑ گل جي خوشيءَ ۾ پوپٽ کي ڪوريئڙي جو چار نظر نٿو اچي.
- ❑ پيار آهي تہ محبوبا جي منهن تي نڪتل ڦرڙي بہ تر لڳي ٿي.
- ❑ ماڪوڙيءَ لاءِ چند ڦڙيون مينهن جون بہ ٻوڏ مثال آهن.
- ❑ جڏهن عقاب ننڍون ڪن ٿا تڏهن ننڍڙا پکي سک سان لاتيون لنون ٿا.
- ❑ زندگيءَ جا چار ڌهڪاءَ آهن: زلزلو، گوڙ، باهہ ۽ پيءُ.
- ❑ غربت چار سؤ چئن بيمارين کان بہ خراب آهي.
- ❑ شاعري عورت ۽ مرد جا تعلقات بهتر ڪري ٿي.

(ياد رهي تہ شاعري ۽ نہ شاعر. يوڪوهاما (جپان جي هڪ شهر) جي بڪ اسٽال تان ڪتاب وٺي رهيو هوس تہ پر ۾ بيٺل هڪ جپاني ڇوڪريءَ پنهنجي لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب ورتو.

"شادي شده آهيو؟" مون پڇيو مانس.

"نہ." هن ورائيو.

"پڪ توهانجو آئيڊيل مڙس شاعر هوندو."

"باهہ ڏيان شاعر کي. ان کان تہ ڪنهن رازي، وادي، ڪنيار يا لوهار سان شادي ڪرڻ پسند ڪنديس. ها البت شاعري پسند اٿم.")

- ❑ رڏل پٽ وٽن تي نٿو ڦٽي.
- ❑ مائٽ بيوقوف، يار علقمند.

(جيئن پاڻ وٽ چوٽي آهي تہ "پلن پيٽان ڍلا، ڍلن پيٽان پلا." تيئن جپانيءَ ۾ مٿين چوٽي آهي تہ "اويا باڪا، ڪوريڪو.")

- ❑ گهٽ لاڏڪوڏ ۾ پليل عورت وڌيڪ چاهي ٿي.
- ❑ جبل جي سونهن سندس اوچائيءَ ۾ نہ پر ان تي بيٺل وڻن ۾ آهي. ماڻهوءَ جو مان سندس تولهہ جي ڪري نہ پر سندس عقل جي ڪري آهي.

- بيوقوف کان وڌيڪ ٻي ڪا خطرناڪ شيءِ ناهي.
- ڪنجين جي ڀيري تي چور وهارڻ.
  (پنهنجي جلدي پينگ ڪرائڻ)
- رئنڊڙ ٻار ۽ مئجسٽريٽ تي ڪنهن جو وس.
- مري ويل ٻار جي عمر ڳڻڻ.
  (اهو ڪم ڪرڻ جنهن مان ڪو فائدو نه هجي)
- جيڪي جيئن ٿا، انهن کي ضرورو مرڻو آهي.
  جيڪي ملن ٿا، انهن کي ضرور وڇڙڻو آهي.
  (جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي:
  We meet to depart & depart to meet.
- عورت جي پيار حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن شين جي ضرورت آهي. "اِچي اوشي." (ڀهرين همت)، "ني ڪاني (ٻي دولت) ۽ "سان اوتوڪو." (ٽي شڪل شبيهه)
- ڀهرين نمبر تي بيضوي منهن پوءِ گول.

(اهي جپاني عورت جي منهن جا درجا آهن. يعني ڀهرين نمبر تي سهڻي شڪل واري اها آهي جنهن جو منهن بيضوي آهي ۽ ٻي نمبر تي گول منهن واري. ان بعد ٽئي نمبر تي اچي ٿو ٽانگهو منهن، چوٿين تي چورس ۽ پنجين تي ڏگهو منهن. اهو جپاني ٻهاڪو ٻڌي پنهنجي ننڍي ڪنڌ جي سونهن ۽ سيرت جو معيار ۽ عورت جا چار قسم ڏيان ۾ اچن ٿا. پدمٽي، ڪامٽي، استري ۽ آخري نمبر تي شنڪٽي.

چوڻي آهي ته:

پدمٽي تو پلڪ نيندر، پهر نيندر ڪامٽي.
اڌ*رات جاڳي استري اور سورج جاڳي سنڪٽي.

يعني پدمٽي فقط پل اڌ ننڊ ڪري ٿي ۽ ڪامٽي پهر ڪن. استري اڌ رات سمهي پوءِ اٿي ٿي ۽ سنڪٽي سج ايرڻ تائين سمهي ٿي

وڌيڪ آهي ته:

پدمڻي تو سات برسي، پانچ برسي ڪامڻي
تين برسي استري اور بارهين ماسي سنکڻي.
پدمڻيءَ جهڙي نازڪ ۽ خوبصورت عورت سگهو سگهو بار نٿي جڻي، پر ستن سالن ڪانپوءِ جڻي ٿي. ڪامني پنجن سالن جي انٽرول ڪانپوءِ، استري ٽن سالن ڪانپوءِ ۽ سنکڻي هر ٻارهين مهيني)

- ❑ باندر ٻئي باندر جي ڳڻي ڏسي کلي ٿو.

(جيئن پاڻ وٽ چوٽي آهي تہ "مينهن چوي رڍ کي هل ڙي پڇ ڪاري هل." تيئن جپانيءَ ۾ مٿين چوٽي آهي تہ: سارو نو شري ورائي.")

- ❑ منل ڪوئي کي ڪتي بہ دفن ڪري سگهجي ٿو.
- ❑ سک مان ڏک ڦٽي ٿو ۽ ڏک مان سک.
- ❑ لاهين پنيان چاڙهيون ۽ چاڙهين پنيان لاهيون.
- ❑ جيڪو پئسا کسي ٿو اهو جيل ۾ وڃو وڃي ٿو، پر جيڪو حڪومت کسي ٿو اهو شهنشاهہ سڏيو وڃي ٿو.
- ❑ مهلن تي دوست ئي مدد ڪن ٿا.

(پر دوست جي ضرور پڪ ڪجي تہ دوست ئي آهي يا دوست جي روپ ۾ دشمن.

شام جي وقت مڙس گهر ۾ گهڙيو تہ زال پوسٽ ۾ مليل لفافو هٿ ۾ ڏنس، جنهن ۾ رات جي فلم شو جون ٽڪيٽون هيون. لفافي جي ٻاهران لکيل هو. ڀلا ٻڌايو تہ ڪهڙي دوست وٽان آهن؟

زال مڙس ٻن ڇئن ڄڻن جا ڏڪا هنيا تہ فلاڻي يا فلاڻي دوست موڪليون هونديون. اتي فلم شروع ٿيڻ جو وقت بہ اچي پريو هو سو اهو فيصلو ڪيائون تہ جلدي هلي فلم تہ ڏسجي پوءِ پيا معلوم ڪنداسين تہ ڪهڙي دوست موڪليون آهن.

هنن جي فلم تي وڃڻ تي پنيان چور آيو سو الهہ تلهہ چٽ ڪري وين. هي جڏهن فلم تان موٽيا تہ سندن ناالي لفالو پيو هو.کولي ڏسن تہ اُن ۾ لکيل هو:" هاڻ تہ خبر پئجي ويئي هوندو تہ ڪهڙي دوست فلم جي ٽڪيٽ موڪلي.")

- ڏارئين جي باغ جو گلاب هميشه وڌيڪ ڳاڙهو لڳي ٿو.
- جيڪڏهن توهان کي پٽ سان پيار آهي ته هن کي سفر ڪرڻ ڏيو.
- ان گهر ۾ جتي سچو ڏينهن گهر جا ڀاتي ساز سرندا وڄائيندا رهن، ان جي رڌڻي ۾ ڪائڻ لاءِ ڇا هوندو.
- سهڻي عورت کان ايترو ئي پري ڀڄڻ کپي جيترو ڳاڙهن مرچن کان.
- ڏڪاريل ڀار کي ڪنهن جو به ڊپ نٿو ٿئي.
- ٻليءَ جو نڪ ۽ عورت جون ڏڙيون هڪ جيتريون ٿڌيون رهن ٿيون.
- نوَ سؤ نوانوي نڪ ڪٽيل پولڙا نڪ واري پولڙي تان کلن ٿا.
- ڪوهه ۾ ڏيڏر جي ٻچڙي ٽان ٽان سندس محبوبا لاءِ منو راڳ آهي.
- عورت جي سوچ سندس نڪ تائين رهي ٿي.

(يعني ڪو گهڻو نٿي سوچي. ٻين اکرن ۾ عورت بي عقل آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي:" عورت جو عقل ڏاڻي ڪڙيءَ ۾ ٿئي ٿو.")

- شاعري ڪرڻ کان بهتر آهي ته چانور پوکجن.

(بيت پڙهيل آهي ته شاعري به پوءِ سمجهه ۾ اچي ٿي. بهتر اهو آهي ته محنت ڪري اهو ڪم ڪجي جنهن سان بيت پڙهي سگهجي. ان بعد ٻيا شوق ڪجن)

- تتر پنهنجو منهن ته لڪائي ٿو، پر پڇ جو خيال نٿو رهيس.

(هي ائين آهي جيئن شتر مرغ جيڪو پنهنجو منهن مٽيءَ ۾ لڪائي سمجهي ٿو ته ڪيس ڪير نٿو ڏسي ۽ جهلجيو پوي)

- ڪڏهن ڪڏهن پولڙا به وڻن تان ڪريو پون.

(عقلمند ۽ قابل ماڻهن کان به غلطيون ٿي سگهن ٿيون)

- سفر هميشه ڪنهن ساٿيءَ سان ڪجي ۽ جي اهو زندگيءَ جو سفر آهي ته نهنائيءَ سان ڪجي.

(ٻين لفظن ۾ زندگيءَ جي سفر ۾ هڪ ٻئي جو خيال رکڻ کپي ۽ سٺو سمجهوتو هجڻ کپي، پر ڪڏهن هيئن به ٿيندو آهي:

هڪ مئنيجر پنهنجي سهڻي سيڪريٽريءَ کي چيو:

”هاڻ شادي تہ پاڻ ڪري ورتي آهي، اها ڳالهہ منهنجي زال کان ڳجهي رکجاڻ ۽ هوشيار رهجاڻ جيڪڏهن هن کي پنهنجي شاديءَ جي خبر پئجي وئي تہ هوءَ پنهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندي.“

سيڪريٽريءَ مرڪندي چيو: ” توهان کي بہ منهنجي مڙس کان خبردار رهڻو پوندو ڇو تہ هو وڏو ظالم انسان آهي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ ڪڍيو پستول ڪڍي.“)

- پيءُ جي دعا جبل کان بہ مٿاهين آهي، ماءُ جي دعا سمنڊ کان بہ گهڻي اونهي آهي.
- بيوقوف ماڻهوءَ جو ڪو علاج ناهي.
- پنهنجن چڱن اعمالن ذريعي پنهنجن وڏن جي ناموس وڌائڻ کپي.

(پر اسان جهڙي ترقي پذير ملڪن ۾ پنهنجن وڏن جي چڱن ڪمن تي پاڻ پڏايون ٿا)

- زالون ۽ تڏا جڏهن نوان آهن تہ سٺا لڳن ٿا.
- هر سهڻي چمڙي واري عورت ۾ ست نقص بہ آهن.
- جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائي قبول ڪري ٿو، اهو هڪ دفعو ظاهر ٿئي ٿو، پر اهو جيڪو پنهنجي اڻڄاڻائيءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هو هر وقت ظاهر ٿيندو رهي ٿو.
- ڪنڇي ۽ بيوقوف ماڻهو سان خيال سان هلجي.
- اڏاري آندل ٻلي شايد ئي ڪو ڪوئو جهلي.

(پنَ جي ماني کائڻ وارو کائو ملهہ ڇا وڙهندو)

- ڏهہ ماڻهو تہ ڏهہ خيال.
- جيڪو ماڻهو گهڻيون زالون رکي ٿو، اهو جهٽ ڪٽي پئي ٿو.
- هر ماڻهو ولايت وڃڻ وقت پنهنجا اخلاق گهر ۾ ڇڏيو وڃي.
- جنگجو ۽ سون ٻلي ڪٺي ائين پيو هجي تہ بہ انهن تي ڪَٽُ نٿي چڙهي.
- مرڻ وقت هر ڪو سچ ڳالهائي ٿو.

- افواهہ يڪدم وڏيو ٿيڻ ٿيو پوي.
- ڏارئين تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪريو. ٿي سگهي ٿو هو چور هجي.
- پنهنجي تعريف جڏهن ماڻهو پاڻ شروع ڪري ٿو تہ پوءِ ٻيو هرگز نٿو ڪري.
- اڪيلائيءَ ۾ انسان کي پنهنجي ضمير سان سچو هئڻ کپي.
- انسان پاڻ هڪ ڀيري جيئي ٿو، پر سندس نالو ڪيترين ئي ڀيرن زنده رهي ٿو.
- سٺيون تجويزون ڪاڪوس ۾ سوچڻ سان اچن ٿيون.
- اوندهہ ۾ يا پري کان بيٺل هر عورت سهڻي لڳي ٿي.
- اهو ڪاسائي جيڪو رڍ جي منڍي ٽنگي ڪتي جو گوشت وڪڻي ٿو. (بدديانت واپاري)
- هرڪو مڙس اهو سمجهي ٿو تہ سندس محبوبا حسن جي چيني ديوي يانگ ڪنائي فاءِ جهڙي آهي.
- گهڻو نرم دل ٿيڻ بہ سٺي ڳالهہ ناهي.

(چوندا آهن تہ نہ ايترو ڪڻو ٿجي جو هرڪو ٿوڪاري ڇڏي ۽ نہ ايترو مٺو ٿجي جو هرڪو ڳهي وڃي)

- درياهہ ڪٽي اونهو نہ هجي، پر خبرداريءَ سان پار ڪجي.
- وڏيون اميدون ڪڏهن ڪڏهن مايوسي آڻين ٿيون.
- اونهارو ختم ٿيڻ تي وڻ جي ڇانوَ وسريو وڃي. (ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو)
- تڪڙي فقير کي ٿورو ملي.
- وڏو پٽ ڪٽي بيوقوف هجي پر هن جو گهڻو خيال رکيو وڃي ٿو.
- بيوقوف پريشانين کان ڇٽل رهن ٿا.
- پنهنجو پاڻ کي فيوجي جبل سان ڀيٽڻ. (پنهنجو پاڻ کي وڏو ماڻهو سڏرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ)

# الطاف شيخ جو تازو شايع ٿيل سفرنامو

## يورپ جا ڏينهن، يورپ جون راتيون

هن ڪتاب مان ڪنيل: پندرهن ويهه سال اڳ تائين هي يورپي بندرگاهه اگهاڙپ، اگهاڙن ناچن، اگهاڙين فلمن، چڪلن کان مشهور هئا جن ۾ مڪاني ڏچ، جرمن، پولش، ڊئنش ڇوڪريون پنهنجي جسم جي نمائش يا سودي بازي ڪنديون هيون. هاڻ يورپ جي ايڪانامي اها خراب نه رهي آهي جيڪا ٻي وڏي لڙائيءَ کان پوءِ ڪيترا ڏهاڪا سال رهي. هاڻ ته اهو ڦيرو آيو آهي جو گس ويندي به ڪا يورپي ڇوڪري نٿي ڳالهائي. مجبوري ۽ غربت انسان کي چور ۽ رنڊي بنائي ٿي. اڄ يورپ جو غريب به سکيو ستابو آهي. بندرگاهن واريون گهٽيون جيڪي يورپي عورتن جي چڪلن ۽ ناچ گهرن سان ڀريل هونديون هيون، انهن ۾ هاڻ آفيسون ۽ دڪان ٿيندا وڃن ۽ جيڪي ڪجهه چڪلا ۽ ناچ گهر ايڪڙ ٻيڪڙ آهن، انهن ۾ ورلي ڪا يورپي عورت جسم جي نمائش يا سودو ڪري ٿي. مون نائيٽ ڪلبن جي ٻاهران لڳل اڌ اگهاڙين نچندڙ عورتن جا فوٽو غور سان ڏٺا، منجهن ڪا به يورپي عورت نظر نه آئي. ٿائي، فلپينو، چيني ۽ آفريڪن ملڪن جون هيون. يورپي توڙي ايشين آفريڪن ڪا به عورت خوشيءَ سان رنڊي نٿي ٿيڻ چاهي. "ڪيس ۽ سندس ٻچن جي سارسنڀال لاءِ سندس مڙس، سندس معاشرو، سندس ملڪ عزت جا ٻه ويلا مهيا ڪري ته هوءَ ڪڏهن به جسم جو سودو نه ڪري." ٽيونيشيا جي هڪ عورت جو اخبار ۾ بيان آيو هو ته هوءَ پنهنجي ملڪ ۾ نرس هئي. "پوءِ ٻاهر نوڪري ڏياريندڙ ايجنسيءَ جي لالچ ۾ آئون ان نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي، رڪيل پئسو پونجي ايجنٽ کي في ۽ ٽڪيٽ طور ڏئي جڏهن فرانس پهتس ته خبر پئي ته مون کي اتي جي اسپتال ۾ سٺي پگهار تي نرس تي ڪم ڪرڻ بدران شراب خاني ۾ روزانو گراهڪن کي خوش ڪرڻو آهي. مون گهڻو ئي Protest ڪيو، پر مالڪ مون کي ڇٽ ۽ لٺ ڏيڪاري ميڙائڻ لڳو. ڀڄي وڃڻ جي راهه نه هئي جو مون کي غير قانوني طور آندو ويو هو ۽ پاسپورٽ پهرين ڏينهن کان مالڪ پاڻ وٽ سوگهو ڪري ڇڏيو هو. پوليس ۾ ڊاڻهن ڪٽي وڃڻ تي پوليس پنهنجي ملڪ جي ماڻهوءَ جو پاسو ڪٽي غير قانوني آيل کي جيل روانو ڪري ٿي ۽ ان بعد هتان خالي ملڪ پهچڻ جو الڳ خوف. ان هوندي به هڪ ٻه دفعو ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي مون کي سخت ماريو ويو. هاڻ ان نشي ۾ اهڙي سوگهي ٿي وئي آهيان جو منهنجو ڏينهن رات فقط اهو مقصد رهيو آهي ته نشو حاصل ڪريان ۽ ان لاءِ پلي مون کي ڇا به ڪرڻو پوي."

